پونر پري آڪاس

شيخ اياز

پونر پېري آكاس

ڀونر ڀري آڪاس

(شاعري)

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1989ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **هڪ سؤ**

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.
ٻيون ايڊيشن	1989ع
پهريون ايڊيشن	جون 1962ع
ڇپائيندڙ	پاڪستان رائيٽرس گلڊ، اسٽريچن روڊ، ڪراچي.

قيمت 50/- رپيا

آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان 70/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

BHANWAR BHIRAY AKAS (Poetry) written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition June 1962. Second Edition 1989. Price Per Copy Rs. 50/-

انتساب

محمد ابراهيم جوبي جي نالي

- ڪنهن ڪنهن مالهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي

- شاهه

فهرست

	صفحو
١- بيت	١
٢- دوها	٢٩
٣- گيت	٤٩
٤- ڇيڇ	٨٩
٥- وايون	٩١
٦- آزاد نظم	١٠٥
٧- نظم	١٢٣
٨- قطعا	١٨٠
٩- غزل	١٨٦

پيش لفظ

منهنجو ١٩٤٧ع کان اڳ جو لکيل اڻ-ڇپيل ڪلام ڇاپي ٿي چڪو آهي. هن مجموعي ۾ منهنجو ڪجهه ١٩٤٧ع کان اڳ جو ڇپيل ڪلام، ۽ اُن کان پوءِ لکيل، ڇپيل ۽ اڻ-ڇپيل، ڪلام شامل آهي.

١٩٤٧ع کان اڳ جو اڻ-ڇپيل ڪلام منهنجي زهر آلود تبسُم جي آڳ ۾ جلي ويو. اُن لاءِ ذميوار آها بي انتها مايوسيءَ جيي 'اکر اڳيانءِ آپزي، واڳو ٿي وريام' واري ڪيفيت هئي، جنهن جو تفصيل فقط منهنجي زندگيءَ جي ڪنهن زخم پنهان کي تازو ڪندو، باقي ڪنهن خاص دلچسپيءَ جو باعث نہ ٿيندو.

منهنجي بيت جي هيئت قديم شاعريءَ جي بيت جهڙي آهي، باقي اُن جي موضوع ۾ جدت آهي. بيتن ۾ ڪم آندل ٻولي ٺيٺ سنڌي آهي، ڇو تہ بيت جي ٻوليءَ ۾ فارسي آميزيءَ جي گنجايش بلڪل نہ آهي ۽ هندي آميزيءَ جي گنجايش بہ گهٽ

آهي. بيت سنڌي زبان جي منفرد صنف سخن آهي. شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ جي مقفيٰ شعر ۾، هر قافيه لفظ ائين سٽ جي وچ ۾ ملندا، جيئن بيت ۾ آهن. اهو سنڌي بيت جو ڪمال آهي ته اُن جي ٻهرينءَ ۽ پوئينءَ سٽ جي آخر ۾ نه قافيو آهي نه رديف، پر اُن جي باوجود بيت ۾ ترنم ۽ هم آهنگي ٻيءَ هر صنف سخن ڪان زياده آهي. اهو خيال غلط آهي ته سنڌي بيت ناموزون شعر آهي، جيتوڻيڪ اُن جو فارسي بحر وزن سان ڪوئي به تعلق نه آهي. بيت جي تقطيع به ايتري پختگيءَ ۽ گرفت سان ٿي سگهي ٿي، جيتريءَ سان ٻيءَ ڪنهن صنف سخن جي ڪئي وڃي. دراصل سُٺي سنڌي بيت جي تخليق نهايت مشڪل آهي، ۽ سٺو بيت اهو ئي لکي ٿو سگهي جنهن کي روح ۾ رواني ۽ ٻوليءَ تي بي انتها قدرت هجي. سنڌي بيت الهامي شعر آهي، آيت آهي.

مون سنڌي بيت کي تصوف ۽ رواياتي شاعريءَ جي ڍير مان ڪڍي، اڇو اجرو ڪري، نئين رنگ ۽ روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها ڪوشش ڪيستائين ڪامياب آهي، اُن جو منصف مان نه آهيان.

منهنجي وائي جي هيئت ۽ موضوع ٻئي جداگانه ۽ جديد آهن. وايون فارسي بحر ۾ آهن، پر انهن ۾ قديم وائيءَ جو تسلسل آهي، جو درحقيقت وائيءَ جي صنف سخن جي جان آهي. وائيءَ ۾ اڌ سٽ يا پوريءَ سٽ جو مسلسل تڪرار، اُن جي مرڪزي ڪيفيت نمايان ڪري ٿو. هن مجموعي ۾ دوهي ۽ گيت جو موضوع به ڪلاسيڪي دوهي

۽ گيت کان زيادهہ وسيع آهي. ڪوئي ٻہ دوھو يا گيت ڪنهن ٻہ هندي يا اردو دوهي يا گيت جي تقليد نہ آهي، جيتوڻيڪ مون انهن جي مخصوص مزاج برقرار رکڻ ۽ هندي آميز زبان سان انهن جي مخصوص ڪيفيت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

نظم ۽ آزاد نظم ۾ ٻہ مون ترنم ۽ نغمگي برقرار رکڻ چاهي آهي. ترنم جي تخليق لاءِ نہ قافيو لازمي آهي ۽ نہ نظم جي ڪائي خاص هيئت. آزاد نظم شعري ڪيفيت جو آزادانہ جولان آهي ۽ نہ بي راهروي، جيئن عام طرح سمجهيو ويندو آهي. در اصل آزاد نظم ۾ مقفيٰ نظم کان زياده ترنم ۽ فني صلاحيت جي اظهار جي گنجايش آهي.

مان وائي، نظم، آزاد نظم، قطع ۽ غزل ۾ زير اضافت همزه اضافت، واو عطفي ۽ فارسي لفظن ۽ ترڪيبن جو محدود استعمال اعتراض جوڳو نہ ٿو سمجهان، ڇو تہ گذريل ٻن سؤ سالن ۾ فارسي ۽ اردو زبان ۽ شعر جو سنڌي زبان ۽ شعر تي ڪافي اثر پيو آهي، ۽ ان کان منحرف ٿيڻ اسان جي ٻوليءَ ۽ شعر لاءِ مضر ثابت ٿيندو. ساڳيءَ ريت، مان هر مستعمل هندي لفظ جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي وسعت، حسن ۽ ترقيءَ جو حامل ٿو سمجهان. پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ، خصوصاً هنديءَ، جي موزون الفاظ سان تعصب، مان ڪج فهميءَ جي نشاني سمجهندو آهيان. هنديءَ جو هندستان پاڪستان جي زياده تر ٻولين سان قريبي تعلق آهي، جنهن کان متعصب

اردو دان ٻه انڪار نہ ڪري سگھندا، ۽ آنجي مروّج ۽ مانوس لفظن ۾ آها شيريني ۽ لطافت آهي، جا شايد ٻي ڪنهن اهڙيءَ زبان ۾ هجي، جنهن جا لفظ اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ بيساختگيءَ سان جذب ڪري سگھون .

غزل جهي فارسي ۽ اردو روايات کان ڪڏهن ڪڏهن هٽيي، سون آن کي سنڌي روايات ۾ رڱيو آهي . اها ساڳي ڪيفيت اردوءَ جي هندي آميز غزل ۾ ٻه ملي ٿي .

فن شاعريءَ جي معيار تي سوچيندي، سون کي شاهه جي ست، 'ڪنول پاڙون پاتار ۾، پونر پري آڪاس'، ياد پوندي آهي . هر عظيم شاعر جي روح ۾ سندس پوري ماضيءَ ۽ آن فني تخليقات، روايات ۽ فلسفہ حيات جون جڙون آهن، جي هن جي شاعريءَ جي نشونما ڪري، آن کي شگفتہ ڪنول جو رنگ روپ ڏين ٿيون، ۽ هن جهي فن ۽ فڪر جيي انفراديت پونر جئن پرندي، آڪاش ۾ آڏامندي ٿي رهي . جڏهن 'پنهي سنڌي ڳالهڙي' راس ٿي اچي، تڏهن هڪ فني شهپارو تخليق ٿئي ٿو . منهنجو ڪلام انهيءَ معيار تي ڪيستائين پورو آهي، ان جو منصف سان تہ يقيناً نہ آهيان، پر شايد اوهان ٻه نہ ٿي سگھو . منهنجي آنانيت ۽ حد کان زياده خود اعتمادي (جا گھڻو ڪري هر فنڪار ۾ هوندي آهي) ۽ پنهنجيءَ تخليق لاءِ بي انتها محبت منهنجي صحيح اندازي جي راهه ۾ ضرور حائل ٿيندي، ۽ شايد اوهان جي دور جا توهمات، فن ۽ زندگيءَ جو مانوس تخيل ۽ پنهنجي همعصر جي فن کي تسليم ڪرڻ ۽

آن لاءِ تحسين جي اظهار ڪرڻ ڪان فطري گهبراهٽ، اوهان جي صحيح جائزي ۽ نتيجي تي اثرانداز ٿين . نه فقط منهنجي تخليق جو پر هر فنڪار جي تخليق جو منصف فقط وقت آهي . مان فقط ايترو يقين سان لکان ٿو ته منهنجو فن ۽ فڪر ڪنهن به تقليد يا مصلحت آميزيءَ ڪان ڪوهين دور آهي، ۽ مون اهڙي هڪ سٽ به نه لکي آهي، جا منهنجي روح جي گهراين مان چيرجي نه نڪتي هجي .

هي ڪتاب نه برگ سبز آهي نه تحفهٔ درويش ۽ نه هر بينوا لاءِ آهي . هيءَ ڪوئل جي ڪوڪ آهي . ڏسجي ته اُها رات جي انڌاري ۾ گم ٿي وڃي ٿي يا وقت جي هانو ۾ ٻڙڇي ٿي لڳي ٿي .

— ش . ا .

بيت

اچي اوت شراب، اٿم اڄ ازل جي،
سندم روح رباب، سيڪي پيو ڪنهن سُر لاءِ.

سڄڻ جو ساريوم، تہ آيون هيرون هنج ۾،
جيڏانهن نهاريوم، چوڏينهن ۾ جي چانڊاڻ هئي.

ستارن جي سيج تي ستس ساري رات،
پڏري ٿي پرڀات، چميندي ڪنهن چنڊ کي.

چوسيون چانڊوڪيون تنهنجي مُنڙي منهن سان،
راتين جو روڪيون، واڳون اسان وقت جون.

ڇٽي سگهندين چنڊ، توڏي سان ڇو ٿو تڪيان!
ڏٺي سگهندين چنڊ، مون کي پار پرينءَ جا!

چؤ، سان ڪنهن جي ڪاڻ رلان پيو راتڙيون!
چؤ، ڪنهن جي چانڊاڻ هرڪايو منهنجو هيئون!

ڀَونر ڀري آڪاس

آيو آڌيءَ رات جو، پرينءَ جو پڙلاءُ،
چڪڻ لڳو چنڊ جو ڪَنهرو ڪهاءُ،
صدين جو سوداءُ، جاڳي آئيو جيءَ ۾.

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، سُتو رات سڄڻ،
چمڪيو چوڏينهنءَ چنڊ سان، آڌيءَ ويل اڱڻ،
آلا آسُرِ جو سندس مُنهنڙي جو مهڪڻ
هيرن ۾ ٿي ڇڻ، هن جون هٻڪارون سليون.

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، نور ڀري نيراڻ،
آيو پرين ڀاڻ، چمڪيا چنڊ زمين تي.

تون چانڊوڪي چيٽ جي، منهنجو من چڪور،
اچي ڪڏهن اور، مون سان ڳالهيون ڳجهه جون.

منهنجي نيڻان ننڊڙي، تو تائين ڀٽي،
تنهنجي تنَ سان چاندني، ساري رات سُتي،
سڙيون منهنڙي تان وتيون، آتر هير اچي،
سڄڻَ سيراندي، سيڙو سڙني جو هيو.

ڪُوڪي ٿي ڪويل، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
جڻ ساري سنڀالي ڪي، ٿي ڏاري ڏکويل،
پرينءَ سان ٻويل، شل رهي ساهه سپن جو.

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، رنگ رليل آڪاس،
رُتين رَتيون راتڙيون، آڏاٽا احساس،
چٽ ۾ چوڏنهن‍ءَ چنڊ جئن، اُڀري ڪائي آس،
پريان پريان پاس، آيون ڳالهيون ڳجهه جون.

چنڊ لُڙهي لس ليٽ ۾، جهاڳيَ جهڙ جي جهاڳ،
سينهوڳيءَ جي منڊ آ، وسن پيا ويراڳ،
ڪٿي آن، ڪنهن جاءِ آن، واري اچ تون واڳ،
منڙا، منهنجا ماڳ، سڄڻ منهنجي ساهه جا.

چوڏنهن‍ءَ چانڊوڪي، ويجهي آئي و سَ ۾
اچ تنهن سان ترسي، ٿيو سيني ۾ سوجهرو.

ڏ ڪائي ويو ڏور، مون کي چنڊ چريو ڪري،
دل ڪان ناهي دور، دوري آهي ديد جي.

نيڻين نه منهنجي ننڊڙي، چانڊوڪيءَ کي چَوء،
جاڳي جلندي جندڙي، تن من ايندو تَوء،
سورَ اسان لاءِ سَوء، آندا جاڳ جهان ۾.

نهاريم نيراڻ ۾، تڪيندي تارا،
ڪٿي آن، ڪنهن جاءِ تون، پرهه ڪان پيارا!
چنڊ پنيان چارا، رليم ڪيئي راتڙيون.

ڏونر ڀيري آڪاس

چٽي پيئي چاٽ، ستارن جي سونهن جي،
ڪرڻن ڪئي چنڊ جي، وٺن مٿيهان واٽ،
لڳي لڳي لاٽ، ڪاني منهنجي روح ۾.

سٽيم تنهنجو سڏ، پهتس پهتس او پرين،
هيٺون اتم هڏ، پر سگهه ڏسين ٿو ساهه جي.

سهڙي آ سانجهي، اونده لٿي آب تي،
او منهنجا مانجهي، سات نه ڇڏج سير ۾ !

سيٺه ڪنئي ساهه، پيا پور پرين جا،
ڏکن جا درياهه، پار ڪياسي پل ۾.

ساوڻ سندا مينهن، آيو آهين آن بنا !
آلا، کهڙي ڏينهن، ٻجهندي پياس پرين ساهه!

اچا آڪيرو، تنهنجو آهه اکين ۾،
صبح سويرو، اڏري آئي اسان ڳري.

آ ريتي ۾ ٽپي رچ، آلا پيار پرين جو،
اکڙين سندي ۾ آڄ ميڙ ڪيو ٿيڻ ۾.

گهرا گهرا نين ۾ ڪارا ڪارا پوتو هجن ۾
پيرندا رهيا پيڻ، سگڙي ۾ مٽان من جي.

تي سچ جي سار، ڳائيم ان جون ڳالهڙيون،
جيڙيا من ملهار، اکين آب وسائيا.

بيت

ويڙهي ويا واس ۾، مون کي محبوبن جا،
آندا من ۾ آس، خزانا خوشبوءِ جا.

جيون آهن جتي، سموري سنسار ۾،
ويجهن کان وڇڙڻ، جلائي ڏوجيءَ کي.

تارن کي ترساءِ، پرين پوئين پهرجو،
ميان تو سواءِ، ناهي جس جيئڻ ۾.

جدائي جانڊوءَ، پينهين چڏي پيار کي،
سڄڻ مون ساندهه، سو گهو رهج ساهه ۾.

ڪڏهن آءُ قريب، ڪريانءِ ڳالهيون ڳجهه جون،
اندر جا عجيب، اوريانءِ آمنگ سپرين.

ڪٿي نماڻا نيڻ، منڙي ڏنو ڏک مان،
واسينگن جئن ويڻ، ڏنگيو منهنجي ڏاهه کي.

دلين جا درياهه، اٿلي پيا اوچتو،
سالن کان پوءِ ساهه، ساعت ۾ سرچي ويا.

مينهوڳيءَ جي منڊ آ، اٿا اڄ اتر،
وڍيو واءُ وجود کي، ڪيا ڪيس ڪڪر،
جيڪر پاپان پر، پهچان پنهنجي پرينءَ کي.

گهمّلي ڏکڻ هير، پيا پور پرينءَ جا،
سيرون ڪيون ساهه ۾، اندر جي آڪير،
ڪڏهن ڪندون ڪير، ڪڏهن وهه جئڻ واسطا.

آئي رت رابيل جي، دل ۾ دود دکيو،
ناهيُ ساهه سکيو، تو بن پل لَيءِ اي پرين!

آئي رت رابيل جي، پيا پرينءَ جا پور،
نينهن سندا ناسور، اندر ۾ آڪلي پيا.

اکڙيون آجايل، سڄڻ تنهنجي سونهن جون،
سدا سڪايل، پرين تنهنجي پيار جون.

ورهين کان پوءِ ٿو وسين، برهه جا بادل!
ترس ته ۾ ٿي پل، پياسو-آهيان پيار جو.

اڄ اکڙين جي اڄ، پوري ٿي پرينءَ مان،
روح اندر هئي رڃ، وسي بوند برهه جي.

ويا اڄ اڏي، مون کي سنهنجا سپرين،
آيا گهڙي اوچتو، جن کي ساهه سڏي،
تن کان پوءِ تڏي، آهي بوءِ بهار جي.

سدائين ساوڻ، سڄڻ لاتو ساهه ۾،
گهٽائن ۾ جڻ، گذريون گهڙيون عمر جون.

آئي ننڊ نيڻن کي، آڏاٿا ارواح،
سڄڻ، سنهنجو ساهه، پهتو تو وٽ پل ۾.

گهڙي جا گهاري، تنهن لاءِ سڪ صدين جي،
وڃان مان واري، سهڻا تنهنجي سونهن تان.

رهي منهنجي روح ۾، سدا تنهنجي سونهن،
ورهين لاءِ وروهن، پلڪ تنهنجي پيار جي.

ورهين ڪان واسو، سڄڻ تنهنجو ساهه ۾،
پنهنجن ڪان پاسو، مناسب ناهي مٺا.

وينديسانءِ مري، ڳائي تنهنجون ڳالهڙيون،
چوندين ’هاءِ چري، سچي هُئي سڪ جي.‘

جيئين! تنهنجي جند جي، مٺڙي موسيقي،
ورهين لئيءِ وڃندي، رهندي منهنجي روح ۾.

جيئين! تنهنجي جندڙي، ساري آ سرهاڻ،
تن مکڙين جو ميڙ آ، من خوبين جي کاڻ،
آئي توکي اوچتو، قدرت منهنجي ڪاڻ،
مون کي چيو ’ماڻ، وٺ هي گل گلاب جو.

ٽهڪي پيو چاه، مهڪي پئي محبوبڙي،
سرهو هن جو ساه، آهي بوءِ بسنت جي.

سوچي ڪجهه سڄڻ جو منهنڙو مرجهايو،
سرءَ جو سايو، ڏٺليو ڏانگر جي مٿان.

نگاهن ُمان تينهن، ڇٽي پيا ڇاڙون ڪري،
ڏٺي ڏيا هٿا ڏينهن، محب ملي ويو اوچتو.

پرهه کان پيارو، منهنڙو منهنجي يار جو،
منڙو موچارو، سڄڻ منهنجي سامهه جو.

ڳوڙهن ڳالهايو، الا وقت وداع جي،
اکين ۾ آيو، سارو ساهه سڄڻ جو.

اسان ڪيئن ڪاٽيون، رسي ريجهڻ جون گهڙيون،
ڳوڙها ڳرائيون، چميون چپ چپن تي.

جهليم هن کي جهول ۾، وجهي ڳچيءَ ڳٽ،
لهي ويس لڄ پري، لبن مٿان لٽ،
پرين سارو پٽ، چپن چڱهان ڪيترو.

شل منهنجا محبوب، حرف نه اچي حب تي،
او منهنجا مطلوب، طلبيان تو کي نت اٿون.

اکڙين اڄ آڦت، ماريو آهه مياري سان،
پنبڻيون جهڪيون پٽ، هن جون ڏورڙا پيا ڏئي.

چئو منهنجي چنڊ کي، رهي وڃي رات،
ڏئي وڃي ذات، سرڇي منهنجي ساهه کي.

ڀڪيڙو پرڏيهه جو، لنوي ونڊو لات،
رهي ويندو رات، ڀڄڻ تنهنجيءَ سيج تي.

سدا ميلاني، آهي ساهه ’اياز‘ جو،
ڳچيءَ ۾ ڳاني، پرين تنهنجي ته پيار جي.

چانڊوڪيءَ چنڊ، رهٿو آهي راتڙي،
گهڙيءَ لاءِ گهنڊ، چگونا هم چڪور سان.

صديون سڪائين، گهارين گهڙي هڪڙي،
سڀاجها سائينءَ ويجهو آهه وجود کان.

ڪنيڙاتيون نه ڪوهه، پڇندين ڪونه ڪيڙا،
من ڪي ٻئي هند سوهه، چانڊوڪي چت ٻان ڪيڏي.

وهي توريءَ وهه لڳي، سائين آهه ستت،
اکڙين مان امرت، پيئان تنهنجي اي پرين.

ساريم تنهنجي سڪ، سڪ وساريم ساهه جا،
تن من جا مالڪ، واريم توتان جندڙي.

نهارن پيا نين، سڄڻ جا سنسار مان،
پلند ّس ڪيئن مان پين، گهاو انهن جي گهوڙ جا!

اوڙهيي آڌيءَ رات جي، شال سموري شهر،
سارو عالم پيو سمهي، آڌاٽا پل پهر،
سيرون ڪيون ساهه ۾، لڳي تنهنجي لهر،
نيڻين وهي نهر، ڳاتس تنهنجون ڳالهڙيون.

تنها راتيون تو بنا، سياري جون سرد،
سڙو سڙو درد، دکندو رهيو دل ۾.

دکندو رهيو درد، وري رڪ ۾ روح جي،
سالن ڪان هو سرد، مچ اسان جي من جو.

ڪارا ڪڪر آپ تي، وسڪارا ۾ وڄ،
منهنجا سڙا، هن گهڙيءَ، چاتيءَ ڪان نه ڇڄ،
مون سان بيهي پڄ، برساتين ۾ برهه جي.

اصل يار اڪين جي، ٻي آهي ٻولي،
سڄڻ لئيءَ سولي، ڏکي ساري ڏيهه، لاءِ.

پيارا پيارا پل، وسري وسرن ڪينڪي،
سو گهي جلهيم ساهه سان، ڪا سڙي موسل،
چميم جنهن جا چاهه مان، ڳوڙهن پريا ڳل،
آلا، وقت آجهل، لتاڙيءَ لک عاشقيون.

آلا، چوڏينهن، چنڊ جيئن، محبوبن جا ميل،
وهائي وئي ويل، رسي ويڙهيم راتڙيون.

بيت

تنهائيءَ جا تير، ڪُنّا منهنجي ڪيپ ۾،
چُڪي پهتي چپ تي، آيا نيٽين نير،
ترقي وئي تقدير، گهُوري منهنجي گهاو ڪي.

آلا ڏس ته آلا، جي ٻاريا عشق اندر ۾،
ٻره، هيئن ٻلا، جلايو ڇو جيءَ کي!

مان ٻرڇي مان گهاءُ، مان ئي وار وجود تي،
مان ئي هان پڇتاءُ، مان ئي پيار پرينءَ جو.

سڙهيون ٻوڙيون من ۾، منجي ويون مورتيون،
دلين ديپ وسائيا، دونهاتيا درسن،
وسري ويا وچن، آخر ٻوڇا پريت جا.

چانئٺ ڪي ڇمي، گهر ۾ ڳوليم گهٽگهرا،
ويو آهيان هتڙي، ڪيئي سال سمهي،
ڪتيون جهلي ڪچ ۾، تارن سان ترسي،
پرڙن تي پوپٽ جي، ويو وقت آڏي،
ڪاجا واءُ لڳي، پن نه مليو پن سان.

اکڙين منجهه آجاڙ، نگريون تنهنجي نينهن جون،
پل پل آهه پهاڙ، جن واريءَ ۾ وقت جي.

اسان تي الزام، اِندا جڏهن جيئڻ جا،
جن جي روز جواب ۾، جرڪيا منهنجا جام،
آلا، ڪڏهن عام، رسندا منهنجي روح کي.

شفق اوڙهي شام، پهتي تنهنجي پار ڪان،
مهڪڻ لڳي ميءَ منجهان، جرڪڻ لڳا جام،
پيئڻ جا پيام، سانجهيءَ آندا ساهه لئيءَ.

پيئڻ ۽ جيئڻ، مئو متوالن جو،
ٻيري ساڻ ٻڏڻ، سرڪيون تنهنجي سوڌهن جهون.

پيتي ڙي پيتي، پيالي اسان پريت جي،
بدلي نشي نينهن جي، نيت ۽ نيتي،
هارائي جيتي، بازي اسان برهه جي.

پرهه جا پياڪ، چڪيون چاڙهن چنڊ مان،
ستارن جي سنگ ۾، راتين جا رولاڪ،
سڄي ٿيا ماڪ، ڳوڙها ڳاڙي ڳجهه ۾.

بيت

سوري آڻ سِتارَ، سڄڻ منهنجي ساهه جا،
سِير ڪي سُر جي سنگ ۾، ڌڙ ڪان ڌَڙيان ڌار،
رچي وڃي راڳ جي، لوڻَ لوڻَ منجهه لغار،
ازل جا اسرار، تڙڦڻ لڳن تند ۾.

چري پيو چنگ، جهَرِي پيئي جندڙي،
رکي رکي روح ۾، ڏکي پيو ڏنگ،
سڄڻ تنهنجو سنگ، وسري وسري ڪينڪي.

وندر منهنجي وات تي، ٻولڻ ۾ ٻائڻ،
تتيءَ تڏيءَ تند سان، نينهڙو نبائڻ،
پرينءَ ڪي پائڻ، رُلندي پنهنجي راڳ ۾.

سُر پيارو آساهه ڪان، تن ڪان سڙي تانَ،
آهي پنهنجي آن، راڳيندڙ جي روح ڪي.

آيو نيٺين نير، ڳوڙها ڳڙيا ڳجهه ۾،
هارايو مون هٿ آلا، دکن ڪيو دلگير،
دل ڪي آيو ڌير، ڳائي تنهنجون ڳالهڙيون.

ڳالهيون هن جون ڳائتا، ڳوڙها آئي ڳاءِ،
رڳ ۾ منهنجي روح جي، جيئون ڪي جرڪاءِ،
رُتين رَتيون راڳڻيون، سازن سان سرچاءِ،
سُر ۾ پوئين پهر جو، سارو سوز سماءِ،
راتين منجهه رچاءِ، رمزون پنهنجي روح جون.

سارو عالم ٻيو سمهي، جلي منهنجي جاڳ،
ازل جي آواز مان، روح ٻڌايا راڳ،
ڀڙڪيا آلا آڳ، چرڪڻ لڳي چنڊڙي.

جهوري پيئي جهانجهه، جيڏيون منهنجي جيءَ ڪي،
سهڙي آهي سانجهه، جهڄندي جنهن جي جهانءِ ۾.

ناهي ڪوئي ڳاڻيٽا، ڳائڻ جهڙو ڳڻ،
سائين، مون ڪي سڻ، ڏسندو رهه تون ڏُڻ ۾.

ازل جا آواز، اڃان ٿا اڌ رات جو،
وڃن ٿا ويساهه لتيءَ، سؤ روحاني راز،
صديون سٿل ساز، وڄن ٿا وجود ۾.

اڄ ته ازل جي اڄ، سڃي ويئي من مان،
سامهون ساري سڄ، وسي وئي وڻڪار مان.

چڻ ازل جي آڳ، جلي پيئي جيءَ ۾،
مرڪي پيو ماڳ، شعلن جي شعاع ۾.

نسريو تنهنجو نينهن، وسري وات وجود جي،
محبت مون ڪي ماڳ جي، ساوڻ سندو مينهن،
آهيان راتيون ڏينهن، پانڌيڙو پرينءَ جو.

ٻرهه جو پرواز، ڪيو ساهه سڄڻ ڏي،
ڪُل رمزون ۽ راز، کُلي پيا ڪن ۾.

پرهه جو پيرو، ڪٿي ڀڄو چڙ ڀرين،
سهڻو لڳو سج ڪان، صبح سويرو،
ويو انڌيرو، چوڌاري چمڪاٽ ٿيو.

اچي ٿو آواز، پرينءَ جي پيرن جو،
ڪو روحاني راز، سُري پيو سانت ۾.

پرينءَ سندي پيچري، پيو آهيان پنڌ،
هيٺون، انهيءَ هنڌ، ڀڄو پيرن ڪان اڳي.

او منهنجي منزل، رُلائين ٿي روح کي،
ويجهو اچي وات تي، ڪڏهن مون سان مل،
دکڙن ڀري دل، پيرين پڄان ڪيئن مان!

چمڪي وڃ وجود ۾، ڏنم پرينءَ جا پير،
اونده ۾ اوير، منجهايو هو ماڳ کي.

ڪلي ڪير ڪنوڻ، چمڪائي ويو چيت ۾،
صدين لاءِ سڄڻ، ٿيو سيني ۾ سوجهرو.

ساري رات سڙي، سوچ اڀان جي سج لاءِ،
اچي نڪري شل آلا، جنهن سان جان جڙي،
ڳوڙهن منجهه ڳڙي، وڃن وهم وجود جا.

سدائين سوداءُ، سانڍيم تنهنجو سمجهه ۾،
او اڻ ڇاتل آءُ، ڇاڻو منهنجي ڇاڻ جا.

آهيان راڳيندڙ، ڪنهن روحاني راز جو،
ڪيو مير سُکهڙي، روح رچي ويو رمز ۾.

ستارن سان رات، چوريم ڳالهيون چنڊ جون:
ملندي ڪين نجات، سونهون ناهيان سونهن جو.

اڌيءَ رات الله، ڳائي پيو ڳجهه ۾،
سٽي پيو مانت ۾، ستارن جو ساهه،
نغمي جي ڪا نهر جئن، اٿلي آهه اٿاهه،
ماٺوڻڙا ئي ماهه، سڀئي آهن سير ۾.

موڙي ڪيو مينهن موڙ، پهٽن جهڙو پاڻ،
سڄڻ اڄ تو ساڻ، اوڙهي آيس عاجزي.

سليا ڪنهن نه سوال، سانڍيا جي مون ساهه ۾،
ڏاهپ ساري ڏيهه جي، مونجهيم صديون سال،
خلوت منجهه خيال، جلن روز جواب لئيءَ.

پچري تي پاڇا پيا، چمڪي ٽي ڇوڏس،
پکيڙا پرڏوهن، ڦڙڪن لڳا ڦند ۾.

پچري ۾ پيهي، انبي بوءِ بسنت جي،
پکي پرڏيهي، پرڙا پتوڙڻ لڳا.

ڦٽڻ لڳو ڦاڳ، آئي ٻوءِ ٻسنت جي،
سڄڻ منهنجي ساهه کي، ويڙهي ويو وراڳ،
ڪٿي منهنجو ماڳ، ڪٿي منهنجون منزلون!

آلا اڄ ته آڏام، پڙڪو ڏيئي ٻنڌ مان،
آيا آتر واءَ تي، ٻرين جا پيام،
ڪيئن ڪيئن قيام، پکيئڙا پرڏيهه جا!

روحن جي راحت، پکيئڙو پرڏيهه جو،
اڏرڻ جي عادت، ان کي آهي اصل کان.

اڪيلو آهيان، ساٿيئڙن جي ميڙ ۾،
اڃا ڇاتر ڪيڪي، ڇو آهيان ڇا هيان؛
آهيان يا ناهيان، سو به نه آيم سمجهه ۾.

ڪيئي ڳالهيون ڳجهه جون، ساهه اندر سانيم،
ٻاهر نه ٻاڦيم، محرم منهنجي ساهه جا.

محرم منهنجي ساهه جا، اچي ڏي آواز،
روح سُريلا ساز، ترسايا تنهنجي ڪري.

دکي پيو دونهون، ڏيڳانئن ڀڳي واٽ تي،
شايد ڪو سونهون، پيو ٻنڌ ٻرين ۾ ڏئي.

ڪٿي آن ڪنهن جاءِ تون، جاچيم ٿارو جڳ،
دلبر تنهنجو ڏڳ، پانڌيئڙو پڇندو رهيو.

آيو پونين پهر جو، اندر مان آواز،
سمهي پيو ساز، نغما نڪتا اوچتو.

نغما نڪتا اوچتو، مٺا مٺا سُر،
اچي ڪير آسُر، ريجهائي ويو روح کي

ريجهائي ويو روح کي، ڏيئي ويو تسڪين،
ڪري ويو 'ڪين'، منهنجي 'مان' کي من گهُريو.

جيئن مکڙيءَ کي ماڪ، چمي اچي چاهه مان،
آياسين تيئن اوچتو، اورانگهي افلاڪ،
خوشبو آ خوراڪ، سائل آهيون سڪ جا.

ملي منهنجي من کي، ڏُکن جي دولت،
اچي هر آفت، وڏا هار هنئين کي.

منهنجي دل جو ڏکڙو، اڄ ڳوڙهن ۾ ڳول،
موتين سندي جهول، سونجهي ڏس او سپرين.

پرين پڪارينم، ننڊ وئي وئي نسُکري،
متان تون مارينم، ويسر مان وچ واٽ تي.

مٽيي سٽيءَ مجاز جي، پل پل پياريوم،
اکڙين مان اوتيوم، سُرڪيون سندم سا

پياري پرولي، سهڻي هن سنسار جي،
ستارن جي سونهن سان، چنڊ پري چولي،
هيرن ڏني هنج ۾، لونءِ لونءِ کي لولي،
نظارا ها نند ۾، مون اک جڏهن کولي،
نہ کي سکن سيج هئي، نہ ڏکن جي ڏولي،
هيءَ ڳجهارت ڳولي، ڪنهن ڪنهن ڏاهي ڏيو، ۾.

راڻو منهنجي روح جو، ماڻي ٿو سومل،
ليڪا پائين ٿو ليکي، اڙي يار اَجل!
ترس تہ ٻہ ٻي پل، سجڻ آهي ساهہ سان!

پڪارين ٿو پار ڪان، آهين آخر ڪير؟
واريءَ مٿان وقت جي، پسيم تنهنجو پير،
سڙي تنهنجي سُرڪ آ، وٽندڙ تنهنجو وير،
آهي ڪهڙي دير؟ اجل، آءٌ اسان ڳري!

جُسو جوڙيئہ اي خدا، ميٽيءَ جو سَنَّهن،
پوندو جو نہ ڪڏهن، سُنهن تي معمارن جي.

لهرين ۾ لڙهندا، ملياسي وچ وهڪ ۾،
سجڻ ساهہ سندا، سات نہ رهندو سير ۾.

تون سوري تون سڏ، تون ئي ساهہ سيريءَ ۾،
تون ئي مون سان گڏ، ٻتون ئي منهنجو ست گهرو.

گهر گهر تنهنجا گهنڊ، من من ۾ تنهنجي مڙهي،
مان سپنو تون ننڊ، ڳوليان توکي ڳجهه ۾.

ڏئي ڪوڙهئي کي ڪير، ڇميون ۽ لي چاهه مان؟
سڄڻ تو سان سير، ڪري ڪير ڪنڊن تي!

ڪنهن جي ڪوجهائي؟ سڄڻ آهر ساهه ۾!
چانڊوڪي ڇائي، اسان اونده اوٽ ۾ان.

واسينگن جي وات، آهي سفر سڄ جو،
ڪيئي ٽيا ڪات، هلندي حبين ڏي.

سڏيو سدا ساهه کي، سچائيءَ ۽ سونهن،
وندر ۽ ورونهن، سون لسيءَ پيچو پرينءَ جو.

واريءَ منجهه وٽاڻ، سانجهيءَ آندا سانت ۾،
لهندي سج جي سون سان، ورسيا پينگا پاڻ،
چرڪي منهنجي چاڻ، اڻ ڇاتي جي آڳ ۾.

آپي آهه کجور، اکيون وجهي آپ ۾،
اچي پيو عرش تان، نهريون ڪري نور،
چنڊ چٽريءَ کان دور، پاڙون ٽس پاتار ۾.

هيءَ جهرڻي جي جهانءِ، ۽ هيءَ باک بسنت جي،
سارو عالم پانءِ، رچي ويو راڳ ۾.

جاڳ ڀِٽائي گهوٽ! سنڌڙي ٿي توکي سڏي،
مرن پيون مارويون، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.

پرسان تنهنجي پٽ ڏٺي، جهلي بيٺس جهول،
ڏنئي ہ ٿي ٻول، ٻِڌي منهنجي ساهہ کي.

ڪٿا ڪنيم ڪيچ سان، ڪيليا تنهنجا ڪيت،
مون وٽ سڙئي بيت، تو وٽ آهن آيتون.

وڄي ڇوريان چنگ، صدا ڪريان سنڌ ۾،
ڪونهي اڄ ڪلام ۾، سُر جو مير سان سنگ،
ٻريان آءٌ آہنگ، ڪريان لات لطيف جي.

ڏنيون مون کي ڏات، ڳوڙهن ڳريون ڳالهڙيون،
لنوي منهنجي لات، ڏکڙا ساري ڏيهہ جا.

ڇپن ڇـورايو، ازل جي آواز کي،
مهرون لڳيون منهن تي، ڳوڙهن ڳالهايو،
پرين پهچايو، اسان نياپو نينهن جو.

ماڻهو منهنجي ملڪ جا، اڀوجهہ ۽ اڻ ڄاڻ،
ڏکن ڏڏيون جهوپڙيون، بکن ڀريا ڀاڻ :
الله، تن ۾ آڻ، ساجهہ پنهنجي ساهہ جي.

اندر منجهہ اٿاهہ، محبت ماڻهوئڙن جي،
ٻاڇو آهہ ٻرينءَ جو، تن جو سهڻو ساهہ،
جيڪر ڇميون ڇاهہ، ڏيان ساري ڏيهہ کي.

،مٺڙو آهر ڇيز ڪان، سنگهارن جو ساهہ،
پٽيون ٻڌن پيٽ سان، ٽين بکن ۾ ٻاهہ،
ڏيکاريان ڪيئن ڏکين کي، ڇانڊوڪي ۽ ڇاهہ!
ڪٿي آهہ الله، انسانن جو آسرو!

ننڍڙيءَ نينگر وات تي، ويٺي واجهايو،
الله ۽ انسان ڄڻ، ٻنهي ٻاڏايو،
ٻينوءَ پهچايو، ڏاڍو ڏک ضمير کي.

ڪتا ڪنيءَ ۾ ڏسي، رُني ڪونہ ڪُڇي،
لوليءَ منجهہ لُڇي، ممتا ساري ماءُ جي.

سدا آهي ساهہ کي، ڪِيي جي ڪولا،
ڏ َو َ بنا ڏولا، ناهي ساجهہ سونهن جي

ٻوي ٽو پارو، ڪنبڻي آهہ ڪتين ۾،
ويٺي ڪٽيو ولهہ ۾، سڄن سيارو،
جيءَ جو جيارو، انهن نانءُ الله جو.

وڏم ڏکن ڏاڻ، سک نہ سنپران سپرين؛
سوچي هن سماج تي، ڪڏي جيئون ڇاڻ،
ڏاهي ڪريان ڏير هي، بي معنيٰ ماندڻ؛
سچ اچ سون ساڻ، تہ انڪون اچ آنياءِ سان.

ڏسي ڏکيا ڏيل، ڳوڙها ڳل ڳڙي پيا،
ڏکن بيمارين ۾، آزاريل عليل،
زر ۽ زور ذليل، ماڻهوئڙا ڪيا ملڪ جا.

ڏاڍ وجهي واجهہ، جهاتيون پائي جهوپڙيون،
ٻهہ ٻهہ ڪني ٻاجهہ، منهنجي منهن جي مات ۾.

سنهي ۽ سنهي ۽ بوند، سڄڻ ڪي ساڙي وڌو،
اڳيئي اڻ هوند، ويتر جهرين جهوپڙيون.

رتي ناهي رت، چورون مڙيون ڇنڊڙيءَ،
سائي آٽ مٽت، تہ ساڙيون هن سماج کي.

ڇيڳي ڇپر ڪٽ، آيو ناهہ تڏيءَ ڪي،
ساون ڪاڏي سٽ، سڄڻ سر ستي ڪيو.

جلي ڪيسين جوت، واڇوڙا وڌو هي ويا،
ڳاراٽا ڳڻ ڳوت، لتاڙي ويا لات کي.

چڙهيل آهي چؤ طرف، زنجيرن تي زنگ،
جسو جڪڙيل جبر ۾، ايذايل آمنگ؛
ديوارن مان دانهن ٿي، چوريو جو مان چنگ،
رچي ويو رنگ، قيدي ڪوڪارڻ لڳا.

پرچي ويڙا پاڻ ۾، اڪرِيون اوجاڳا،
ساڳي ڪاري راتڙي، ستارا ساڳا؛
صبح سڀاڳا، تو لئيءَ تڪان ڪيترو!

او ڌرتي، او ماءُ، تنهنجي ڪيهه منهنجون اکيون،
سر ۾ تون سوداءُ، رڳ رڳ تنهنجون راڳڻيون.

او ماڻهو، او پاءُ، ڪارو گورو تي ڪٿين،
شال اهو انياءُ، تو ۾ آئي ماڻهپو!

الله، هي انسان، رتي تنهنجي روح جي!
نسورو نادان، ڏهڪائيندڙ ڏيهه جو.

چٽڪون آڏائيون، ڪڏهن ڪنهن ڪنهن مچ مان،
پنيت متا برهه جا، جدايون ڪاٺيون،
جڏهن وسائيون، صدبون سرد ڪري وڌون.

جيئون تنهنجي جند سان، مرون تو سان ماءُ
ڳوڙها ڳاڙ نه سندڙي، وري ورندو واءُ،
چرڪن پيون چندڙيون، تن من آهي تاءُ،
لونءَ لونءَ منجهه لڳاءُ، سڀ ڪي آ سائيهه جو.

ڪؤنسي ڀئي ڪيل، ڳوڙهن ڳانڍڙ ڇپ سان،
ظالم مٿان ذل، ٻارڻ نہ ٻاري وجهي.

ڪيسين آخر ڪوس، ڏوران ڏسجي ڏيهہ جو؟
سڄڻ اسان سوس، پليو تنهنجي پيار جو.

آهي اڄ اٿاٿ، پرينءَ پانڌيڙن جي،
جاڏي تاڏي جبر جي، ڏکي ڀئي ڏاٿ،
ڪوڙ ٻٽايا ڪاٿ، سوريءَ سيري سچ جي.

ٽڪرن مٿان ٽاڪ، آهي سفر سچ جو،
سدا جوکو جيءَ جو، نہ ڪي هوند نہ هاڪ،
چڱا سي چالاڪ، جن سانڍيو ڪوڙ قلوب ۾.

واسينگن جي واٽ، آهي سفر سچ جو،
ڪيئي ٿيا ڪاٽ، هلندي حبين ڏي.

سوچيو اٿم سؤ دفعا، ٿيان ٽانئينڪو،
اورانگهيان نہ عام ڪي، لنگهان نہ ليڪو،
ڇا ڪان هي ٺيڪو، ڪنيو ڏات ڏکن جو!

ٻري منهنجو پنڌ، رڻ ۾ منهنجون راتڙيون،
ساٿي تو سوڳنڌ، موٽي وڃ وڃ واٽ تان.

اڪين مان آهون، نڪتيون نهوڙين جون،
درديليون داهون، ملڪ هيون مات ۾.

پرينءَ سندي پيچري، لکن ڪنئين لاٽ،
ڪيئي ڳچيون ڳاٽ، اوندهه ويڙهيا واٽ تي.

چانڊوڪي ۽ چاهه، منزل ماٺهوئڙن جي،
اونده ۽ اوڙاهه، ويڙهي ويو وچ واٽ تي.

ڀڄي ويو پانڌي، ڏيئڙو ڪٿي ڏاهه جو،
اوندهه ۽ آنڌي، رهيون تڪينديون تنهن کي.

جٿن جبلن تي جهڙ، تٿن تو محبت من ۾،
اصل ڪونهه آڪڙ، اکر تان اصول جي.

ٽانڊن تي ٽليا، پانڌي تنهنجي پريت جا،
وچڙيا هر ڪنهن وڄ سان، ڪنوڻين تي ڪايا،
تو سان نيٺ مليا، سٽون ڏئيي ساهه جون.

سهسين سورج چمڪيا، ڪيا چنڊ چٽاءَ،
ماٺهوئڙن مٽاءَ، اڃا اونده نه لٿي.

ميبائر نه ساهه کي، کهنبو ڪٿوري،
ڏولاوا ڏوري، چونڊي وتم چاهه مان.

اوندهه تي اولا پيا، لڄندي رات لڙي،
ساهه نهوڙيو سوچ ۾، تارن ننڊ ترڙي،
جنهن ۾ اک اڙي، سامهون آ سو سوجهرو.

سانڍيا منهنجي ساهہ، ڏکڙا ساري ڏيهہ جا،
عالمہ تنهنجيي آهہ، لڳندي منهنجي لات ۾ ۔

جي ماريءَ جي مام تي، ويا سي نہ وريا:
چوڳي لاءِ چريا، قبولين ٿو قيد کي!

پنيي پيئي وات تي، ڪالهہ چيني چوري،
لڳل هئي لوري، پل پل تنهن کي پيٽ جي ۔

نڙي نياڻيءَ کي پئيي، روٽيءَ لاءِ رڙي،
تڙيءَ تي تڙي، هوند ڏني اڻ هوند کي ۔

اڻ آٽ تندون ٽوڙ، سيني منجهان ساز جون،
راحت آ رت چاڻ ۾، ويٺو خون ولوڙ،
ڏڙ ڳولي لهہ ڏوڙ مان، جن تي جڳ کي جوڙ،
ماڻهو موڙڪ موڙ، پٽ تي واڪ ورهين جي ۔

لڳي سجڻ سنگ، چڏي ساري سات کي،
پرينءَ جا پتنگ، سڙندا رهيا سانت ۾ ۔

آڌيءَ رات آسات، سرتيون مون کي سونهن جي،
تارونءَ پهتي تيک سان، لونءَ لونءَ آيري لاٽ،
ٻنهي نڪتي ٻات، سيپ سيپ آندو سوجهرو ۔

پيئان سا پريات، جنهن ۾ آس آسات جي،
لوچي ڪائي لات، ڏيان ساري ڏيهہ کي ۔

آئي اوت سُڄاڻ، ڀيٽان جيئن ٻرسات جو،
آهي آنهيءَ کي آڻ، جنهن ۾ آس آسات جي.

پيالي پياليءَ پيت، جنهن ۾ آس آسات جي،
آهي مدا ٻون ميت، ڳائي منهنجون ڳائڻا.

وَري ڪنهن جي وِڪ، ڪجهي هئي ڪيهه ۾،
آيو چوڏينهن چنڊ تان، ڏوران ڏئي ڏِڪ،
تارونءَ وڏي ٽِڪ، مون وٽ هيٺ مون ٻرين.

آهه آهو انسان، جنهن لَڏي سان لائون لَڏيون،
ڌرتي، تنهنجو ڌيان، رهيو هوءِ ٻي روح ۾.

تائيان تو مان تند، مائيان تو سک ساز جا،
آئيان تو آنند، ڏڪڙن ڏڏي ڏيهه ۾.

آهيان تنهنجي امن جو، راڳي ويراڳي،
جاڳائي جاڳي، جڳ ۾ تنهنجي جوت مون.

دوھا

آمي تنهنجيءَ ياد جي، ايئن گذريءَ ۾ ڪونج،
آ ڪيري مان جيئن وڃي، آڏري ڪائي ڪونج .

نيئن مان جو نئن ڇلي، ڪک پن ٿي ويا رنج،
نڪتيون تنهنجون ڳالهڙيون، جئن پاڻيءَ تي هنج .

اَن کي تنهنجيءَ پريت جي پڇري جي آ هير،
من جي مٿنا ٿي اچي، آڏري سانجهه سوير .

ٻَک تي نڪتي ٻاک ۽ ڏک ۾ گذريو ڏينهن،
چنڊ هيي سک جون ڳالهڙيون، پنهنجو ڪهڙو نينهن !

ٻهتو من ۾ پار ڪان، جيئن چوليءَ جو چوهه،
ويجهي آئي جو ڪنڌي، ماٺو ٿي ويو موهه .

هي ڏرتيءَ جي ڏرتي، تتو هانءُ هيي هاءِ !
ڪنهن جي چڳ جي چانو ۾، ويهي رهه پل لاءِ .

پڇو پيون ڇا پاڙي واريون، ڀلا اسان جي ٻات،
چڙي ويو آ چنڊ اسان سان، رُسي وئي آ رات.

پري هلي ڪجهه پريت ورهايون، جيءَ لڳايون جهٽ،
هلو ته سائين ڪنهن ڪڪريءَ تي ڪٽي هلون هيءَ ڪٽ.

سڄڻ نه آيو ساوڻ آيو، مٽو اسان کي مينهن،
بادل برسيا نيڻ نه ترسيا، نار وهايا نينهن.

ڦري گهري هن ڦلواڙيءَ ۾، جڏهن به ڪٽنديون نيڻ،
پن پن ڏيندءِ پيار اسان جا، وڻ وڻ ڏيندءِ وڻ.

منڙا منڙا ماڻهو، تن جا پيارا پيارا ناءُ،
آيا، ڇايا منهنجي من تي، جيئن ڪڪريءَ جي ڇانوَ.

بسنت رت جي ٻاڪ ڦٽي آ، ڏکيو لڳي هي ڏينهن،
پريت پرائيءِ لڙيءَ ڇو روئون، نئون ڪيون ڪو نينهن.

ڪير نبيري جڳ جا جهڳڙا، تون به ڇڏيو آن تنگ،
هل ته ”اياز“ هلون اڄ نڪري، ڪنهن سهڻيءَ جي سنگ.

اڙي اسان کي وڃهي وڇوڙو، گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گهاءُ،
ڪڏهن اسان وٽ آءُ، آلا تون کلي اسان سان ڳاءُ.

ڙنا ڏنا ڪنهن، ڏنا ڏنا ڪنهن، مٺا مٺا هو چپ،
ڪُجهي هٽي ويا ڪپ اسان کي، ڪُجهي هٽي ويا ڪپ.

ٻڙيا ٻلن تي هنن جي ٻوڙها، ڪري ڪجل جي ڏار،
ڳهاوَ ڪري وئي اهڙا ڳهرا، ڪنجي ڪيئن ڪنار.

آڏري آئي انهن تي آک آک، نظر نظر آ جهار،
چنپ پرينءَ جا اهڙا، جهڙي ڪنچي ڪنچنار.

جهونجهڪڙي ۾ جنر جهڙي جنهن سنرهي سنرهي روءِ،
پرين اسان جو جنهن جي تن ۾ ڪوريءَ ڪنگريءَ بوءِ.

مشڪڙيءَ مکڙيءَ جي مک تان، بس چميون وتيون سي چار،
پرينءَ اسان جو آهي سڀ سان پوپٽ وارو پيار.

هنو روهڙيءَ ۾ روج رهاٽيون، هو راتيون هوءَ ريت،
چنبي ٻئي اڄ تائين مون کي، ڇاتيءَ ۾ ڪا چيت.

لٽي نگر جي رات اسان کان وسري ناهي يار،
ڪيئن مکليءَ جي مات مٿان ٿي چنڊ ڦريو چوڏار!

ڳهاٽ ڳهاٽ ڏو توکي ماري، سکر نہ ايندين يار!
ڪڏهن پتڻ تي پريت ڪندامي، ڪڏهن نديءَ جي پار.

لڳي نہ توکي لوڪ مسافر، لانڍيءَ ۾ ڪجهه ليٽ،
تڀي وچي ڏو ٻاهر تن من، ڇپي پيو اڄ چيٽ.

توسان پريت لڳائي جڳ کان جدا ٿيو ائين من،
وڇڙي ويو جڻ واڇوڙي ۾، ڇٽي ٻپل مان ٻن.

چوڏينهن جي چانڊوڪي آهي، پرين ٻه آهي پاس،
توکي ڇا ٿيو آ منهنجا من، تون ڇو آنهه اداس !

رُت بدلي آ، رات پني آ، پريت ڪيو ڪجهه پريت!
نانهه رُسڻ جي ريت روا اڄ، نانهه رُسڻ جي ريت .

سک جا سپنا ڪيئي، جن سان جڳ مڳ ڪري جهان،
روح نه پنهنجو ريجهي ڪنهن ۾، ڀولي ڇا نادان !

نينهن وڏو نادان اديون ڙي، نينهن وڏو نادان،
چين نه پائي، روئي ڳائي، گهڙيءَ گهڙيءَ انسان.

پيار نه ڄاڻي پار اديون ڙي، جتي لڳي ويو جيءُ،
نه ته ڇا ڄاڻي ڪنهن ڪيچيءَ مان، هوءَ ڏوٻيءَ جي ڌيءُ .

ويا خوشيءَ مان جنهن ٿي ڪامي پتنگ سپ پتنءَ سٽ،
اڄها آڄهامي، اڄها آڄهامي، اها ڏيئي جي وٽ.

آڏري آڏري ٿڪجي پوندين، ڪنهن سان تنهنجو پيار !
چنڊ نه ڪنهن جو يار پکيئڙا، چنڊ نه ڪنهن جو يار.

بهشت ڇا مي، دوزخ ڇاهي، ڇڏي اهي ويچار،
مٺڙي مٺڙي ننڊ پرينءَ جي پاسي ۾ ڪر يار.

آئي سانجهي موتيا مانجهي، ماڻي ٿي منجهڌار،
وئي وڳر ڪان وڇڙي جا، تنهن آڙيءَ ڪئي پڪار.

آئي سانجهي موٽيا مانجهي، ماٺي ٿي منجهڌار،
آءُ ڪنڌيءَ تي ويٺو سوچان، ڪائي سڌ نہ سار.

سڄڻ نہ آيو ساوڻ آيو، ڇائي گهٽا گهنگهور،
اڃا وٽي ويڳاڻو ڦرندو، منهنجي من جو مور.

رات ڪنڌيءَ تان ڪوهيڙي ۾، ڪئي پئي ڪنهن لات،
منهنجي من کي مات ڪيو جنهن، منهنجي من کي مات.

صبح سويري تيسر هيٺان نينگر ڇوڙيا وار،
اڇلي اڇلي تن تان مهٽيا گدلا گدلا پيار.

گهگهريءَ تي جو گهاگهر ڇُلڪي، ڇوريءَ ماريو ڇال،
آڏيءَ اک سان ڏسي وٺو ڪنهن، انگ انگ جو حال.

نينهن وسي ساريءَ نگريءَ تي، واهيري جي وير،
سڌ جي پياس ستائي من کي، ڇڪي اسان کي هير.

پيار هٽي ويو ٻڙڇي من ۾، ڏٺي ويو پڇتاءُ،
صدين اُنهيءَ کي ڪونہ ڇنايو، گهڙيءَ وڌو جو گهاءُ.

مرجهايل من ۾ ٿو ڳولين، هاڻي ڪيئن هڳاءُ،
موٽي آئين منڙا جڏهين سڪ ڇڏي وئي ساءُ.

ٻيري ٻيري من مکڙيون ڳولي، لڳي ڀونر کي پياس،
ڦيري ڦيري هن ڦلواڙيءَ ۾، وٺي سدائين واس.

پربت ڪئيسي، گيت ڇپاسي، ٿيو اهو انجام،
ڳليءَ ڳلي ۾ ڳالهه اسان جي، نگر نگر بدنام.

توکي من ائين ڳولي، جئن ڪو بن ڳولي برسات،
تن ۾ تنهنجي تات سدائين، تن ۾ تنهنجي تات.

من ڪان ڪائي موٽ ڇپي وئين، چندرما جي اوٽ،
چندرما جي اوٽ ڇپي وئين، ڏيئي چريءَ کي چوٽ.

منهنجي من ۾ اچين ته منڙا، سوچي پائج پير،
اجڙي وئي آهي هيءَ نگري، هن ۾ رهندو ڪير!

ڪيئي قلواڙيون هونديون، جي ويو آڏاري واءَ،
رهندو آيو ڪنهن ڪنهن ٻن جو، پت جهڙ ۾ پڙلاءَ.

ڪونجو، ترسو ترسو، آڏران مان ۾ اوهان جي سنگ،
پنهنجو پنهنجو ديس ٻڌايون، دنيا مان ٿي تنگ.

ڪٿي ته ٻجهندي، ڪٿي ته ٻجهندي، لڇي لڇي هيءَ لاٽ،
ڪٿي ته ڪتندي، ڪٿي ته ڪتندي، وڇي وڇي هيءَ واٽ.

مان ئي آهيان حسن ازل جو، مان ئي ها بدصورتي،
مان پوڄاري، مان ئي مندر، مان ئي پنهنجي مورتي.

چوريءَ چوريءَ پهچي من ۾، ليڪي ليٽا پائين،
آءَ هلي، هي گهر تنهنجو آهه، منهنجا منڙا سائين!

ويجهو آهين، وس ۾ ناهين، پري نہ آهين پاڻان،
رنگ رنگ ۾، روپ روپ ۾، توکي آءٌ سڃاڻان.

ڪٿي ڪٿين تان آئين سائين، ڀٽين منهنجي ديس،
ڏس تہ سهين کهڙو سونهين ٿو، توکي منهنجو ويس

ٻن ٻن پٽڪي، تن من ترقي، هٿ هاري انسان،
دؤر دؤر ۾ ڀٽو آخر، تنهنجي در نادان.

تون ئي منهنجي ننڊ آن، تون ئي منهنجي جاڳ
مان آهيان تنهنجي ڄيي، تون آن منهنجي آڳ.

تون ئي منهنجو راز آن، تون ئي منهنجو ساز،
آهي تنهنجيءَ تار جو، منهنجو من آواز.

ساري جڳ تي تون وسين، جيئن ساوڻ جو مينهن،
منهنجي من جي ٻوند جو، آهي تو سان نينهن.

نيڻن ڪي ڏي ننڊڙي، پڌري ٿيءُ پربات،
ڪيسين ڪوڪيي ڪونليون، ڪائين ڪاري رات.

تارن جا ترڪا پيا، جن سان جرڪيا جرَ،
ماڻڪ موتي ٿي وئيي، چڻ منجر جي چر.

جڳ جي پوئين پهر ۾، مان جڳنوءَ جي جاڳ،
جرڪيا منهنجي راڳ ۾، ماڻهوئڙن جا ڀاڳ.

رات ڏيئي جي وٽ ۾ جرڪي، گذري جڳ جي جيت،
پڙهيا پئي مون روئي روئي، ”وديا پتيءَ“ جا گيت.

ماٺهوءَ جي سنوَرتي بدلي، تنهن کان وچڙيو ماس،
ڪنهن جي من ۾ ”ميران“ ايندي، ڪنهن جو ”ڪاليداس“!

سمو پراڻو پاڻيي سڀ کان منهنجي لاءِ ڪٺور —
پڇي پيو بنگالي مون کان ڪير هيو ٽئگور!

ڪاٺي هير، وساڻو رانجهو، سارو ’جهنگ‘ تباهه،
رک ۾ پنهنجون ڪافيون ڳولي، ويٺو وارث شاهه.

ويو وسامي ’سامي‘، هن جي رُلي پئي اڄ رک،
ڪنهن ۾ ناهي پيار پرينءَ جو، ڪنهن ۾ ناهه پرک.

من من بن آ، جنهن ۾ ناهي ڪنهن بنسيءَ جي تانَ،
آءٌ ۾ تونڙيان وينا، ڪيڏو ڦري ويا انسان!

پٽ ڏٺي، او پٽ ڏٺي، او سنهنجا پٽ ڏٺي!
تنهنجو ڏيهه ڏکاريل، جنهن ۾ ناهي ڦرب ڪٺي!

آڻ پٺيءَ تي پنهنجون پنبڙيون، کهه ۾ اکڙيون کول،
پٽ ڏٺيءَ جي پرسان ويهي، پنهنجي ڳُجهه کي ڳول.

ڏينهن اهو تنبورو سون کي، ڪيسين ڇهندين، شاهه!
ڏينهن ته ڳايان، آڳ وسايان، دليون ڪريان درياهه.

ڏينهن اهو تنبورو سون کي، سان ڌو تاٽيان تند،
ڏينهن، پتائي، ڏينهن، ته تنهنجو روح رهي خورسند.

ڪافر ناهي، مومن ناهي، ”سچو“ پوءِ به سچ،
سچ چوي ٿو، ’اچ، اچي سوريءَ تي لڙڪي نچ‘.

ڏيهه ڏئي ٿو ڏوهه، اديون ڙي، ڏيهه ڏئي ٿو ڏوهه،
آنءَ چوان ٿي، ڏوهه سهي، پر منڙو آهي موهه.

ڪتي نه ڪوئي ڪوندر ڏسجي، ڪتي نه آيري ڪنڌ،
آءٌ اڪيلو هان اوجهڙ ۾، پري پرينءَ جو پنڌ.

ڪُڇي نه ڪوئي، لُڇي نه ڪوئي، پڇي نه ڪوئي هاءِ!
پوءِ به چوين ٿو، سون ڪي آهي تنهنجي جڳ ۾ جاءِ!

شال ڪسي مان توتي تاٽيان، تنهنجا ڪان ڪمان.
...هاءِ، پکيڙا پيارا، پيارا آڏري ويا نادان!

ڏيئو ڏياريءَ جو ناهيان مان، اٿم اَجالو آس،
لڇندي منهنجي لاٽ اڪيلي، گهر گهر آهه آماس.

نه ڪي هوا ۾ هيج آئي جي، نه ڪا گهٽا گهنگهور،
پيو پڪاري، ٽر ڪي ڏاري، ڪٿي ڪٿي ڪو مور.

وڃي چڙهي ڪنهن نيڙي نڙي جي، گهٽجي ويا آواز،
ساٿا ۽ ويڳاڻا ٿي پيا، سڏڪي سڏڪي ساز.

چٽو اسان جو چپ چو آهي، چري نه ٿو چو چنگ!
ويو لتاڙي لاٽ اسان جي، ڪير هيو اڙٻنگ!

ساٿهو ناهه، مڙهيءَ ۾ ڪوئي، ڪنهن جي آهه پڪار؟
ويا آئي آديسي شايد، دانهن ڪئي ديوار!

جهجي پيو من جهونجهڪڙي جو، سانجهي آ سنسان،
پرين، ميان مان ڪيئن ته تنهنجو پاڇو آ انسان!

منهنجي سنڌڙي، منهنجي سنڌڙي، سنڌڙي، منهنجي ماءُ!
ڪيئن ميان مان، تنهنجي ڪُک مان سڪ چڙهي وئي ساءُ!

منجهي پيا سڀ تنهنجا مانجهي، او منهنجا مهراڻ!
آءُ ڪپر تي ويٺو سوچيان، چاڙهه هٽي ٿي پاڻ.

چوليون ۽ چڙ، چڙ ۽ چوليون، تنهنجو راڳ اٿاهه،
آيري آيري، نيٺ چپي ويو، جن ۾ منهنجو ساهه.

ڪيسين ماٺو رهندين، پنهنجيءَ هستيءَ ڪان اڻڄاڻ،
مستيءَ ۾ آ، مستيءَ ۾ آ، موجون هڻ مهراڻ.

سدا نہ رهندو ڪوبہ سڪندر، ٿيندو نيٺ تباهہ،
ايندا ويندا ڪيئي، وهندو رهندو درياهہ شاهہ.

پڃري پڃري، نيٺ تہ تنهنجو جيءُ ڪندو جا ڪوڙ،
وسندا مينهن مٿيءَ تي تنهنجي، آتندين نيٺ آروڙ.

اڇو اڇو، اي ڇر جا ڇاڻو، لڳي پئي اڄ لاٽ،
ڪوليو، ڪوليو هي ڪنيڙاتيون، ڳڻيو نہ پنهنجا ڳاٽ.

وٽ ۾ وڇڙي ويون ڪنيڙاتيون، آيا نينهن-نسنگ!
ڪير چوي، ڇو ڇاڻي واٽي پڇريا پاڻ پتنگ!

پيچ پئي آ، ماڪ وسي ٿي، ڪوني ڪول ڪلال،
آڻ تہ پيئان، آڻ تہ جيئان، جيئين سدائين شال!

بن آ مالا مال اسان جو، ڪوني ڪول ڪنلال،
آتشي گهٽيئي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ قرب سوا ڪنگال.

برج پري پيءَ جيسين جيئين، گهڙيءَ گهڙيءَ جو جام.
زري نہ هي ميخانو ملندو، هيءَ مٽيءَ ناهہ مدام.

اُڄ اسان جي اورانگهي، ڇو آئي آ هو هٽ،
نگر نگر ۾ ناهي جنهن جي سڌ جو ڪوئي ٻٽ!

’پيءَ پيارا، او متورا،‘ آکيو ڪنهن جي آڪ،
’ملي نہ تو هي مڌ ڪنهن هٿ ۾، چکي انهيءَ مان چڪ۔‘

’پيءَ پرانو مڌ هن مٽ مان، اوري آءٌ آدل!
’هن مان ساميءَ پياس بجهائي، پيتي سڙڪ سچل۔‘

مٽيءَ تي ناهہ ميار، اديون ڙَيي، مٽيءَ تي ناهہ ميار،
سيج اسان جيءَ جا سوريءَ مان اڳ ئي ها اقرار۔

’منهنجي من کي ڇيري ڦاڙي، کلين پيو انسان،
’آءٌ تہ تنهنجو امرت آهيان، آچليہ ڪيئن نادان!‘

منهنجيءَ پياليءَ تي ٿو پسرين، پرجهيہ ڪونہ پياڪ،
رُسي وڃين ٿو منهنجي رس سان، تکي رکين ٿو تاڪ!

منهنجي مڌ کي ميرو سمجهي، ٿُڏي ڇڏين ٿو ٿانءَ،
تنهنجي من کان ميرو ناهي، هٿ رکي ڏس هانءَ۔

چٽنگ چُڪيءَ مان نڪتي جنهن مان نڪتا ڪيئي نڪتَ،
ڪهڙو مڌ هو، جنهن هيئن من ۾ پڙڪايا پنيت!

پيئو جيئو اي متوارؤ! مڌ جو ناهي مٽ،
دور وڃي ٿو چندرما کي ڇهندو ڇايانٽ۔

پيئو جيئو، رچي وڃي جئن جٽجونتيءَ ۾ جاڳ،
مڌ جي مام ملي جو تن ۾، راڳ ٿيا ويراڳ۔

ڪٿوي 'جسيم الدين'، اسان جون دليون ڪسيون هن ديس،
چوٽي چوٽي جنهن جي چَپا، ون ون جنهن جا ويس.

نينهن لڳايو ڪنهن نچڻيءَ سان، اسان وڃي ڇنڱام،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ جنهن جا گهنگهرو، ڪن ٽا ڇم-ڇم-ڇام.

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهاو اسان جا، نگر نگر ۾ نينهن،
ڪهڙيون ڪهڙيون راتيون ماريون، ڪهڙا ڪهڙا ڏينهن!

پياليءَ پياليءَ مان رس پيتي، منهنجي پريت پياڪ،
ڪهڙي ڪهڙي موسل مارڀان، ڪهڙي ڪهڙي ڪاڪ!

پورنماسي، 'پوري گنگا'، ٽڏڙي ٽڏڙي واءُ،
ٽلي پيو ٽنگور ڪنڌيءَ تي، اچي پيو پڙلاءُ.

ڪَوي، اسان پرنام ڪيوسي، ڇميا اوهان جا پير،
ڪَوي، ڏسين ٿو ڪلجگ آئي ڪيڏا ٿيا انڌير!

ڪَوي، ڏٺا آهن تو ڪان پوءِ ڪيڏا اسان ڪنور!
سچ ڪي سوريءَ تي چاڙهيو ويو، مات رهيا منصور!

من سندر جا ديپ وسامان، آهي واس نه ڏوپ،
گهڙيءَ گهڙيءَ ڪي سيتا جو ست، راتيون راوڻ روپ.

هي ماڻهوءَ جو ٻچڙو سڙو، ڪري ٿو ڪيڏا ڪيس!
پوءِ به اسان جي ڳوڙهن آندي، اکڙين ۾ آميس.

منڊر جا در کول، پڄاري، منڊر جا در کول،
اهي مورتيون وري نہ ملنديون، هيئن نہ رُنئيءَ ۾ رول.

ويا پنهونءَ جا پيرا لٽجي، پٿري پيو پنيور،
سٽيا نہ سڏ ڪنهن تنهنجا سسئي، هيو هوا جو شور.

پري پئي ڏرتيءَ جي ڇاتي، مري پئي مخلوق،
پيرين پري ٿي، ڇڏ تہ ڪٿان مان پري اها بندوق.

مڙين نہ ٿو اي مگٺا! اڄ ڪلهہ رهيو نہ آ هو راءُ،
چورين ٿو جي چنگ تہ چارڻ، پنهنجو ڪنڌ ڪپاءِ.

توڻ هوندين، توڻ هوندين، سنهنجو تو سان ناهي وير،
پر هي ماڻهو، جن آ تنهنجي اوٽ ڪيو انڌير!

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهہ،
منهنجي من ۾ چوليون ماري، سنڌو! تنهنجو ساهہ.

وسي رهي آ منهنجي وينا، پيار ڪٺي پالوٽ،
اچو، اچو، اي منهنجا مارو! ڏوڙو من جا ڪوٽ.

سانجهيءَ ويلي پنڇي موٽيا، روئي ڏنو ڪنبير،
پنهنجي پنهنجي آکيري ڏانهن، سڀ جي آهه اڪير.

~~آؤ لڳي آلو واڳي!~~ وله ۾ وينا تنهنجي وات،
پنهنجي پڇيي پڙڪي، تنهنجي تن ۾ ڪوڙي ڌات!

وڄندي رهندي تنهنجي وينا، مري نه ويندي مات،
تون جمنا جو جهونجهڪڙو آن، تون راڌاءَ جي رات.

ڪيهندي ايندي جن جي ڪتن-رَس، من من وڄندي تانَ،
ايندا، ايندا، ايندا آخر، آهي نوان انسانَ.

ڪيئن ڪريان مان ڪيئن ڪريان مان، گهڙي گهڙي آ گهاءُ،
هاءِ، پرينءَ سان پريت لڳائي سري وڃان ها، ماءُ!

سار اوهان جي آئي، من تي وار ڪيا ويساڪ،
آيري آيو سج اوپر کان، ٻڙڇيون آڇليون ٻاڪ.

ڪاريون ڪڪريون پرڃي آيون، پينا نه منهنجا نيڻ،
ڏمري آهي ذات اسان سان، شال نه سرڇيا سيڻ.

سانوري سانوري صورت هن جي، مٺڙو هن جو ساهه،
هاءِ، هيو پر ٻڪ جو هن جي اکڙين ۾ اوڙاهه!

ريج ڏنو هو هتڙي رت سان، ڪنهن ڀوريءَ جي ڀُل،
جنهن سان آسريا پيارا پيارا هي ڄاڻپي جا گُل.

هاءِ، ٻَڪيون، اڌ-ننڍيون نياڻيون، تن جي لڄ لڪاءِ،
آءُ هوا، هن ڀونگيءَ ۾، ڏيئي جي وٽَ وساءِ.

ڪٿي هنيءَ ڪانياڻي هن ڪي، ڪيئن نہ ڪو کهڪاءُ،
ننڍڙا نينگر، هن ڳيري ڪي تو وانگر آ ماءُ!

سون چيو، 'ريتيءَ ۾ رُلندي جي ملندم چانو تہ ڪيئن!'
وار چڏيائين پنهنجا چوڙي، چڪي چيائين 'هيئن'.

سون چيو، 'اوندھ ئي اوندھ آ، جڳ سان ٿيو هان تنگ'،
هن چيو 'سان تنهنجي چانڊوڪي، اڄ اڄ منهنجي سنگ'.

سون چيو، 'ماڻهوءَ جو ماڻهو ڪانئي اڄ ڪلھ ماس'،
هن چيو 'سڳري جي ٻوسر آ، هلي ونون ڪجھ واس'.

چيڪي پيو ڪو چوهو تن ڪي، سڏي پٽي ڪا سڄ،
اڪتان تنهنجون اڪڙيون ڏوڙيون، پٽ تان منهنجي اڄ!

منهنجون آليون اکڙيون، ڪٺريون، جئن جمنا جو جَل،
تنهنجي صورت، وهڪ متان جئن ونڙي تاج محل.

آتر آئو آ، سانجهي ٿي آ، چٽي رهيو آ چٽن،
ڏيئو ٻاري، وات نهاري، ڪنهن جي منهنجو مَن!

سينهوڳيءَ ۾ ڪيڙي ڪنوليءَ تي جو چوڏنهنءَ رات،
هنج اسان جي، هاڻ پرينءَ جو، گهڙيءَ گهڙيءَ جي ڳالهه.

ننڍڙي ننڍڙي ننڊ ڦٽائي، سينهوڳيءَ جي مات،
جهونجهڪڙو هو، نيريءَ چِٽ ۾ ڪنول هنيا ڦِي ڪت.

پوئين رات، هوا جون هيرون، مٿان وسي ٿي ماڪ،
چُمي پِٽي چانڊوڪي جنهن کي، سو مُڏ پيءَ پياڪ.

هي راتيون، هي ريتيون رُت جون، مري نه سگهديون موُر،
جنم جنم ۾ پوندو رهندو، پرين اوهان جو پوُر.

گهڙي گهڙي ٿي چڙهي چڪيا ٿي، جيئون ڪيڏي ٿي جَر،
تڏهن اسان مان آگ ازل جي، ڳائي راڳ آمر.

منهنجي من مان رانجهو بٽجي، نڪتا ڪيئي راڳ،
ڪن ۾ سنڌڙا، سڪ تي مرليون، اکڙيون پرنڌڙ آڳ.

پاند اسان جو پالهو ناهي، جهڪي ته ڏس تون جهول،
آچيا آهن اکڙين ان ۾، ڪجهه موتي آنمول.

مان تنهنجو آڪاش چڏي، آيو هان ڌرتيءَ ڪاڻ،
جنم جنم پٽڪائج، مون کي ڪانه کپي نرواڻ.

آئي تنهنجي سار، هوا ۾ آ تنهنجي هبڪار،
ڏار نه آهين، ڏار نه آهين، ڏار نه آهين يار.

آئي تنھنجي سار تہ منھنجي سڌ ڳاتا ملهار،
ڀڄيءَ پيو آ من اي ڀنڙا، ونين ڪئي وسڪار.

جنھن لئي موں اڄ نيڻ نہ ڀوڙيا، سو ننڊڙيءَ جو چور،
ڪٿي گذاريندو هوندو، هيءَ ڪاري رات ڪٺور!

تون تہ سڄاڻين ٿي هن ڪيءَ جنھن لئي اسان سان لانوَ،
ڪڏهن هتي هو ويٺو آ ڇا، اڙي، پپل جي ڇانوَ!

اي گُل، تون تہ سڄاڻين هن کي تو جهڙيءَ آ روءِ،
ويجهو آهہ ويو هُو تنھنجيءَ ڪڏهن سنگهي خوشبوءِ؟

منھنجو گهاءُ بہ تو جهڙو ئي گهرو آ اي چنڊ!
تو تہ ڏٺو هوندو، نہ رسائي جنھن کي پيار پَڇنڊ.

تو تي پير پيو آ هن جو؟ سچ چؤ، سچ چؤ وات!
ملي نہ تو هو منھنجو مانجهي، گهمي ڏٺا موں گهاٽ.

تون بہ تہ موں وانگر جاڳين ٿو، ساري رات نکٽ،
سچ چئہ، موں سان ڪوٽ ڪري، هن ڪنهن ڪيءُ آ ڪَٽ

ڇڙو وڃي پيو چانڊوڪيءَ ۾، پري پري جو پار،
سَري نہ جن جي سير بنا، تن ملي نہ ڪڏهن ميهار!

تو سان پيار ڪندي، اُئن ڳوليا تي موں تنھنجا چپ،
من جي ڪارونڀار ۾ لُڙهندي، ڳولي جئن ڪو ڪپ.

وڏي جواني، وڏي جواني، تيز پرانگهون پائي،
وهندو پاڻي، لهندي ڇايا، ڪير سگهي ترسائي؟

چنڊ تي چنڊ ستارا ڇايا، ڳائي پڇي گيت،
ماڻهوءَ جو من ڳول، ته آهن جڳ ۾ ڪيئي جيت.

ڪنڌان پيو ڪنڌ-پتليءَ جئن سان، ڏسان نه تنهنجي ڏور،
ڪڏهن ڪنڌو ٿيي، ڪيل چڙي هي، اورپان سون سان اور.

سان ئي پيئان، جلندي جيئان، سان ئي آهيان سنڌ،
سان ئي لوري، سان ئي جهوري، سان ئي پنهنجو پنڌ.

سان ئي بن هان، سان ئي بنسي، سان رادا، سان شيام،
سان جمنا جون لهريون، جن تي چنڊ ڪري آرام.

ون ون ۾ آ منهنجو واسو، پن پن ۾ پڙلاءُ،
واءُ چوي ٿي، 'جهونو آهين، آءُ، آڏامي آءُ'.

سان ڪويل جي ڪوڪ، ڪڏهن سان ڪاري ڪاري رات،
سان سا اونده، جنهن ۾ ڪيئي ڏيئا ٻاري ڏات.

پياليءَ پياليءَ سان رس پيتي، منهنجي پريت پياڪ،
ڪهڙي ڪهڙي موسل ساريان، ڪهڙي ڪهڙي ڪاڪ!

هن جي آلين اکڙين تي ڏس، منهنجا پرندڙ چپ!
وسري ويا سڀ ويڇ اسان کان، ڏوهه نه ڏي ڏاهپ!

ڪجهه ٻه نه هوندي سڀ ڪجهه آهي، سرتيون هي سنسار،
ساري جڳ مڳ جيون سان آ، اڳتي آ آنڌڪار.

پل ليءِ آهي هيءَ چانڊوڪي، پل ليءِ آهي پيار،
هن ڪان اڳتي ڇوليون ماري، ڪوئي ڪارونڀار.

ڪوئي ڪارونڀار، نه آهي جنهن جو ڪوئي ڪپر،
جنهن جون ڇوليون ڪونه ڇڏينديون، ڪائي چيز امر.

آيو موت ته روح مري ويو، جسم ٿيو آزاد،
مٽي اول، مٽي آخر، مٽي زنده باد!

مرندا سي ته مٽيءَ سان پنهنجي جُڙندا ڪيئي جام،
نوان نوان متوارا ايندا، هٿندا تن جي هام.

مرندا سي ته ميٽيءَ سان پنهنجي ڦٽندا سرخ گلاب،
ڪڙندا ٽڙندا جن ۾ پنهنجا بسنت رُت جا خواب.

مرندا سي ته مٽيءَ تي پنهنجي چنڊ ڪندو چانڊاڻ،
ساهه اسانجي ساٿيي جا، سا سونهن ڪندي سرهاڻ.

مرندا سي ته ميٽيءَ جو پنهنجي ويندو دور غبار،
چنڊ ٿري ڇوڏار ڇميندو پيو اسانجو پيار.

مرندا سي ته ميٽيءَ سان پنهنجي، ملندو هي مانڊاڻ،
ڪتيون اسانجي ڪيچ ۾ هونديون، چنڊ اسان سان ساڻ.

گيت

آءُ وهائيءَ ويل،
گهڙيءَ جا ميل ـ محبت ڪنهن جي ناهي رهندي!

ڪنهن جي ناهي جُوءِ،
مگر خوشبوءِ ـ سدائين آئي هير الهندي.

پورو ٿيندو پنڌ،
سندءِ سوڳنڌ ـ حياتي ويندي ڪهندي ڪهندي.

او، منهنجا محبوب،
منڊم مطلوب ـ آئي جي واءُ وڃي ٿي ڪهندي.

چاٺان تو انجام،
پري ڏي جام ـ جواني چانڊوڪيءَ جئن لهندي.

(٢)

ڦٽڻ لڳي آ سيندي سنڙا،
نيمڻ جهليو آ پور — ڪيسين رهندين دور!

پريت اسان جي نه رهي، نه رهي،
سونهن سرنهن جي سرهي سرهي،
من کي ڪيو مجبور — ڪيسين رهندين دور!

ٻوند اکين مان نه ڪِرِي، نه ڪِرِي،
اولهه کان آئي جو ڪڪري،
برسيا سي ڀرپور — ڪيسين رهندين دور!

توليءَ ساهه ائين سيڏائي،
جهونجهڪڙي جو جڻ واجهائي،
چاڙهي لاءِ تلوُر — ڪيسين رهندين دور!

منهنجي آس، ڏکن جو ڏيئڙو،
منهنجو هر سانجهيءَ اوسيڙو،
سڙي نه سگهندو سُور — ڪيسين رهندين دور!

ڦٽڻ لڳي آ سيندي سنڙا،
نيمڻ جهليو آ پور — ڪيسين رهندين دور!

(٣)

محبت نہ ڪڏھن ماتَ ڪئي موت، هلي آءُ ــ
سندم هوت هلي آءُ !
تڙي آھ رتن جوت نہ ڳڻ ڳوت، هلي آءُ ــ
سندم هوت هلي آءُ !

هلي آءُ، نوان ڏينهن، نوان نينهن، هلي آءُ ــ
هلي آءُ، هلي آءُ !
هلي آءُ، پيا سينهن، پينا ڏينهن، هلي آءُ ــ
هلي آءُ، هلي آءُ !

سندم سونهن، سندم ساھ، هلي آءُ، هلي آءُ ــ
هلي آءُ، هلي آءُ !
نئون چنڊ، نوان چاھ، هلي آءُ، هلي آءُ ــ
هلي آءُ، هلي آءُ !

نئين رات، نئين بات، هلي آءُ، هلي آءُ ــ
هلي آءُ، هلي آءُ !
نئين تانگھہ، نئين تات، هلي آءُ، هلي آءُ ــ
هلي آءُ، هلي آءُ !

جهلي لاٽ، ڏسي واٽ، ٽڪا نيڻ، هلي آءُ ـ
نہ ڏي ويڻ، هلي آءُ !
جڙين ڇال، سڙي وچ نہ جئين سيڻ، هلي آءُ ـ
نہ ڏي ويڻ، هلي آءُ!

ڏسي آس سندم پياس، آڇي اوت، هلي آءُ ـ
سندم هوت هلي آءُ!
محبت نہ ڪڏهن ماٽ ڪئي موت، هلي آءُ ـ
سندم هوت هلي آءُ!

(۴)

آءُ، سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا، آءُ — آءُ، پرين آءُ !
هاءِ، ڪٿي تو بنا جئڻ ته اتر واءُ — آءُ، پرين آءُ !

ننڊ ڪريون نينهن ۾، آءُ، پني رات آهه،
آءُ، لڪي لاڏلا، تانگهه سندءُ تات آهه،
آهه هتي ڍپ نه ڍاءُ — آءُ، پرين آءُ !

پنڌ پيو آنهه، چا! چنڊ هنئين چو پڙي،
آءُ سپاجها سڄڻ! آءُ گهڙيءَ ليءِ گهڙي ؟
چنڊ تجيان ڪر چناءُ — آءُ، پرين آءُ !

ناچ ڪندي، مرڪندي، ڏينهن ٻه ٿي زندگي،
نيت اجهاسي، آلا، ڏينهن ڪٿي زندگي،
آهه ڪٿيءَ جو آلاءُ — آءُ، پرين آءُ !

راند رمون روح جي، آ ته محبت ڪريون،
سونهن سرنهن جي چنون، پاند پيرهه جو پريون،
هاءِ، سوا تو هگاءُ — آءُ، پرين آءُ !

آءُ، پني آ هوا، مينهن پيا، آءُ !
آءُ، ملاقات ۾ ڏينهن پيا، آءُ !
آءُ ! سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا، آءُ !
... آءُ، پرين آءُ!

(٥)

راتِ انڌيري، واءُ ڏڍيري، آپ تي تارا ڇايا —
هاءِ، پرين ياد آيا!

جهرمر وارا، پيارا پيارا، نيريءَ گهرائيءَ ۾ تارا،
سون جئن اک نہ لاتائون ٿي، پل پل جهاتيون پاتائون ٿي؛
آهي نينهن نہ ننڊ جو ويري، جاڳي سون جاڳايا —
هاءِ، پرين ياد آيا!

ڏيئا ٽيواٽي تي سون پاريا، لنگهي ويا سَئو ان تان ڏاريا،
آس نہ لاٿي، پاس نہ پاسي، گذري وئي پر ہي چوماسي؛
جئن جئن پوءِ، تئن پياس گهٽيري، آتا هاءِ آڇايا —
هاءِ، پرين ياد آيا!

پوئين پهر فضا گهوماٽي، جهٽڪي تي ٿي سرد ڏياٽي،
ڪاريون ڪاريون هو گهرايون، وَٽ ڪائيندي جئن لهرايون؛
دور ڦٽي تئن باڪ پليري، گرجا گهنڊ وڄايا —
هاءِ، پرين ياد آيا!

(٦)

آهه پري تہ نہ گهاٽ —
هوريان هوريان ونجهہ هلاءِ!

پاڻيءَ جي ڇاتي ڇلڪائي،
ڇن ڇن ڇيڙي لوڏا کائي؛
پل پل ٽئن پاسا بدلائي،
ڪاري ڪاري ڀاٽ —
هوريان هوريان ونجهہ هلاءِ!

وهندي ڏارا ڪَهِندا تارا،
سڙهہ جا پاڇا ڪارا ڪارا؛
آيا پل پل ياد پيارا،
اونده ۾ چمڪاٽ —
هوريان هوريان ونجهہ هلاءِ!

ڏيهہ ڇڏي پرڏيهہ هلياسين،
ڪنهن نہ ڇهلياسين، ڪنهن نہ ڇلياسين؛
ڪنهن سان دل جا ڳجهہ نہ سلياسين،
دل ۾ ڪائي ڦاٽ —
هوريان هوريان ونجهہ هلاءِ!

(٧)

منزل آهي دور، ملاح! رات وڃي ٿي پوندي:
رات وڃي ٿي پوندي – او، ڪونج وڃي ٿي لوندي!

ٻڏي ويو جي دور ستارو، پنهنجي اوندهہ جو اجيارو
ڏيندو سج ۾ ڪير سهارو؟ آهي لڳ لڳ ڇڙور، ملاح!
... رات وڃي ٿي پوندي:
رات وڃي ٿي پوندي – او، ڪونج وڃي ٿي لوندي!

هڻن ڪي ڪونج نياپو ڏيندي، پوءِ تہ ڪنڌيءَ تي پڇندي ايندي،
هن بن عمر الا ڪشتي ڏيندي؟ هي ٻيڙيءَ جو پور ملاح!
... رات وڃي ٿي پوندي:
رات وڃي ٿي پوندي – او، ڪونج وڃي ٿي لوندي!

ڇاڻ پريںءَ جي پار پڳاسي، آهہ ويو جو وڻ وڻ واسي،
ڏس پهتاسي، ڏس پهتاسي! ڏس، هو سامهون گهٻور، ملاح!
... رات وڃي ٿي پوندي:
رات وڃي ٿي پوندي – او، ڪونج وڃي ٿي لوندي.

(٨)

نيهہ ناھہ جواني، او يار…
آءٌ گهڙي پل پيهي، آءٌ پرين پرڏيهي!

آيون سانوڻ جون برساتيون،
رم جهم واريون ڪاريون راتيون—
تو بن دل ديواني، او يار…
آءٌ گهڙي پل پيهي، آءٌ پرين پرڏيهي!

جڻ آهہ ڪنول تي بوند پئي،
ڏس چاڻ وئي، او چاڻ وئي—
عمر اسان جي فاني، او يار…
آءٌ گهڙي پل پيهي، آءٌ پرين پرڏيهي!

نهر اهائي، لهر ڪٿي آ؟
گذري ويو جو پهر ڪٿي آ؟
آهي آني جاني، او يار…
آءٌ گهڙي پل پيهي، آءٌ پرين پرڏيهي!

اچ تہ اکهون گوڙها، ڳالهايون،
ڳل ڳل سان، من من سان لايون—
نينهن چڱي ناداني، او يار…
آءٌ گهڙي پل پيهي، آءٌ پرين پرڏيهي!

(٩)

پڇي ڪيئن پکيڙو ! ··· چنڊ چريو ڪيو آهي.

پرين ويو پرديس پري،
رت ساوڻ جي آئي، او آلا !
جنهن وقت وسڻ جا ويس ڪري،
برسات پئي،
ڪنهن ڪوڪ ڪئي—
هيءَ ڪويل ڪنهن گهائي، او آلا !
جلي ويو جو جيئڙو، ٻَن اکڙين کي ناهي
پڇي ڪيئن پکيڙو ! ···چنڊ چريو ڪيو آهي.

او، ڪاريون گهٽائون ترسوها،
هيءَ ڪنهن جي ياد آئي، او آلا !
او، مست هوائون ترسوها،
هڪ ڳالهه سڃو،
هن ڏانهن وڃو—
جنهن لُونءَ لُونءَ لئون لائي، او آلا !
ساهه جنهين سان سيئڙو، سنهي سئيءَ سان ناهي—
پڇي ڪيئن پکيڙو ! ···چنڊ چريو ڪيو آهي!

(١٠)

تنهنجي تات تنوار،

اج تہ تمنا تن ۾ لاتي،
اج تہ محبت جهاتي پاتي!
چايا مينگهہ ملار! تنهنجي تات تنوار...

اج تہ آچايا روز ازل جا،
تنهنجن چهڙن تي جو پهتا،
پياس بجهائيي پيار! تنهنجي تات تنوار...

اج تہ سٽل سرَ راڳ جڳايا،
تنَ جي تارن ۾ تڙڦايا،
منهنجي ساهہ-ستار! تنهنجي تات تنوار...

من ساگر تي چانئيي سانجهي،
اونهيي اونده منهنجا مانجهي،
جنهن جا آر نہ پار! تنهنجي تات تنوار...

تون منهنجو مان تنهنجو ساحل،
کيسين جهاگيندي زهندي دل،
موجون ۽ منجهڌار! تنهنجي تات تنوار...

(١١)

ساري رات ستارا جاڳيا،
ديس سڄو، دل وارا جاڳيا! —

پنهنجي پنهنجي چنڊ جون هر ڪنهن ،
ڳالهيون ڳاتيون،
جهاتيون پاتيون؛
ڏکجي نيٺ ٿيا ننڊ هاڻا،
آئي ننڊ ته روح آڏاڻا!
ٻنهي پار پرينءَ کي هرڪنهن،
پل پل پاتو،
ڇاتيءَ لاتو!

ساري رات ستارا جاڳيا —
ديس سڄو، دل وارا جاڳيا!

(١٢)

سيڪا سومل، سيڪو راڻو ـ
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

لڙڪ به سڀ ڪي مرڪ به سڀ ڪي،
سونهن پياري سڙڪ به سڀ ڪي،
پيار به سڀ ڪي پور به سڀ ڪي،
نينهن ڏنا ناسور به سڀ ڪي،
هار به سڀ ڪي جيت به سڀ ڪي،
مٺڙا ميت به سڀ ڪي،
سڀ ڪي ڳوڙها ۽ ڳاراڻو!
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

سيڪا سومل، سيڪو راڻو ـ
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

(١٣)

هڪڙي مڪڙي، سٽو پنپوري –
هڪڙو چنڊ، هزار چڪور!

ڪنهن جي من ۾ راڳ اچي ٿو،
جنهن تي سارو ڏيهه نچي ٿو!

ڪنهن جي لونءَ لونءَ جي ڪا لوري،
ساري جيون جيي چت-چور!

هڪڙي مڪڙي، سٽو پنپوري –
هڪڙو چنڊ، هزار چڪور!

(١٣)

تون سان آهيون يار، او چنڊ ـ
اڄ تہ رُلون گڏ راتيون!

تنهنجو منهنجو گهاءُ بہ ساڳو،
صدين جو سوداءُ بہ ساڳو،
ٻئي اونده تي وار، او چنڊ ـ
اڄ تہ رُلون گڏ راتيون!

تون سان آهيون ٻئي هرجائي،
ٻئي سيلاني، ٻئي سودائي،
بيگانا، بيزار، او چنڊ ـ
اڄ تہ رُلون گڏ راتيون!

روح نہ ريجهي تنهنجو منهنجو،
پنڌ پرهہ ڏي تنهنجو منهنجو،
پرين پرانهين پار، او چنڊ ـ
اڄ تہ رُلون گڏ راتيون!

تون سان آهيون يار، او چنڊ ـ
اڄ تہ رُلون گڏ راتيون!

(١٥)

تنهنجي ياد ڀئي آئي!

تنهنجي ياد ائين پيدا ٿي، جڻ ته اَڌند ڪنولي لاٿي،
صحرا ۾ ڪنهن سودائي—
تنهنجي ياد پئي آهي!

جئن نه سرءَ ۾ سُڪيجي ٻن ٻن، واءُ لڳڻ سان چيڙي 'چن چن'،
ياد ائين دل ڌڙڪائي —
تنهنجي ياد پئي آئي!

تنهنجي سن جئن گهري ڪاري، چانئيندي وٺي رات انڌاري،
تارا ها، ۽ تنهائي —
تنهنجي ياد پئي آئي!

(١٦)

گذري وئيي برسات،
تو بن گذري وئيي برسات!

بادل گرجيو، بجلي ڪڙڪي، مينهوڳيءَ جا جهلڪا آيا؛
ڪجهه اک ڦڙڪي، ڪجهه دل ڌڙڪي، من تي پل پل الڪا ڇايا؛
آلاپي، آلاپي، ڪاٽيي،
ڪاري ڪاري رات...
گذري وئيي برسات،
تو بن گذري وئيي برسات!

منهنجي من جڻ موڳا تارا، جهڙ جيي جهاڳ ڏسي گهبرايا؛
آس ۽ ٽمڪيي، جهمڪيي پيار، جڻ جڻ تن جا جهلڪا آيا؛
چپ تي نينهن-نياپي ڪاٽيي،
ڪاري ڪاري رات...
گذري وئي برسات،
تو بن گذري وئيي برسات!

ڪلنديون ڪوئيون، ٽلندا بادل، پل ۾ وچندا پچندا آيا؛
وسڪارو وچ، پاڻي جل ٿل، موت پئي چڻ ڏند ڏکايا؛
پڪ ۾ موت، جياپي ڪاٽيي،
ڪاري ڪاري رات...
گذري وئي برسات!
تو بن گذري وئي برسات!

(١٤)

گهنن گهنن، گهن گهن، گهن گهن گهن،
ڏنن ڏنن، ڏن ڏن، ڏن ڏن ڏن!

گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل!
پيو پيو سيءَ جا متوارا، جيو جيو ڌرتيءَ جا پيارا!
چنن چنن چن، پيالا چلڪن-
گهنن گهنن، گهن گهن، گهن گهن گهن!

گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل!
جڳ جڳ کان آ ڌرتي پياسي، سمين سمين آئي چؤماسي!
گهڙيءَ گهڙيءَ ليلايو لڙڪن-
گهنن گهنن، گهن گهن، گهن گهن گهن!

گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل!
ڪلهه ڪلهه اي ڪوڙيون ڪيريون، رلو ملو اي ڪڪريون ٽيريون!
ٿيلو ٿيلو اج گلشن گلشن-
گهنن گهنن، گهن گهن، گهن گهن گهن!

گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل!

(١٨)

ٻاٻيهو ٻولي !

جهار نہ هنڙي ڪوئي هڪلي،
ڪير جهڄي جهولي-
ٻاٻيهو ٻولي !

نيسر هيئان نينگر وهنجي،
وار ڇڏيا کولي-
ٻاٻيهو ٻولي !

چمڙيءَ کي جو مهڻي سهڻي،
آگ لڳي چولي-
ٻاٻيهو ٻولي !

ساري رُت من توکي ساري،
توکي ئي ڳولي-
ٻاٻيهو ٻولي !

(١٩)

ڀري ڀري ڏي چر سان، چاڙو!
ٺـڏو ٺـڏو ڪـو ٺانءُ!

ڏنو سنيهو ڪنهن لئه ڏاهي،
پنهنجو ڪوئي سپرين ناهي،
ناهي پنهنجي پريت ڪنهين سان،
لنوي پيو چـو ڪانءُ!

پيارا پيارا نينهن وساريا،
ڪهڙا ڪهڙا ڏينهن وساريا،
ويا اسان ڪان وسري، تن جو
ونـي نہ ڪـوئي نانءُ!

ڪنهن سان تنهنجو پيار ٿيو آ!
چنڊ بہ ڪنهن جو يار ٿيو آ؟
ڪنهن لئہ ٿو ڪنهڙائيون ڪوهين!
ٿيـو نہ جنهن جـو ٿانءُ!

مڌ پيتو، مسرور ٿياسي،
ڏک سک سڀ ڪان ڏور ٿياسي.
آءُ تہ جهولون، آءُ تہ جهولون،
ٿـيـو هـنـدورو هـانءُ!
ڀري ڀري ڏي چر سان، چاڙو!
ٺـڏو ٺـڏو ڪـو ٺـانءُ!

(٢٠)

او سنهنجا چت چور،
پل پل تنهنجا پور پيا !

تون اُئن چانئين سنهنجيءَ دل تي -
لهريون واريءَ تي واريندديون،
سڀ چا پيرا ميساريندديون،
لهرادون ٿي جيئن ساحل تي،
پرجي ويا جئن پور،
تئن سنهنجا ٻ خيال ويا :
او سنهنجا چت چور ،
پل پل تنهنجا پور پيا !

سڄ پاڻيءَ ۾ غوطا کائيي،
دنيا جي ٻئي پار ويو هو،
سانت سڄو سنسار پيو هو،
تنهنجي ياد پٺي جو آئي،
رات پٺي گهنگهور،
ننڊ پيا ها پيـر هـَيا !
او سنهنجا چت چور،
پل پل تنهنجا پور پيا !

(٢١)

سنهنجا پرين !
او بانورا ! او سانورا !
گهر ۾ گهيرين،
چوري ڪرين، ڪلندو ورين،
مان لک چوان، پيرين پوان،
پر جو سڙين، او شل جڙين !
سنهنجا پرين !
او بانورا ! او سانورا !

سورج ويو جڏهن ڍرڪندو،
۽ شام لهرايون ڇڏيون،
آئين نظر تون ٻرڪندو...
ڪيڏيون نہ گهرايون هيون،
سنهن ۾ سندءِ اي آشنا !
سو سو سنيها جن ڏنا !

جڏهن ڪنگ آڏريا واءَ ۾،
ڦرنديون ڪريون، ڪنيڙيون ڪٽيون،
تي ويا ڇلا ڦهلاءَ ۾،
جڏهن ڍنڍ ۾ لهريون اٿيون،
تهہ ۾ نظر آئين پئي،
وهہ تي بہ لهرائين پئي...

پَرَ رات ڦهلايا جڏهن،
تارا ٽيا تارا سندءِ،
وڻ ساٿ ۾ آيا جڏهن،
آيا نظر چارا سندءِ،
گذري ائين ٿي رات وٺي،
تن مان نہ تنهنجي تات وٺي…

ڪن ۾ ڪسي دلڙي وئين،
زورآوري پنهنجي بہ ڏس!
مهنا ٽيا جـو منهن پئين،
ڏيساوري پنهنجـي بہ ڏس!
لَنءُ لائجي، پرپائجي،
پوءِ چو ائين گهبرائجي!

منهنجا پرين!
او بانورا! او سانورا!
ڪـين ۾ ڦرين،
ويندو رهين، لک ٿو لهين،
مان پـٽي چوان پيرين پوان،
پر جو مڙين، او شل جڙين!
منهنجا پرين!
او بانورا! او سانورا!

(٢٢)

وسُ وسُ، وسُ وسُ، وسَ ڪر مينهن،
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿيِ!

سوڪ وئي ٿي ساري ساري،
آپ سان اڪ نہ ڪئي ٿو هاري،
ڏس هيءَ وڻ جي ٽاري ٽاري،
هٿ ٿهلائي جئن ڀڪاري،
سڙڪون لٽ ۾ ليٽيون پيٽيون،
آٽ-ڳاڏيءَ سان چڙ تہ ليپٽيون،
ڳسَ سان آڀري نڪتو نينهن—
ڀرتا وِ چڙيا ساٿي!

وس وَس، وس وس، وس ڪر مينهن—
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿي!

سس سس آپ تي بادل ڇايا،
اندر جا جهنڊا لهرايا،
تن تي ڇايا بدلي ڪايا
نازڪ دل وارا گهبرايا،

نانگڻ نڪتي يا وڄ چمڪي،
ڇم ڇم ڇم ڇم ٻر ڪا ڇمڪي،
ڏس ته سهڻي چڻ ڳجندا شينهن —
پڄندا مڪنا هاٿي!

وس وس، وس وس، وس ڪر مينهن —
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿيي!

خوش هوندا سڀ پيڪي وارا،
وچڙني ٿيا ٿي مهنا سارا،
پورا ٿيندا جڻن لاٻارا،
ملندا شهري سيٺ موچارا،
ساڃهر آن جون ڳاڏيون هلنديون،
پرجي ڏڌ جون چاڏيون هلنديون؛
ڏسندي ڏسندي لنگهندا ڏينهن —
آس نه آ مون لاٿي!

وس وس، وس وس، وس ڪر مينهن —
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿيي!

(٢٣)

سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

ٿيندي شام، شفق ڇانئيندي،
ڇولي ڇولي جهلڪا ڏيندي،
ڪجهه مائيٽا،
جهيٽا جهيٽا،
ويندي گيت ندي ڳائيندي،
ٻکهڻ پَر کولي،
ٻوليي ٻولي،
بس آذري ويندا ٻئي پار،
هڪٻئي کان ٿي ويندا ڌار-
سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

ڪونج اُفق ۾ رُلندي رُلندي،
ساٿي ڳوليندي دک ڀُلندي،
لَوندي لَوندي،
ٿڪجي پوندي،
ٻوئين واءُ سرءُ جي گهُلندي،
ڇنبا پيچا،
گيت چٽي جا،
پرباٺ پاڻيءَ سان ٽمٽار،
داٺي سان ٿيندو انبار-
سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

ٻيندا ساوڻ جا وسڪارا،
پل پل ايندا ياد پيارا،
ڪاريون راتيون،
۽ برساتيون،
گجندا بادل ڪارا ڪارا،
ڇانئيندو جهڙ،
وسندي ڦڙ ڦڙ،
بوندون ڪِرندي ٻينديون ڏار،
ڪابہ نہ لهندي ڪنهن جي سار—
سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

ڪن پل تنهنجو منهنجو ميلو،
روح گهڙيءَ لِءِ ڏيندو ريلو،
سڀ اتفاقي،
ڪجهہ بہ نہ باقي،
تون بہ اڪيلي مان بہ اڪيلو،
هي مانداڻ،
سڀڪجهہ ڇاڻ،
سڀڪجهہ چانڊوڪي ۽ پيار،
من ڪان اڳتي آ انڌڪار—
سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

آهه بهشت بہ ساڳي دنيا،
۽ دوزخ بہ نياڳي دنيا،
جنهن جنهن ساٿي،
سا سا واٽي،
جنهن جنهن آهه تياڳي دنيا،
سا جوڳياڻي،
ڇاڻي واڻي،
پاتو آ تنهن دک جو هار،
سيرڪي ويجهو آ دلدار
سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

(۲۴)

جيون- نيّا منڙي سڙ ۾ پئي ڪجهه ڳائي،
سانجهي سهڻي آ هستيءَ تي، ڪارا پَرَ ڦهلائي،
ڪوهيري ۾ ڪونج اُفق تي پرڙا ٽي ڦڙڪائي:
آشا-ديپ جلائي—
هن نيّا جي وَهُم تي ويو ڪو آشا- ديپ جلائي

هوريان هوريان هير نديءَ تي لاٽ پئي ٽمڪائي،
پاڻيءَ ۾ پاڇو چوڌاري جوت پيو ڦهلائي،
چوليءِ، ڏيئي سان ٽڪرائي، تيل پئي چلڪائي:
پل پيو لوڏا کائي—
... هن دنيا جي وَهُم تي ڏيئو پل پيو لوڏا کائي!

ڏس ته مٿان آڪاش پيو ٽوڪيڙا ديپ جلائي—
هڪڙو گم ٿئي، پيو نڪري، تارن سان راند رچائي!
تنهنجو ڏيئو غرق نه ٿي ويو جي جڳ کي جرڪائي،
دل نه سندءِ گهبرائي:
هن نيّا جي وَهُم تي ڏيئو پل پيو لوڏا کائي

(٢٥)

پيئو، پيئو، پيئو ڙي يار!
جيئو، جيئو، جيئو ڙي يار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

ڏينهن ئه ساڳيا، نينهن ئه ساڳيا، مند ئه ساڳي، سينهن ئه ساڳيا:
ڪنهن جا ڪنهن جا ڏک سارينڊؤ، ڪيسين گذريءَ ۾ گهارينڊؤ:
سڀ آ وڃڻ جو وڃڻ تي وارُ!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

چنڊ ئه ساڳيو، رات ئه ساڳي، بوند ئه ۽ برسات ئه ساڳي:
هر شيءِ ۾ ڪا ياد رهي ٿي، ڏاهپ جنهن جا ڏنگ سهي ٿي:
ڏک جي ڏولي، سُک جي سار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

روپ ئه پل لئيءِ رنگ ئه پل لئيءِ، سات ئه پل لئيءِ سنگ ئه پل لئيءِ:
هار ئه پل لئيءِ جيت ئه پل لئيءِ، سڙا سڙا سيت ئه پل لئيءِ:
جڳ ٿي پل جو آهه پسار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

پيار پکيئڙو هو پرڏيهي، آيو هو پڇري ۾ پيهي،
نيٺ اڏامي ويو هئي پار— چوڻ پکيڙيون پيا ڪي چار:
ڪيئي پکيئڙا، لک هزار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

مکڙيون ميڙي ڍير لڳايو، متي چڙڪايو، ساز وڄايو:
ناچ وڄهو، گهنگهرو ڇمڪايو، ڳايو، ڳايو، غم کي گهايو:
مهڪو ڇهڪو ٻهڪو يارا
پيئو ڙي يارا جيئو ڙي يارا

(۲٦)

ڪٿي آ منهنجي منزل سائين، ڪٿي آ منهنجو ماڳ؟

رات انڌيري، ويل اويري،
چنڊ ستارا منهنجا ويري-
ڪڏهن اچي سون سان مل سائين، پٿلي پيو آ ڀاڳ.
ڪٿي آ منهنجي......

ويهي ونجهه هٿان سان ڪيسين،
لهرين ساڻ لڙان سان ڪيسين -
سُجهي نه ڪوئي ساحل سائين، سامهون سمنڊ اجهاڳ.
ڪٿي آ منهنجي......

سات انهيءَ جو سنگ انهيءَ جو،
نينهن انهيءَ جو ننگ انهيءَ جو-
گڏلا ۾ آ شامل سائين، سون سان منهنجو راڳ!
ڪٿي آ منهنجي منزل سائين، ڪٿي آ منهنجو ماڳ؟

(٢٧)

تون مون کي، مان توکي ڳوليان،
لِڪي ليئا پايان،
واجهه وجهي واجهايان!

آگ ازل جي! آگ ازل جي!
آءُ ته توکي ڳايان،
سُر ۾ سوز سمايان!

ساري رات سجهه ۾ مان سوچان،
تارن کي ترسايان،
ڳالهه ڳجهي ڳالهايان!

سور سوين مانڌي مان تڙڦان،
توکي ئي تڙڦايان،
لونءِ لونءِ منجهه لُڇايان!

چنڊ! ستدءِ چانڊوڪي آهيان،
پاڇو ٿي پڇتايان،
چؤ، توکي ڪيئن چايان!

تون مون کي، مان توکي ڳوليان،
لِڪي ليئا پايان،
واجهه وجهي واجهايان!

(٢٨)

آيس آيس آيس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

پنهنجا پيارا سات ڇڏي ويا،
چنڊ ستارا سات ڇڏي ويا،
اونداهيءَ اٽڪايس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

سڪ جا سنڌر سپنا ساريم،
من ٿي من ۾ ڏيئا ٻاريم،
پل پل واءُ وسايس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

منڙا سانُهو مرڪڻ وارا،
لوڻ ڦٽن تي ٻرڪڻ وارا،
گهڙيءَ گهڙيءَ جن کهايس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

آهي راحت رڻ جي ريتي،
آڄ ۽ رڃ جي ڏيتي ليتي،
ڪهڙيءَ پل پڪايس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

جهولي خالي، آلي آلي،
آس اکين ۾، ساهه سوالي،
آخر تو ڏي آيس، او—
آيس آيس آيس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

(۲۹)

من ۾ مڌ جي پياس ڀَري —
شام وري آئي ۔

مَڌ جي جوت جَلي جيون ۾،
چَنڊَن چِٽَنَ ٿي منهنجي چِتَ ۾،
ڪنهن جي ڦيرِي نِرت۔ڀري،
رڳ رڳ جاڳائي!
شام وري آئي ۔

نيل۔ڪنول جڻ انگ ۾ ساڳيا،
من ۾ مست اُمنگ ۾ ساڳيا،
نچِي نچِي تنهن دور ڏري
منهنجي تنهائي—
شام وري آئي ۔

من ۾ مڌ جي پياس ڀَري —
شام وري آئي ۔

(٣٠)

پري پرينءَ جي لوءِ ! آلا او لوءِ ...
وءِ ڙي ووءِ !

ـــُري پٽ تي آئي سانجهي، پکيءَ نہ آيا پار،
نيٺ تہ ايندا منهنجي من جا مانجهي اي منجهڌار!
آيا ڪونہ تہ پوءِ! آلا او پوءِ ...
ووءِ ڙي ووءِ!

ڪڏهن ڪا ڪڪري آئي، مگر نہ ٿي وسڪار،
آهيون رڻ جا روجهہ، تڪيون ٿا ڪارا ڪارونيار،
وَسي نہ ڪوئي ووءِ! آلا او ووءِ...
ووءِ ڙي ووءِ!

ڪڏهن تہ ايندو چنڊ اسان جو، اڇي ڪندو چانڊاڻ،
ساريون راتيون جنهن سان رهنديون، پنهنجي روح رهاڻ،
هيئڙون انهيءَ سان هوءِ! آلا او هوءِ...
ووءِ ڙي ووءِ!

پريا اسان جي من تي ڪيئي ڏڪڙا ڪيئي ڏاڍ،
پوءِ بہ انهيءَ جي خوشبو آهيون، آهہ انهيءَ جي آڌ،
سارُ انهيءَ جي سوءِ! آلا او سوءِ...
ووءِ ڙي ووءِ!

پري پرينءَ جي لوءِ! آلا او لوءِ...
ووءِ ڙي ووءِ!

(٣١)

ڀري ڏس، ڀري ڏس، منهنجو جام،
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!

پيالي ۾ چاندوڪي آهي،
ان ۾ ڪوئي ڪفر نه ناهي،
نڪي انهيءَ ۾ آ اسلام:
پيءُ انهيءَ مان، جڳ جڳ جيءُ!
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!

جي تنهنجي دل ماندي آهي،
آءُ ازل کان آندي آهي
هيءُ سيءُ جنهن تي آ الزام،
جيءُ چوي ٿو جنهن کي جيءُ!
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!

آ، ماڻهوءَ جو پيار ڀري پيءِ،
هي سهڻو سنسار ڀري پيءِ،
برهه ڪري جنهن کي بدنام،
تون نه اهو متوارو ٿيءُ:
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!
ڀري ڏس، ڀري ڏس، منهنجو جام!
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!

چيچ

اڙي چنڊ، اڙي چنڊ، پرين تو تہ ڏٺو ناھہ!
سندس روپ، سندس رنگ، اٿين آھہ جھڙين تون!

اڙي رات، اڙي رات، پرين تو تہ ڏٺو ناھہ!
سندس وار، سندس ونگ، اٿين آھہ جھڙين تون!

اڙي ڦول، اڙي ڦول، پرين تو تہ ڏٺو ناھہ!
سندس رنگ، سندس انگ، اٿين آھہ جھڙين تون!

اڙي هير، اڙي هير، پرين تو تہ ڏٺو ناھہ!
سندس ساٿ، سندس سنگ، اٿين آھہ جھڙين تون!

اڙي نانگ، اڙي نانگ، پرين تو تہ ڏٺو ناھہ!
سندم ڏاھہ، سندس ڏنگ، اٿين آھہ جھڙين تون!

(٢)

تون آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ!
اي پيار، ڀلي آءُ، ڀلي آءُ، ڀلي آءُ!

هيءَ هيج ڀري سيج، هلي آءُ، هلي آءُ!
هي چاهه ڀريو ساهه، هلي آءُ، هلي آءُ!
هي سنگ ڀريا انگ، هلي آءُ، هلي آءُ!
هي نينهن ڀريا ڏينهن، هلي آءُ، هلي آءُ!
هيءَ ڏير ڀري هير، هلي آءُ، هلي آءُ!
هيءَ ڏات ڀري لات، هلي آءُ، هلي آءُ!
هيءَ سوچ ڀري لوچ، هلي آءُ، هلي آءُ!

تون آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ!
اي پيار، ڀلي آءُ، ڀلي آءُ، ڀلي آءُ!

وايون

آءُ، زندان جي جهروڪي مان نهار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

آسمان مان ڪري ٿو چانڊنيءَ جو آبشار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

ٻن جهانن تي ڪري ٿي وار، ڪوئل جي پڪار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

هيءَ هوا، هي هيج، هي سامهون کجورين جي قطار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

چنڊ تنهنجي لاءِ سيخن مان نهاريو بار بار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

تون ڪڙين ۾ به ڪٽي سگهندين گهڙيءَ جي لاءِ يارا!
ڪهڙي پياري رات آهه!

گهاءِ پيارا: هيءَ در و ديوار ناهي پائدار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

آءُ، زندان جي جهروڪي مان نهار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

(۲)

ترس اي حسن ازل —
اڄ ته منهنجو روح رڃجي ٿي نٿو!

ترس اي پردهٔ نشين پڙدو هٽائي چار پل —
ترس اي حسن ازل!
اڄ ته منهنجو روح رڃجي ٿي نٿو!

هيءَ هوا، هيءَ رات ۽ هيءَ آرزو دل ۾ آجهل،
ترس اي حسن ازل!
اڄ ته منهنجو روح رڃجي ٿي نٿو!

چنڊ، تنهنجي لاءِ آهن منتظر منهنجا ڪنول —
ترس اي حسن ازل!
اڄ ته منهنجو روح رڃجي ٿي نٿو!

ترس، تو مان ڪجهه ته ڏاڍن هاءِ هي اکڙيون ڀينل —
ترس اي حسن ازل —

اڄ ته منهنجو روح رڃجي ٿي نٿو!

(٣)

هر محبت جي مزار،
وقت کوئيندو رهي ٿو، ڏينهن رات ۔

چنڊ کان پڇ، جنهن جي پاڇي ۾ ٿين ٿا ڪيئي پيار ـ
هر محبت جي مزار،
وقت کوئيندو رهي ٿو، ڏينهن رات ۔

رات کان پڇ، جنهن ۾ آهن زلف ڪيئي مشڪبار ـ
هر محبت جي مزار،
وقت کوئيندو رهي ٿو، ڏينهن رات ۔

هير کان پڇ، جنهن برهه جي باهه کئي ڪيو بيقرار ـ
هر محبت جي مزار،
وقت کوئيندو رهي ٿو، ڏينهن رات ۔

تون ۽ تنها، مان ۽ تنها، ڪوئي ڪنهن جو ناهه يار!
هر محبت جي مزار،
وقت کوئيندو رهي ٿو، ڏينهن رات ۔

(۴)

تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون صبح و شام ـ
مون ڪي پل پل ڀُور تنهنجي پيار جا !

تنهنجون اکڙيون منهنجي ڏاهپ جون ڏياتيون ٽيون مدام ـ
مون ڪي پل پل ڀُور تنهنجي پيار جا !

رات مون ڪي چنڊ پهچايو هيو تنهنجو پيام ـ
مون ڪي پل پل ڀُور تنهنجي پيار جا !

مون پرهه جي هير ڪي ساجهر ڏنا تو لئيءَ سلام ـ
مون ڪي پل پل ڀُور تنهنجي پيار جا !

روح ۾ خيما کُتا تنهنجا ـ مگر تنهنجو قيام ؟
مون ڪي پل پل ڀُور تنهنجي پيار جا !

اجنبي مون لئيءَ هيا پنهنجا پرايا، خاص و عام ـ
مون ڪي پل پل ڀُور تنهنجي پيار جا !

هر تصوّر، هر تخيل زندگيءَ ڪان انتقام ـ
مون ڪي پل پل ڀُور تنهنجي پيار جا !

تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون صبح و شام ـ
مون ڪي پل پل ڀُور تنهنجي پيار جا !

(٥)

رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آڳ جئن آئي ٻرين !

زندگانيءَ جي چمن مان آئي خوشبوي نجات—
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آڳ جئن آئي ٻرين !

ڪنهن ازل جي راز ڳاتو، سِرُ وڃايو ڪائنات—
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آڳ جئن آئي ٻرين !

اوچتو هر شيءِ لڳي ڄڻ بي ثبوت ۽ بي ثبات—
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آڳ جئن آئي ٻرين !

هي ستارا، هي نظارا، نيٺ ڪنهن جي آ صفات !
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آڳ جئن آئي ٻرين !

چنڊ جو چارو وٺي ڳولڻ لڳس مان حسنِ ذات—
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آڳ جئن آئي ٻرين !

(٦)

اي زمانن جا ضمير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ ؟

آب و گل سان چو ٻڌايءِ زندگانيءَ جو ضمير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ ؟

ڪاروانِ زيست جو ڇو آدمي ٿي ويو امير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ ؟

آدميءَ ڪيو ڪوهہ و صحرا، ماه و انجم ڪي اسير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ ؟

هاءِ ان جو قتل و غارت، بغض و نفرت، دارو گير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ ؟

چشمِ فطرت سان اچا تائين اُگهيو ڪنهن ناهہ نير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ ؟

جنهن ڪئي ڪوشش، انهيءَ جو آهہ سُوريءَ تي سرير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ ؟

اي زمانن جا ضمير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ ؟

(٧)

وري اهائي تانَ اچي ٿي، وري آهائي تانَ —
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

ٻري ٻري ٻهچي ويا جنهن سان پل ۾ منهنجا پران —
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

لڳي وئي ڪا لوري جنهن سان ڏريا رهيا سڀ ڌيان —
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

ڪٿ تي آهه نڪتت جي ڇايا، سمهي پيا انسان —
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

مان ماڌوءَ لاءِ ائين ڊوڙان، جئن ڇوڙي ڪان ڪمان
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

وري اهائي تان اچي ٿي — وري اهائي تان !

(ودياپتي)

(۸)

جتي ڪٿي هو آهي، جيڏيون، جنهن سان جان جڙي!

ملي ويو هو پنهنجي مڏ سان، ڳوڙهن منجهہ ڳڙي ـ
جنهن سان جان جڙي ...

پرين اسان جي پيالي ۾ هو، جيسين رات لڙي ـ
جنهن سان جان جڙي ...

تنهن جي سار سوا، اي سرتيون، ڪهاري ناهہ گهڙي ـ
جنهن سان جان جڙي ...

هاڻ اسان جو تنهن وٽ هوندو، جنهن ۾ آس اڙي ـ
جنهن سان جان جڙي ...

چني ڏنوسون، ڇڄي نہ سگهندي، تنهن جي قرب ڪڙي ـ
جنهن سان جان جڙي ...

(٩)

مان ڪويل، ٿون ڪاري رات،
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان!

تون ئي ڳائين، مٺڙا سائين،
منهنجي لونءِ لونءِ ۾ ٿي لات:
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان...

ڪيسين آڏران، ڪيسين ڪُوڪان،
تو بن منهنجي ناهه نجات:
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان...

منهنجو مَن اينءَ ڳولي توکي،
جئن ڪو بن ڳولي برسات:
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان...

تون ئي منهنجي سک جو سونهون،
تون ئي منهنجي ڏک جي ڏات:
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان...

(١٠)

گهرا گهرا نيڻ پرينءَ جا ـ
ڪارا ڪارا نيڻ!

اُٿيهينءَ جي اونداهيءَ جئن،
پيارا پيارا نيڻ!
ڪارا ڪارا نيڻ!

آيو تن ۾ نينهن ته تي ويا
سڀ ڪان نيارا نيڻ ـ
ڪارا ڪارا نيڻ!

سلي ويا اڄ منهنجي مڌ ۾
جيءَ جيارا نيڻ ليئي!
ڪارا ڪارا نيڻ!

من جي مڪڙيءَ تي پرندا پيا
هي متوارا نيڻ
ڪارا ڪارا نيڻ!

(١١)

ڀنڀٽ ڀنڀٽ ڀڙڪن ڀڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

اکڙين ۾ آڙاهه ازل جا، آڳ اُلا آ سارو تن من،
ڀنڀٽ ڀنڀٽ ڀڙڪن ڀڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

شعلا شعلا سارو عالم، جڳمڳ جڳمڳ سارو جيون،
ڀنڀٽ ڀنڀٽ ڀڙڪن ڀڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

تند تپي ٿي، ڪوئي منڙو نانءُ جپي ٿي، ڀٽڪي بن بن،
ڀنڀٽ ڀنڀٽ ڀڙڪن ڀڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

ڳايان ڳايان جرڪي جوالا، سيئي ڏک سک جر ۾ جرڪن،
ڀنڀٽ ڀنڀٽ ڀڙڪن ڀڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

(۱۲)

گل تي ڳوڙها، گل تي شبنم-
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

چٽڪون پاڻيءَ جي ڇوليءَ ۾-
هاءِ ستارن جو هي عالم!
سير سنڌوءَ جي پرخم پرخم!
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

هير ڳهلي ٿي، نير ڇلي ٿو-
ڏير اچي ٿو، وسري ٿو غم!
نيڻ تہ سڪندي چشم پرنم-
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

پيار اوهان جا وار اوهان جا-
گهاوَ اسان جا ٿيندا ويا ڪم!
وقت لڳائي پل پل سرهم!
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

سُرڪ بہ ايندي سُرڪ بہ ايندي-
چپ تي چُپ رهندي تہ نہ پيهم!
سنڌ! سائين آهي ڪو دم! ...
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي

(١٣)

ڪيئن ڪريان مان، ڪنهن ۾ ريت،
منهنجي من کي چين ناهي!

هاءِ، ڪهڙي رات آهي، چنڊ منهنجو ناهي ميت،
منهنجي من کي چين ناهي!

هيءَ گلابي رت ڇڏي، مون ڪان رُسي ويا ڪيئن گيت،
منهنجي من کي چين ناهي!

هار ڪائي هار ناهي، جيت ڪائي ناهي جيت،
منهنجي من کي چين ناهي!

تون ڪٿي آهين پرين، آهي ڪٿي اڄ تنهنجي پريت!
منهنجي من کي چين ناهي!

ڪيئن ڪريان مان، ڪنهن ۾ ريت،
منهنجي من کي چين ناهي!

(١٤)

روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

اوڇتو تنهنجي اکين ۾ مون ڏٺو آب حيات—
روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

پياري پياري، ڪاري ڪاري، هيءَ ڪجل جي ڪائنات—
روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

تنهنجي اکڙين مان ملي، منهنجي تمنا کي ثبات—
روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

تنهنجي چهرن جي چهر هيٺان ڪٿي مون ننڊ رات—
روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

آزاد نظم

ازل جي پر اسرار آڳ،
جلائي ڇڏي ۽ وسائي ڇڏي زندگيءَ جا ڏيئا .

ڏيئا ۽ ڏيئاٽيون پيون بدلنديون،
مگر لاٽ سان واٽ پئي جرڪندي –
سدا جوت ڪي آهه جاڳي!

ازل جي پر اسرار آڳ،
جلائي ڇڏي ۽ وسائي ڇڏي زندگيءَ جا ڏيئا!

(٢)

چنڊ جي پيرون تي پير –
جن صدين جي سوچ جا گهرا نشان .
هيءَ ستارن ۾ جلڻ جاڳڻ جي هير –
جن ۾ آهن روح تنهنجي جا گمان؛
نيرا نيرا آسمان!

(٣)

اسان ننڊ جا نينڊ آهيون، پرين!
سُتي ساهه جاڳي،
وڃي دور دور،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور،
سوين چنڊ ساڻي،
ڪتين جا سوين ڦاڦلا رهگذر ۾،
سفر ۾،
سوين ڪائناتون،
نه آغاز جن جو نه انجام جن جو،
زمان ۽ مڪان کان مسلسل نجاتون،
ازل کان ابد تائين سک جون براتون:
جڏهن سوٽ ڪائون،
سوين راز آئيون،
سوين ساز جي لاءِ آواز آئيون،
سوين چنڊ چايون،
ستارا تڳايون،
انهن سان اچي جڳ سڄو جڳمڳايون،
ـــ اسان جاڳ جا ڀاڳ آهيون پرين!

(۴)

گل چٽن ٿا،
لهي وڃي ٿو چنڊ–
هي بدن، هي حرم، هي ڪعبه پاڪ،
ڇو مِٽائي ڪيو وڃي ٿو خاڪ!
آرزو ڇيڄ جي مثال آ، جا
زندگيءَ جي ڪنوار ڪي آخر،
موت جي سيج تي سهاري ٿي–
زندگيءَ جا حسين ڇڙواٽا،
واديءِ تيرگيءَ ۾ گڏجن ٿا!

(۵)

پوڄارين وانگر آشائون،
اڄ شاعر جي من مندر ۾،
سنک وڄائن ٿيون–
منهنجي ديويءَ جو هو سهڻو، سنهڙو جسم سڊول،
منهنجي من ۾ ناچ ڪري ٿو–
ڇيريون پائي،
ڦيريون پائي،
ناچ ڪري ٿو–
منهنجي من ۾!

(٦)

چوندي چوندي،
ڪئا ڪير ڪندا جهوليءَ ۾؟
تاريءَ تاريءَ تان جن پيارا،
پئي سگهين تون سهڻا گل؛
ڇپي نه توکي ڪوئي ڪندو
تنهنجي لاءِ ميڻل،
چوندي چوندي،
ڪئا ڪير ڪندا جهوليءَ ۾!

چائي وائي،
هن جيون جي جوئا ۾ سان،
هارائيندو آيو آهيان؛
جئن تون جيتين،
تڙي پون هر بار خوشيءَ ۾،
تنهنجا ڳاڙها گل!
تنهنجي لاءِ سئل،
چائي وائي،
هارائيندو آيو آهيان!

(۷)

آءُ ڀنور هرجائي،
مکڙيءَ مکڙيءَ جو رس چوسيان،
سونهن پنيان سودائي–
مکڙين جي ئي ميڙ ۾ گذاريو سارو جيون منهنجو،
وچڙيو آهه سدا ڪنڊن سان ليڪن دامن منهنجو:
گهڙيءَ گهڙيءَ مون سوچيو آهي،
مکڙيءَ مکڙيءَ سان آ ڪنڊو،
ڀونر انهن تي ڀوءِ ۾ ميڙن ٿا!
هن جيون جي ڦلواڙيءَ ۾،
بنا ڪنڊي گل ڇو نه ڪڙن ٿا!

(۸)

روح انسان ۾ ليٺو پاتم،
ڇڻ ته هڪ ڪوهه هيو:
مون ڏٺا چنڊ ستارن جا انهيءَ ۾ پاڇا،
مون ڇيو هيٺ ڏسان آ ڇا ڇا!
ڀوءِ ڀري ڏول ڏنم جو پاڻي،
ٻن جهانن جون بلائون نظر آيون مون کي!

(٩)

زندگي ريگزار آ، جنهن ۾
چوطرف آرزوءَ جا ڪانڊيرا !
زندگي سا پهاڙ جي ٽڪڙ آ
جنهن جي هر تيز ڌار ۾ آهن
آرزو جا هزارها واڳون،
زندگي، سي پوائنٽيون سانجهيون،
تا لڳاتار ڪن لڪي جن ۾،
آرزو جا سوين ٻير ڳجڪوڙ —
آرزوءَ سان نجات نامعلوم،
زندگي، تنهنجي ذات نامعلوم !

(١٠)

ڏس، شفق ۾ شام —
ڪهڙي ۾ ڪنوار،
انڊلٺ جو پائي هار،
آسمان جي سيج تي ليٽي پئي —
ڏينهن ڪان وڇڙي وئي ليلا چنيسر جي مثال !

(۱۱)

هرڻ هنيلا،
ڊوڙي ڊوڙي، ٿڪجي ٿڪجي،
وڻ جي هيٺان ويٺا سوچن !

”ساري هستي ريتيءَ تي رُڃ،
”آج جي ورهه ۾ ڪجهه به نه حاصل!
”هاءِ ستم، جو عمر گذاري،
”بوند بوند لئيءِ پنڪي پنڪي،
”ڊوڙي ڊوڙي، ٿڪجي ٿڪجي!“
هرڻ هنيلا،
ويٺا سوچن.

جنهن من واريءَ جي وينڊي ۾،
لهندي سج جي ٽِڪ جڙي آ،
آهه ڪٿي سو ازلي وينجهر؟
ڏيري آپ مان چنڊ ستارا،
ڪرن اشارا؛
ساهه سنيها پاڻي تن جا،
چال هٺي من پهچي تن وٽ،
بسنت-رت جي باک-ڦٽيءَ ۾
هير ڏکڻ جي هنج ۾ پنهنجي،
اهنج ستائي، من ريجهائي:

گھڙي نہ گذري— ساڳيا ڪيرٽا،
سج جون ٻرڇيون،
رج جو اولو،
آج ۽ جهولو،
ساڳيو رولو؛
هر شيءِ آهي ساڳي ساڳي—
ڏونڊ ٻونڊ لڳيءَ پٽڪي پٽڪي،
ڊوڙي ڊوڙي، ٽڪجي ٽڪجي،
هرڻ هنيلا،
ويٺا سوچن!

(۱۲)

ايتري فرصت هجي،
رات ساري چنڊ جا چارا ڏسان!
واھ، جي ڪڙ تي پپل جي ڇانو سان پاڻيءَ متان،
ڪجھ گهڙيون لڙهندو رهان!
ڪجھ سرءُ جي شام ۾ سوچان سڙان، لوڇان لهان!
ڪنهن پکيڙي جي مثال،
صبح سانجهيءَ تو رهان
ڏاڻي پاڻيءَ جي ڳڻيان!
زندگي منهنجي، تخيل ۾ مگر
ڇڪ واري ڇهنب، ڪنڊريل ڪنهن آ!

(١٣)

راتڙي، هيءَ نور جي برساتڙي،
ڪنهن سڻان چيڙي ستارن جي سِتار،
آسمان سان، پائي جڳ تي جهاتڙي !

سارو عالم ننڊ ۾ آهي آلوت،
ڪنهن جي ڪنهن جڙي جاڳ تي ان ڪي سٽي،
سازُ، جو سنسار جي سيني ۾ آ ! -
عرش ڪان وهندي اچي ٿي فرش ڏانهن،
نور ۽ نغمي جي ندي !

چڙ ته ڪوئي باز هو سنهنجو خيالُ،
جو آڏاسي ويو فلڪ تي دورَ دور،
ننڊ جي ننڊڙي پکيڙي ڪي جهٽي !

(۱۳)

هي انسان،
هي ڪونجڙيون،
وهندي پاڻيءَ تي پاڇا ڪنديون،
اڏرنديون،
ٿيون وڃن ڪنهن طرف؟
ڪنهن طرف، صف ٻه صف؟
ڪيستائين هليو آ سندن ڪاروان!
ڪير ڄاڻي ڪٿي آ سندن آشيان!
هي فراز زمين، وسعت آسمان،
پيارو پيارو جهان!
ڪهڙو پرڪيف آ هي سفر!
هاءِ پر!
هي انهن جي دلين ۾ ڏهو،
ڪنهن شڪاريءَ جو خوف و خطر؟
ها، مگر
ڪهڙو پرڪيف آ هي سفر!

(۱۵)

ڪاڪٽي رات، چنڊ چوڏهينءَ جو،
سينڌ ساري پري ستارن سان —
ٿهلندي ڪائنات ۾ آئي.

سانت هن جي سيتار آ، جنهن تي
هوءَ سچو وقت گيت ٿي ڳائي.
ڏينهن جا ڏنڀ سان به سهسائي،
ڪا گهڙي پنهنجي تند تاڻيان ٿو،
راڳ پنهنجا پري آلاپيان ٿو.
زندگيءَ جو حسين هندورو،
پنهنجي گيتن سان ويهي واڻيان ٿو —
جيستائين اکين کي پوري ننڊ
(رات جي پيڻ، چلولي، چنچل)
مون کي آغوش ۾ سنڀاري ٿي!

(16)

رات بدمست ٿي، ڪڪر ڪارا
جهومندا آسمان تي آيا –
چانڊوڪيءَ جو سهاڳ لٽجي ويو!
هيءَ ڀنڀي رات!
چنڊ ۽ تارا
ڪير ڄاڻي ڇپي ويا ڪيڏانهن؟
اوچتو آسمان جو ميدان،
ٿي ويو سارو ڳوڙهه ۽ گهمسان،
وقت جي ديو جون ڪٿون ڊوڙيون،
چنڊ تارا لتاڙجي ويا سڀ –
روشني رات ۾ رهي اڻ لڀ!

(۱۴)

اجنبي ! آءُ، گهڙي آءُ، ۽ ڏي پل آ رات :
ٻيهر ولهه ۾ ته نه،
تارا ۽ چمي ويا ولهه ۾ !
سيءَ جي سير ته ڏس، رات رڳون ڄوڙايون !
هاءِ هيءَ ٻات، چنڊيءَ جڻ ته ڇڳون ڇوڙايون !
ڏو ٻري مَچ هتي—
اڄ هتي،
ڪا گهڙي سيڪ هٿن پيرن کي.

هي ڦٽل پير وري پنڌ ڪندا،
تنهنجو سوڳنڌ، ڪندا؛
ڏي ٽٽل هٿ هٿي هنڌ ڪندا !
مان چوان ڏو ته ضرور
وقت ايندو ته وري ڇڪناچور
ڪوڙ جو ڪنڌ ڪندا !

آ اهو سچ سهارو پنهنجو،
بس فقط سچ سهارو پنهنجو...
پوءِ ٿي ڏو ته ڪٿي هيي ۽ وسامي نه وڃي،
آڳ آجهامي نه وڃي !

اجنبي! آءٌ، ڪهڙي آءٌ؟ ۽ تي پل آ رات!
آهه، گهنگهور گهٽا واري رات،
چو طرف تيز هوا ۽ برسات،
نه جيا پو نه جيا ڀي جي بات،
موت هر چيز ڪئي آهي مات؛
پر هتي ڏس ته ڇپيءَ جي ڇپ تي،
ڪوئي آواز پيو پڙڪا ڏي—

”تون نه مايوس ڪڏهن، اي پيارا!
”صبح ٿيندو ته سرين نور جون نهرون ٿينديون،
”آس ۾ جان ڪندي آس پيدا.“
—پر خبر نا هه، ڪڏهن رات جون جلهون ڪٽنديون!

پڙ ٿئي تون ته ڪٽي سچ وسامي نه وڃي،
سچ وسامي نه وڃي!
آگ آجهامي نه وڃي!

(۱۸)

هر قدم تي زندگيءَ جو جامِ زهر،
ڪنهن نئين سقراط جو آ منتظر!
هر گهڙيءَ سوري سڏي
ڪنهن نئين منصور کي؛
ٿي ٻري شمعِ حيات،
آ جلڻ جنهن تي پتنگن جي نجات!
ڪوئي عيسيٰ، ڪوئي گوتم، ڪوئي گانڌيءَ جي صفات!
زندگيءَ جي سينڌ جو جهومر ٿيو –
جنهن سان جرڪيو حسنِ ذات!

(۱۹)

هاءِ بازارِ جهان !

جنهن ۾ هر يوسف وڪامي،
هر زليخا جنهن ۾ دامن چاڪ آ؛
جنهن ۾ هر شيءِ کان مهانگو آ خلوص،
جنهن ۾ سستو آهه هر شيءِ کان ضمير؛
حسن و حق معصوم پينوءَ جي مثال،
مون اتي پنندا ڏٺا،
ٿي ڪئي فرهاد تيشي جي فروخت،
قيس ان ۾ محملِ ليليٰ وڪيو،
سر جهڪائي ٿي ويو نوشيروان —
هاءِ بازارِ جهان !

(٢٠)

زندگيء جاودان،
جو تصور ڪيترو بي ڪيف آهه!
تا وڃون دنياءِ رنگارنگ مان —
هر قدم تي هجي جتي قوسِ قزح،
پير پنهنجي جي ڪَڙي!
۽ جتي موجِ صبا
هر نفس لاءِ صورتِ زنجير هجي!
ڪيئي زلفِ مشڪبو،
قيد جن ۾ هجي اسان جي آرزو!
اڄ آهي زنجير ٽوڙي تا وڃون،
اڄ آهي ناتا ٽوڙي تا وڃون،
عالمِ بي رنگ و بو ۾ دور دور —
آ جتي بس ڪوئي نور،
جو فروزان بي سبب آ چؤطرف،
جنهن جي بارش ۾ سدا،
تا ابد هن زندگيء مختصر جي ياد ۾
روح رهندو اشڪبار...
بي قرار!

نظم

وري ڪونج ڪڙڪي،
وري جوت جرڪي،
وري جان ڇرڪي،
آئي ميت، ڪڙڪي!

جڏهن رات آئي،
تڏهن تو عطائي!
ڏياتي جلائي،
ڪئي روشنائي.

وڃي ٿي وهائي،
جڏهن رات رائي—
نه تو ساز ساٿي،
نه تو تند تاٿي!

نه ترساءِ پيارا،
نه گهبراءِ پيارا،
آئي ڪاءِ پيارا،
پرين لاءِ پيارا!

(۲)

گهاوَ پيو سان پنهنجا پويان،
ڳاڙها ڳاڙها گل سيني سان
تنهنجي لاءِ مدائين سويان،
آءُ ڪلا جي ڪاليءَ تن ڪي
تنهنجي آءُ لتڙ ۾ لويان !

(۳)

زندگانيءَ جو جام پيئون ٿا—
۽ جڏهن جام ڏو اچي چپ تي،
ڏو تبسم شراب ۾ گڏجي :
مرڪ ڪي مرڪ سان محبت آ،
مرڪ ڪي مرڪ سان محبت آ :
مست اهيون مدام پيئون ٿا.

○

رقص و پرواز ۾ گذاريون ٿا—
زندگي چنڊ آ، چڪور اسين،
زندگي بادل آهه، مور اسين :

سونهن کي ساھ سان محبت آ،
ساھ کي سونهن سان عقيدت آ:
سونهن تي ساھ پنهنجو واريون ٿا.

○

سير سنسار جو ڪريان ٿو مان —
آسمان دور ناھ، بس هڪ گام،
مون نيوائي ڏٺي ڪتيءَ جي لام،
مون ستارا چُني، ڀري جهولي،
اڄ سجائي مٺي مٺي ٻولي،
زندگي، تو اکيان ڏريان ٿو مان.

○

زندگيءَ جي خمار خاني ۾،
تشنگيءَ جي ڪمي نه آ ڪائي،
پيرِ ساقي آتي لڳي آئي:
آ اڃا صبح و شام گردش ۾،
جام و مينا مدام گردش ۾:
رند آيا ويا زماني ۾.

○

شام جي وقت روح جي چر ۾،
زندگيءَ جو نهنگ آ خاموش،
تي ويو هر اُمنگ آ خاموش،
نه جنون آهه ڪو، نه ڪوئي جوش،
جهاتي پائي رهيو آ صبر و هوش،
زلزلي بعد روح جي گهر ۾.

o

روشني! روشني! ڪٿي آهين؟
موت آ حسن تي به پاتي جيت،
چانڊني رات ۾ سمهي پيا گيت:
ڪنهن نه چاتو ته تون مري وينديءَ،
چند سان سير ۾ تري وينديءَ:
نور جي جل پري! ڪٿي آهين؟

o

تو پڙيو هو شراب اکڙين ۾،
جنهن کي آب حيات سمجهو مون،
آرزوءَ جي ثبات سمجهو مون:
اڄ نه تون آن نه پيار باقي آهه،
چڱ سچي ڳالهه اتفاقي آهه،
نه خيال آ نه خواب اکڙين ۾.

o

آرزو ڇُور ڇُور جام آهي،
جنهن جي مون بوند بوند پيتي آ،
عمر ڪان روز راند جيتي آ؛
پر اها جيت ڪيستائين آ!
گيت تي گيت ڪيستائين آ!
تشنگيءَ ڪي فقط دوام آهي.

○

هاءِ مان تو نظر ڪريان جيڏانهن،
حسنِ عالم جي انتها آ خاڪ،
ابنِ آدم جي انتها آ خاڪ:
تو ڪري روح رات جو ريهون،
ساغرِ زندگي تہ تيو ڇيهون،
بوي ميءَ جو وجود ويو ڪيڏانهن؟

○

هيءَ نماشام، هي آفق تي سج!
يا سڪو نانءُ ڪو ڇپائي ٿي،
جهول گيڙوءَ-رنگي بکاريءَ جي:
هيءَ سرهُ پر ندي، پريان هو پيٽ،
اِئن سڪي ويا جئين بکئي جو پيٽ...
جن ڏٺي ويو ڏسي انهن ڪي سج.

○

منهنجي جهوليءَ ۾ آ تہ ڳايان ماڻ،
چنڊ اڄ تون اداس آهين ڪجهہ،
نور مان تيو نراس آهين ڪجهہ!
ڳالهڙيون ڪجهہ ڪري محبت سان،
گهاو تنهنجا سيان نفاست سان،
تنهنجي منهن تان گهٽا هٽايان مان.

○

ڳرچہ پُر انتشار آ هستي،
زندگي زندگيءَ کي ٿي گهائي،
آدمي آدميءَ کي ٿو کائي:
منزلِ زيست جو پري آ پنڌ،
پو بہ هن چنڊ رات جو سوڳنڌ،
حسن جو آبشار آ هستي.

○

(٣)

آرزوءَ جي آداس نگريءَ ۾،

شام ويرانجهڙيون چڳون چوڙي،
آئي آهي مثال بيوه جي—
زندگانيءَ جو جام خالي آ،
گرچه چوڌار قحط سالي آ،
مان چوان ٿو نئون شراب پريان،
پنهنجي ڪوزي ۾ آفتاب پريان؛

آس آپري نراس نگريءَ ۾،
آرزوءَ جي آداس نگريءَ ۾.

(۵)

هاءِ حياتي! هي ٿوهر جو وڻ!
جڏهن آئيون گهنگهور گهٽائون، جڏهن وٺو ساوڻ،
هاءِ سندس پانهون ڦهلائڻ، هاءِ سندس آڻ تڻ!
سنهي سنهي برسات آلا! هوءَ ڇاڻ آها ڇڻ ڇڻ!
وئي پکڙجي پوٽي پوٽي، آکليا اَن چا سڻ،
تهي ڏهي ويا، ڏهي ٿهي ويا ڇڻ ڪکرين جا ڏڻ؛
ور وجهندي وچ آئي پل ليءَ واجهايو واهڻ،
گهرائيءَ ۾ لهرائي ڇڻ صحرائي نانگڻ،
نيڻ نيڻ سان نشي نهاريو، گهلندو رهيو ڏکڻ،
دور دور تان ڏيدون آيون جندڙيءَ ۾ جهلڪڻ؛
هاءِ اهو هن ويراني جو ويرم ليءَ وسرڻ،
گهڙي پلڪ ليءَ سچ جي پيڙيءَ جو جهڙ ڪي جهاڳڻ؛
پوءِ نہ اهائي تيز تپت ۽ ڇيري جو چرڪڻ،
نہ ڪي ڦلڻ ڦولڻ آ آن ۾، نہ ڪي جهلڻ جهولڻ...
هاءِ حياتي! هي ٿوهر جو وڻ!

(٦)

ڪٿان اڏامي آيا پکيئڙا،
ڪٿي هينئن جو ديس!

هو آڪاش ۾ اڏرڻ وارا ڏور دور تان آيا،
ڪنهن سي هن پاپي نگريءَ ۾ پڃري ۾ ڦاسايا؟
هڪ سندر سپني جئن ڏيکاري ڏٺي جڳ جي مايا —
سارو جيون وهندي پاڻيءَ تي ڇوڏينهنءَ جي ڇايا،
وِيو انهن کان وسري، ڪهڙا پنهنجا ڪير پرايا!
ڪڏهين ڪڏهين نيري آڀ مان تن کي نياپا آيا،
ڪڏهين ڪڏهين چنڊ انهن سان پنهنجا نيڻ لڙايا،
ڪڏهن ڪڏهن تارن هيٺان تن گيت پراڻا ڳايا،
ڪيئي ڀيرا تن پڃري ۾ پنهنجا پَر ڦڙڪايا،
آخر پڃري کي ڀاهي، ڪنهن تاڙي هٿي اڏايا...

پنا پرن آڏري ويا پکيئڙا،
ويا مٿاڻي ويس...
ڪٿان اڏامي آيا پکيئڙا!
ڪٿي انهن جو ديس!

(٤)

پچري جي ڳڙڪيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان ... هنجون هاريان ...

نيريءَ نيريءَ ڪڪريءَ تي مان ڏور وڃان،
’چنڊ پري آ، چنڊ پري آ، چنڊ اچان‘،
ڪيئن مڃان، او ڪيئن سڃان، او ڪيئن مڃان !

ويو پرواز پرن ۾ ٻڌي،
پاڻ سنڀاريان ... هنجون هاريان ...

پچري جي ڳڙڪيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان ... هنجون هاريان ...

اڄ ته آڏاسان، اڄ نه آڏاسان، ڪونه جهليندم،
ڪيسين پڃران، ڪيسين ڪاسان، ڪونه جهليندم،
هاء اڏڻ ٿيون ساهون لاسان، ڪونه جهليندم،

مان پرڏيهي، مان پرڏيهي،
هت ڇو گهاريان ... هنجون هاريان ...

پچري جي ڳڙڪيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان ... هنجون هاريان ...

(٨)

ڪيو گلن سان پيار نہ سائين،
ڇئو گلن کي يار نہ سائين،
ڇو تہ اهي مرجهائي ويندا،
ڪنڊن ۾ ڦاسائي ويندا.

ڪو چنڊ سان چاهہ نہ سائين،
ڏيو چنڊ تي ساهہ نہ سائين،
ڪيستائين آن لئي لاتيون لنوندؤ!
آڌي اڌري تڪجي پوندؤ.

(٩)

مان هرڻ، تون منهنجي هرڻي اي مٺي!
ٽڪي ٽڪي، زندگيءَ جي رڃ ۾،
ترڻي ترڻي، آرزوءَ جي آڃ ۾،
تنهنجي صورت ريت ۾ رلندي ڏٺي-
تنهنجي اکڙين ۾ هيو آب حيات،
منهنجي پياسي روح جي پهرين نجات.

(۱۰)

تنهنجي اکڙين ۾ سدائين رڃ هئي،
منهنجي اکڙين ۾ ازل جي آڃ هئي.

تنهنجي اکڙين ۾ ڪنول سُرڪي ڏنو،
منهنجي اکڙين ۾ پنو من ماڪ جو.

تنهنجون اکڙيون ڪيپ واريون، مڌ سمان،
منهنجي اکڙين ۾ هيا پيالي جا پران.

منهنجي اکڙين جي جڏهن توسان ٿي پريت،
تنهنجي اکڙين مان پريانئون روز گيت.

تنهنجي اکڙين ڪي هئي هرڻين جي هير،
اوچتو ڊوڙيون، ٽپيون واريءَ جا ڍير.

منهنجون اکڙيون پونتان رلنديون ويون،
شام ٿي وئي، نيٺ مانديون ٿي پيون.

(١١)

ڏس تہ ڪنول ٽڙي پيو!

هير ڳهلي گهلي رهي، نير ڇلي ڇلي رهيو،
صبح ٿيو، ڀنور ڀريو، هي بہ رلي رلي رهيو،
راهہ ڀلي ڀلي رهيو.

پر نہ ڪنول نگاهہ ڪئي، اصل نہ رسم و راهہ ڪئي،
جو تہ ڀنور ڀري پئي، هونءَ تہ واهہ واهہ ڪئي،
پر نہ ڪئي نباهہ ڪئي.

هير سدا ٻئي رهي، منهن نہ ڏني، ڇهي ڇهي،
نير ڪئي نہ ٿو ڇهي، گهنڊ وجهي، سهي سهي،
پل تہ ڏسي کهي کهي.

ڏس تہ ”اياز“ تروري، ٻنڌ ڪيو پريان پريان،
جڏ تہ ڪنول جون لڳيو، ’نذر تہ ڪجهہ سندس ڏيان!
دل تہ ذرا وڏي ڪريان!‘
ڏس تہ ڪنول ٽڙي پيو!

(١٢)

پير جو آواز تنهنجو، مون سڃاتو آهه يا نه!
سچ ٻڌاياڻ ڪيئن آهه!

- رات جي برسات ۾ جئن واءُ ڳائيندي اچي،
خامشيءَ جي ساز تي مضراب ڦيريندي اچي،
ٺاڦ ڪڪريءَ تي لڳي، جهومي اٿي هيءَ ڪائنات،
راڳ جي هلڪي ترنم ۾ ٿئي گم چنڊ رات...
ڇڙو برابر آهه يا نه؟

سونهن تنهنجي جو هميشه گيت ڳاتو آهه يا نه؟
سچ ٻڌاياڻ ڪيئن آهه!

- سمنڊ تي پاسا ورائي چاندني جئن صبح جو،
۽ اُفق مان سج ڪڍي ٻهرين ڪنى جئن صبح جو،
واءُ ۾ خنڪي هجي ۽ ڏند ڪجهه ڇايو هجي،
دور شاعر جي نظر ۾ دور ڪجهه، آيو هجي...
ڇڙا برابر آهه يا نه؟

هاءِ! غم تنهنجو هيئين سان مون ٻه لاتو آهه يا نه؟
سچ ٻڌاياڻ ڪيئن آهه!

- لڙڪ تنهنجي تي سڄيءَ دنيا وڃايو روپ رنگ،
ٽهڪ تنهنجي تي سڄي عالم وڃايو جلترنگ،

تون خوشي، تون آنهه غم، ٻيو زندگيءَ ۾ آهه ڇا ؟
تنهنجي جهاتيءَ کان سوا دل جي دريءَ ۾ آهه ڇا ؟
ڇؤ برابر آهه يا نہ ؟

اي پرين، توکي وڃائي ٻوءِ ہ پاتو آهه يا نہ ؟
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهه !

ڌر تتيءَ ۾ ڏس تہ نم جي ڇانو لهرائي پئي،
هير ۾ جهولي ٻيو وڻ جڻ فضا ڳائي پئي،
سچ لهي ويندو تہ ڇا ! نم کان جدا ٿيندي نہ ڇانو،
اي پرين تئن تنهنجي منهنجي آهه هڪ هستي ۽ نانو –
ڇؤ برابر آهه يا نہ ؟

(١٣)

آءٌ بادل، سان ۾ روئان تون ۾ روءٌ،
سان ۾ غم جا داغ ڌوئان، تون ۾ ڌوءٌ.

زندگي منهنجي ۾ آ پنکڻ پلڻ،
آسمانن جي جهانن ۾ رُلڻ،
ڳاهي ڳاهي مست ٿي جهولڻ جهُلڻ،
ڪر تتيءَ جي پياس تي چِلڪڻ چِڪڻ،
آ هزارين ميڪدا منهنجو ڪڻان،
سو بهارن ڪي صدا منهنجو ڳهڻان،
زندگانيءَ لئيءَ سدا ڦولڻ ڦُلڻ،
آءٌ بادل، سان ۾ روئان تون ۾ روءٌ،
سان ۾ غم جا داغ ڌوئان، تون ۾ ڌوءٌ.

سان ۾ تو جئن چنڊ تي آهيان چريو،
روح منهنجو چانڊنيءَ جي نئن تريو،
چنڊ جي ويجهو ويو، پر چا وريو!
نور نيڻن جو جڏهن پل لئيءَ اُريو،
چنڊ چهري تي ڪٿي پردو ڌريو،
راتڙين جو هانءٌ منهنجو ٿي ڏريو،
تون ني چؤ، آ ساهه تنهنجو ڪئن سريو!
آءٌ بادل، سان ۾ روئان تون ۾ روءٌ،
سان ۾ غم جا داغ ڌوئان، تون ۾ ڌوءٌ.

(١٣)

چڏ تہ ڪيان مان ننڊ، ڪھڙو ٿي مڏ پيتو آ مون ـ
ڪيسين مٺڙيون مٺڙيون ڳالھيون ورنايان تنھنجون،
جوت جلائي، منھنجي پرسان پاري خوشبوئون،
پلي ھليو وڃ تون.

چڏ تہ ڪيان مان ننڊ، چلايو آھي مون کي جاڳ ـ
نگريءَ نگريءَ ۾ پنڪيوھان مان ويڙھي ويراڳ،
ڇيڙي منھنجا ساز، جڳائي تن ۾ منھنجا راڳ،
پٽ تي موٽ سجاڳ.

چڏ تہ ڪيان مان ننڊ، رکي چڏ پرسان منھنجي بين ـ
جنھن جي سُر جو سوز وڃائي ٿو ڪيئي قالين،
جن تي ليٽي روح آئي ٿو اڻ ڳڻت خواب حسين،
پائي ٿو تسڪين.

چڏ تہ ڪيان مان ننڊ، مٿان آ چنڊ ڪئي چانڊاڻ ـ
تنھنجي اکڙين جو مُلھہ ڏيان، اڄ مُنھن منھن تائين آڻ،
منھنجو ساھہ چُھي جڻ تنھنجي سيني جي سرھاڻ،
چگو ھليو وڃ ھاڻ.

(خليل جبران)

(١٥)

سانجهيءَ جا پاڇاوان ڦهليا، من ٿيندو ويو مات،
ڪڪريون آيون، ترسيون، برسيون، رم جهم آندي رات،
هوءَ ايندي، هوءَ ايندي، منهنجي تن ۾ رهندي تات،
مان چانئٺ تي ويٺو آهيان، ٻٽلي پوي برسات.

ويجهو، ويجهو، ويجهو پهتو هوريان پير،
ساڳيا گهنگهرو، ساڳي ڇم ڇم، ڪوئي ناهي ڦير،
ايندي آهي هوءَ اورانگهي، گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهير،
آرهي من ۾ ستڙهو هيڻن ايندو ٿيو ڪير؟

(ٽئگور)

(٢٦)

موت کان پوءِ آهه تن باقي نه من،
روح مان آزاد ٿيندو هي بدن،
۽ بدن مٽا خاڪ آ، جنهن جو وطن،
ڪوبه ناهي،
ڪوبه ناهي:

موت کان پوءِ چنڊ سا ڳيءَ جاءِ تي،
ڏو نهاري، تون ڪٿي آهين! ڪٿي!
ٿي خموشي رات جي گويا چوي،
ڪوبه ناهي،
ڪوبه ناهي.

آئي ننگي پير نڪري نينگري،
خاڪ کنهن جي تي چمي هن جي نري،
اوچتو ڇرڪي ڏسي ٿي هوءَ ڦري،
ڪوبه ناهي،
ڪوبه ناهي.

(١٧)

زندگيءَ جي جار ۾ ڪيئي خوشيون،
اوچتو آيون، نچيون، ترڙپي مئيون،
ڪيتريون پياريون هئيون!

ان ڪري ئي آهه پياري ڪائنات،
ڇو ته رهڻي ناهه هت ڪنهن جي به ذات،
آهه هر شيءِ بي ثبات.

هي سبب ناهي ته گهارين رنج ۾،
ڪُول هيرا هر گهڙيءَ جي گنج ۾،
آءٌ منهنجي هنج ۾.

(١٨)

صنوبر جي سايي ۾ ويهي رهون،
چمي جئن سگهي چنڊ تنهنجون چگون،
گهڙيءَ لئيءَ گناهه محبت ڪيون،
نه شايد وري زندگيءَ ۾ ملون.

پرين، ڪوئي انسان انسان جو،
نه ٿيو آ نه ٿيندو سدا مرحلو،
فقط رات جي رات تو جئن ڏٺو،
صنوبر جي پانهن ۾ مهتاب هو.

سندءِ جسم جي اجنبي آرزو،
سندم روح ۾ ائن ڦري ڪوبڪو،
جئين رڻ ۾ ڪائي هرڻي ڦري،
ڪري ڪنهن ميٺي نهر جي جستجو.

نه مرجهائجي جو اهو گل گناهه،
سچو وقت سرهاڻ ۾ آهه ساهه،
تمنا وڃائي نه شل تازگي،
پرين، آهه جيسين اسان ۾ پساهه.

هلي آءُ آغوش ۾ نازنين،
تمنا سدا آهه جنت نشين،
محبت گنهگار آ پر حسين،
پرين، او پرين، او پرين، او پرين!

حسين جسم سمجهي ڪليسا مثال،
پرستش ڪئي راهب جئين خيال،
محبت ڪئي آهه مون ماه و سال،
گنهگار آهيان مگر باڪمال.

ڪٿان آئي آهين ڪنوارا ڪٺي،
قريب اچ ته تنهنجي اکين کي چمي،
پيئان گيت سان زندگيءَ جي چسڪي،
هلي آءُ اي هير پنجاب جي.

پيارينم پنهنجي اکين مان شراب،
چني ڏينم پنهنجي چپن مان گلاب،
نه آ ڪو حسين جسم جهڙو ثواب،
گنهگار آهيان مگر لاجواب.

(١٩)

جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي.

اساں جي صدا آ صداي الستي،
ڪيو مي پرستي ڪيو مي پرستي!
پيئو حسن هستي پيئو حسن هستي!
اجا ٿي نہ مستي اجا ٿي نہ مستي!
سدائين مي ارغواني نہ رهندي—
جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي.

اهو جام و مينا نہ ٿي ڏينهن آهي،
اهو جوش صهبا نہ ٿي ڏينهن آهي،
طلسم تمنا نہ ٿي ڏينهن آهي،
مگر پوء بہ چا چا نہ ٿي ڏينهن آهي!
ميان تو سدا زندگاني نہ رهندي—
جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي.

سدا فرش گل تي ڪندي رقص شبنم،
سدا چند ايري ڪندو سير عالم،

سدا هير ۾ جهومندو زلف پرهم،
مگر ابنِ آدم، مگــر ابنِ آدم،
۽ تي ڏينهن آ، عمر فاني نه رهندي —
جواني نه رهندي،
جواني نه رهندي.

اها چاندني رات رهندي نه ملڙا !
مٺيون ۽ ملاقات رهندي نه ملڙا !
اها تانگهه ۽ تات رهندي نه ملڙا !
خصوصاً خــرابات رهندي نه ملڙا !
نه رهندي نه رهندي جواني نه رهندي —
جواني نه رهندي؛
جواني نه رهندي.

(٢٠)

(ننڍا ڪڙيون نچيون)

اچو اچو!
نچو نچو!

تمام ڪائنات رقصِ جام ۾ رچي وئي،
سرود و ساز جي صدا ڪلام ۾ رچي وئي،
حياتِ مختصر خيالِ خام ۾ رچي وئي،
شباب جي عظيم انتقام ۾ رچي وئي.

اچو اچو!
نچو نچو!

اسان مڃو ته زندگي فقط خيال و خواب آ،
روان دوان، روان دوان، مثالِ موجِ آب آ،
مگر ڏسو ته ميڪدي تي آيو ماهتاب آ،
نڙي پيو شباب آ، چڙي ويو رباب آ.

اچو اچو!
نچو نچو!

پيئو پيئو، پيئو پياڪ، جام ۾ نجات آ،
نه آهه انت آد ڪو، مدام ڪائنات آ،
مگر سدا نه سنگ آ، سدا نه هيءَ رات آ،
حيات بي ثبات آ، حيات بي ثبات آ.

اڇو اڇو!
نچو نچو!

نچو، نجات جو سبب نہ ڏيان آ، نہ گيان آ،
ازل ابد فريب آهہ، وهم آ گمان آ،
فقط اهو جهان آ، فقط اهو جهان آ،
- مگر اهو جهان رنگ و بو جو داستان آ!

اڇو اڇو!
نچو نچو!

بهار تي نہ آهہ ڪوئي پروسو، اڇو اڇو!
شباب مان گلاب رات پر ڇنو، اڇو اڇو!
نچي ڪيو سجود ڪام ديو جو، اڇو اڇو!
پيئو پيئو، جيئو جيئو، نچو نچو، اڇو اڇو!

(نوٽ :- 'نندا ڪرڙيون نچڻيون' تڪشلا جي عجائب گهر ۾ هڪ پٿر جو مجسمو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ گوتم ٻڌ کي گيان سلڻ کان اڳ انسان عياشي جي خواب ۾ محو هئا.)

(٢١)

(نئيا ڳليءَ جي شام)

شام جو سج پهاڙ جي پٽ تان،
جرڪندو ائين پڌي ويو آهي،
سون جو ٿال ڪنهن حسين ڪان،
چڻ هٿن مان ڪري پيو آهي.

هر طرف ابر، ڪوهسار رڱي،
ائين شفق آسمان تي ڇائي،
چڻ ته کهنبو ڏکي ڪنهن تي،
ڪائي ميندي رتي ڪنوار آئي.

چيل جي شاخ شاخ تان شبنم،
رهگذر تي وهي رهي آهي،
يا ڏسي هيڪ ماڻيءَ جو غم،
حسن جي دل پيچي پئي آهي.

دور هوندي به تون قريب آهين،
آءٌ جنهن ڪان قرار ڳوليان ٿو،
هر نئين حسن جي تمنا ۾،
چڻ ته تنهنجو ئي پيار ڳوليان ٿو.

ڀيو ڀيڄي هاڻ، ڪجهه ھُري آيو،
ابر ڇايو، ٻريان گهٽا نڪتي،
زندگيءَ جي وفا ته هئي معلوم،
هاءِ، تنهنجي وفا ٻه ڇا نڪتي!

حسن جي جستجو فقط پيارا!
آهه مون لاءِ باوفا نڪتي،
ڪيترو وقت ٿيو، شڪسته ساز
اڄ وڳو آهه وري، صدا نڪتي.

(٢٢)

(ڪوهہ مَريءَ تي)

ڪالهہ مون کي چيو ٻنهي مالهيءَ،
"هيل ڏاڍو ڳڙو وسيو آهي،
"آهہ آڙو رهيو نہ خوباني،
ناک جو وڻ ٻسو ٻسو آهي،
"ڳوٺ منهنجو پريان پهاڙيءَ تي،
بي نظير آ، مگر ٻڪيو آهي."
آ وٺي ويڙهجي شفق ۾ شام،
دور سورج غروب ٿيو آهي،
ڪنهن مصوّر جو روح آ گويا،
ابرِ ڪهسار اُن ڪڙو آهي،
هيءَ صنوبر جي شاخ تي شبنم،
جڻ تہ هٿ جوهريءَ جو آهي،
ڪنهن ڪنواريءَ جي لجّ ۾ گويا،
ڳوٺ سارو ٻڏي ويو آهي،
نهر ۾ آسمان جو پاڇو،
شام جو اُن پٺي رهيو آهي،
جڻ ڏسي آئيني ۾ پنهنجو پاڻ،
حسن حيران ٿي ويو آهي،

ٿي ٻري باهه ٻڪ جي ان ۾،
ڊنڊ ۾ دور جهوپڙو آهي،
نه ڏياٽيءَ ۾ تيل آ ان جي،
۽ نه ٻاٽيءَ ۾ ٻوڙ ڪو آهي؛
نه سياٽي جو ساٿ آ ان سان،
نه ڪوئي اڄ ۾ آسرو آهي،
تنهنجي تخليق ۾ اڙي خالق!
ايترو فرق نيٺ ڇو آهي!
مان ته سمجهان ٿو هون ڪٿي ناهين،
عين سچو ڍونگ ڪنهن رچيو آهي!
ورنه انسان کان زياده ڪو
حسن تنهنجي جو آئينو آهي؟
پوءِ به بدحال آهه هو ٻڪ ۾!
تنهنجو جلوو بکيو ڏکيو آهي!

(۲۲)

هوءَ ڪاري ڪڪري ڇانئي آهه،
گهنگهور گهٽا لهرائي آهه،
اولهه ڪان آندي آئي آهه
وڪ پوءِ به نه پٺ تي هٽي آ،
منزل تي ساهي پٽي آ.

تقدير ڪڏهن به نه لهندي آ،
تدبير هميشه ڍهندي آ،
دل پنهنجي پوءِ به نه رهندي آ—
هي ڪوٽ انسان ڪي پڇڙو آ،
اڄ ميخون سوڙهي وڇڙو آ.

منظور نه شل زندان ٿئي،
مجبور نه شل انسان ٿئي،
مشڪل ته ڀلي آسان ٿئي—
دنيا ته سڪن جي سيج نه آ،
—لا حاصل ليڪن هيچ نه آ.

(٢٤)

ذوءُ ذڙام !
آف غلام !

هير تي غريب کي
اک لڳي وئي هُٿي،
آه ! بدنصيب کي
ڪَل نہ پر پئي هئي...
بادشاه جــو پلنگ !
نرم نرم، رنگ رنگ !

رڙ ڪئي پريان ڪنيز،
”پاندان ! پاندان !“
ننڊ آ عجيب چيز–
هي سُتو رهيو جوان؛
چوبدار ڪئي هڪل،
هو اٿيو ڏئي اُچل.

آسمانُ ۽ زمين
اوچتو ڦري ويا،
ڪيس ڪيئن اچي يقين–
جي هري سري ويا،
سي چون، هٽي ٿڪون،
”نامراد! هي چُڪون!“

'... شاهہ هن پلنگ تي
ماه و سال آ سُتو،
مان گهڙي آمنگ تي!
آه! نفس آ ڪُتو' —
لعنتون وڌيس ضمير:
ٿي لتون هنيس وزير...
ڏو ڏڙام!
آف غلام!

(٢٥)

ڪينجهندي ڪينجهندي، آئي پٽي تي ٽرام!
سٿهڪي سٿهڪي، دونهون نڪتو، چوندو ''اڏام اڏام!''
ڌهڪي ڌهڪي، چيمني ۾ جي دل کي آيو آرام؛
وٺي ويڙهيي جڻ اوندهہ ۾ گدلي گدلي شام،
بلب بلب تي پتنگ آيا، ٽيو سوجهرو جام؛
(ڪوڙو ڪانچ جلائيندو ڪئن؟ خام محبت خام!)
آهٽ آئي، گاهٽ ٿيا، سڀ گمره ۽ گمنام...
پٽي اينگهندي ڪيسين ڏنيا؟ چنگهندو پيو عوام؟
ڪنجهندي ڪنجهندي، آئي پٽي تي ٽرام!

(٢٦)

سوچيو آهه انهيءَ تي ڪڏهين هن چاڪيءَ جي ڏاند !
اکيون ٻه هن جون بند، تن آهي جسم ته هن جو ٻانڌ،
پٺي سڄي آ هن جي ڦٽ ڦٽ، ست ست جي آ راند —
سوچيو آهه انهيءَ تي ڪڏهين هن ويهي هيڪاند !

رُکيءَ سُکي تي راضي آهي، تنيءَ ٿڌيءَ ڀيو ڪاهي،
ڦيٽ ڦيٽ جو هي عادي آهي، ڪيٽ ڀيٽ هن ۾ ناهي،
او شل ! سينو ساهي، پاچاري لاهي، سانباهي،
تونهي تي تونهي سان هن چاڪيءَ جي چڪر ڊاهي !

— آخر ڪيسين جڳ جي جاڳاهه اونڌي ائين گهلبي ؟
ڪيسين ائن بيدرديءَ سان ڌرتيءَ جي ڇاتي ڇلبي !

(٢٧)

توهه ته ڪجهي ڪا ناهي– تون پياري آنهه فهيما !
هر پوءِ به نه مون کان، اڄ ڪلهه، وسري ٿي هيروشيما :
ڪنهن ديش پرائي جو ڏک، ڇو پنهنجو ٿي ڏک آهي،
ڪو روڳ لڳو آ من کي، جو پنهنجي وس ۾ ناهي.

(٢٨)

زندگي ! مجبور قحبه جي مثال،
ٿي ڪرين پنهنجو تبسم پايمال،
آهه مصنوعي سندءِ حسن و جمال.

ناهه تو ۾ روح جي پاڪيزگي،
۽ نه ڪائي جسم و جان جي تازگي،
– زندگي، او زندگي، او زندگي !

(٢٩)

هيءَ ميرانجهي سانجهي آ يا ڏوڙ-ڏٽي جي جهول،
جاڻ ستارا ان مان نڪتا، جڏڪي سونَ-ستمان:
تيسين پنهنجيءَ مشعل ۾ جا آهي لاٽ اڏول،
تنهن تي واٽ سڄاڻي ويندا واٽهڙو انسان.

ڏينهن ٿيا، ڪنهن شينهن اسان ۾ ناهه ڪئي گجگوڙ،
هيءَ به غنيمت آ ته ڪٿي ڪو اوناٽي ٿو ڪوڪ:
نيٺ ته بادل وسندا، پوندا مينهن به ماٺهوءَ-پوڙ،
نيٺ ته وڄندي، گجندي، اٿندي، اٿنديءَ جئن مخلوق.

اڳتي جان نه جڪڙي رهندي، پختا ڪر پنجوڙ،
ڪنهن جي ڇاتي آتي آهي، تڪ ڪري رک تير:
ڊهنديون ڊوڪي جون ديوارون، ڀاتيءَ جي ڪنهن ڊوڙ،
هيٺا هٿ وڏيا جي، هوندءَ ذريون ذريون زنجير.

ڳوڙها ڳاڙيندا ها جي، سي اٿندا ڪرتي ڏند،
آيو چتر ڪي چوهه، ته ڏسندين اونهي جو انداز:
وک وک ۾ ڪا وڄلي هوندي، ڊهندا ويندا بند،
-تون ٻوڙو آن، آءٌ ٻڌان ٿو قدمن جو آواز.

تو انڌو آن، آءٌ ڏسان ٿو ڪنوٽين جا سپ ڪيل،
تون اوندهه جي آڪيري ۾ ويٺو آن اڻ ڄاڻ:
نيٺ ته ٿيندا رڻ ۾ رت تي تنهنجا منهنجا ميل،
منهنجا گهوڙا گهائي وجهندا توکي سنبن سان.

ساڻ چاڻان ٿو، ساڻ چاڻان ٿو، ڄر آ منهنجي ڄاڻ،
پڙڪي پڙڪي پنهنجي ٿيندي، جلندو هيءُ جهان:
آخر منهنجي سوچ سنواريا، آخر تنهنجي آڻ!
تون رڪ هوندين، ڇپيون ڇٽينديون ڪوئي نئون انسان!

(٣٠)

جهونجهڪڙي ۾ ڪارو ڪنجي –
منهنجو من،
جيون بن:

آڏري آڏري، پوندو ٽڪجي –
تنها تن،
منهنجو من...

جهونجهڪڙي ۾ ڪارو ڪنجي.

(۳۱)

آءٌ پَل هان !
آءٌ پَل هان !
مان ئي مَي هان، مان ئي مَستي، مان ئي جام،
مان ئي تنهنجيءَ تشنگيءَ جو انتقام؛
منهنجي هستيءَ، منهنجي مستيءَ کي سڄاڻ،
مان ئي تنهنجي ميڪشيءَ جو هان دوام.

آءٌ پَل هان !
آءٌ پَل هان !
تنهنجي خوشبوءِ کي ڪٿي شبنم مثال،
مان اڏامان ٿو، ٿيان ٿو لازوال؛
نيٺ ويندين مثل گل ڪومائجي،
مان ئي ٿو سانڍي سگهان تنهنجو جمال.

آءٌ پَل هان !
آءٌ پَل هان !
مان ئي تنهنجي ذات هان مان ئي صفات،
مان ئي تنهنجي بي ثباتيءَ جي ثبات؛
تون وسارين ٿو ته غافل پل وسار،
ورنه مان ئي موت هان مان ئي حيات.
— جي سڄاڻين، موت ناهيان:
آءٌ تنهنجي زندگيءَ هان !

آءٌ پَل هان !
آءٌ پَل هان !

(٣٢)

سانجهي، سانت، آتر جي واءُ،
کونج اُفق ۾ ڪَرڪي، آهُ!
تون ٻئجي پڙلاءُ.

پر جي تون پڙلاءُ نه آهين،
پوءِ تون ڇاهين؟ آخر ڇاهين؟
... شايد ناهين!

(٣٣)

مان مندر، تون نادَ،
مان گرجا، تون گهنڊَ،
ڇو تون منهنجي نند،
روز ڦٽائين ٿي؟
ڇو جاڳائين ٿي؟
منهنجي آد جڳاد! منهنجي آد جڳاد!
... مان مندر تون نادَ!

(٣٤)

جر جي جلندي جوت،
منهنجي من ۾ اوت،
تنهنجي در تي آءُ ڪنگال!
سڀئي هنئي آ ڪيئي سال...

تون نہ ڏني پر بوند،
چو ايڏي اڻ هوند!
جر جي جلندي جوت،
منهنجي من ۾ اوت!

(٣٥)

ائين نہ مون کي رول،
تون ئي مون کي ڳول!

تو کي ڳولي، آنءُ،
ڪڏهين نہ پاتو ٿانءُ...
آءُ نہ منهنجا ڍول!
تون ئي مون کي ڳول!

(٣٦)

ڪٿي تہ آهين شيام !

جڻ جمنا جي لهر لهر ۾ ، تنهنجي آهہ لڙاٽ —
ڳهٽي ڏلم سپ ڳهاٽ ،
ڪٿي تہ آهين شيام !

جڻ پنڇيءَ جي گيت گيت ۾ ، آهي تنهنجي تانَ —
ڪٿي لِڪو آن ڪانَ !
ڪٿي تہ آهين شيام !

چُور چُور ٿي پئي هان، تنهنجو وٺي سان نانءَ،
هيڪي پيو آ هانءَ —
ڪٿي تہ آهين شيام !
ڪٿي تہ آهين شيام !

(٣٧)

ننڍڙو ٽڪلو
ڪانگڙ تي ڪُنڌڪي…

ڄڪرو تاڙي،
جهڙپ ڏئي، آن کي
ڇيري ڦاڙي!

آخر ڇو نہ سدا،
اوءِ آدا،
ننڍڙو ٽڪلو
ڪانگڙ تي ڪُنڌڪي!…

(٣٨)

پاڻيءَ ۾ مينهون
دور وڃي پهتيون —
نياريون نياريون، ڪاريون ڪاريون،
لهواريون ليڪون —
پاڻيءَ ۾ مينهون !

هي سانجهيءَ جا سانگ، هوا ۾
آهي 'تون ئي تون'،
ايندي هاڻي بانگ، فضا ۾
غائب ٿي ويندئون
لهواريون ليڪون —
پاڻيءَ ۾ مينهون !

(٣٩)

او پرديسي ! او پرديسي !
ڪهڙو تنهنجو ديس ؟

تنهنجو ڪوبہ سڄاڻو ناهي،
تنهنجيءَ ڏُنَ جو چاڻو ناهي،

ڪنهن لاءِ هي يڪتارو ناهي،
ڳائين ٿو تون ڳاهي ڳاهي !

هي ساڻهو ڪيئن تنهنجا ٿيندا !
تنهنجيءَ رَت ۾ نيٺ رڱيندا !

تنهنجو گيڙو ويس -
ڪهڙو تنهنجو ديس ؟
او پرديسي ! او پرديسي !

(٣٠)

پاڻي !
ڪاش! ماڻ سڙهه هجان!

هير سون ڪي چمي، نير ڪي مان چمان !
منهنجي آغوش ۾، موج آب روان .
مضطرب ٿي وڃي، ۽ مٿان آسمان
هيءُ اسان جي محبت ڏسي پيار سان .
هوءَ ٻه پچندي وڃي، مان ٻه پڇندو وڃان،
دور هن گهاٽ ڪاڻ، دور هن گهاٽ کان !
ناهه مهر و وفا جو جتي ڪو نشان،
ناهه جور و ستم کان جتي ڪا امان !
دور ڳولي لهان ساحل بيڪران،
دور، آزاد، مثل هوا ٿي، ڦران !

ڪاش مان سڙهه هجان !
پاڻي !

(٣١)

رات اسان جي ميخاني ۾
آيو خرقہ پوش :
ڳوليو هرڪنهن ديواني ۾
هن جو صبر و هوش ؛

هن چيو، ”حافظ آهيان، يارو !
شهر اٿم شيراز ؛
منهنجي مينوشي ميخوارو !
آهي عين نماز !“

مون چيو، ”حافظ ! اچ، اچ، مون سان
خرقو لاهي ويهہ !
ڦيريون ڏيءِ اسان جئن عريان،
پوءِ چانئٺ سان پيهہ !
تو ڪي هي مُلاّ جو خرقو
ڪنهن ڀاتو آ يار !
ٿيءُ اسان سان ويهي ننگو،
جي آهين ميخوار !“

(٣٢)

اي وطن ! منهنجي تخيّل جا وطن !
لوڻ منهنجيءَ جي لگن !
جانِ من !
اڄ ڇمي تنهنجو ڪفن،
ٿو ڪيان تنهنجو سپردِ خاڪ تن ۔

خشڪ منهنجي ديدهء خونبار آ،
لالہ و گل کان سوا،
اي مئا !
لاش تنهنجي کان جدا
ٿو ٿيان مان... الوداع، او الوداع !

(٣٢)

سَرمست هان !
سَرمست هان !

مان ساغرِ مهتاب مان
سَي پي وڃان، هڪ گيتَ سانَ؛
ڪاريءَ گهٽا جي پينگهه تي
جهولانَ جهٽلان، جهولان جهٽلان؛
آغوش ۾ منهنجي رهي
هيءَ ڪائناتِ بيڪران،
هيءَ حسن جي جُوي روان،
هيءَ ماه و انجم جو جهان،
هي ڪهڪشان،
هي آسمان !

سَرمست هان !
سَرمست هان !

جنهن وقت مردِ ڪوهڪن،
تيشه نگن، اڳتي وڌن،
تن مان رهِ تقدير ۾،
گڏجي ٿيان مان گامزن؛
مان زندگيءَ جي سير ۾
تن سان وڌان، اي هموطن !

شمشير هٿ ۾، نعره زن،
شعلہ فشان سارو بدن،
اڳتي وڌان !
ماريان سَران !

سَرِ مست هان !
سَرِ مست هان !

(٣٣)

تو گهٽمان سان ڏار تي تلوار جي،
اِن ڏار ڪان ٽورو پري،
آهي پرينءَ جي لوءِ، او !

آسمان سان چنڊ مون ڪي ٿو چئي،
’وڃ وڃ پلي، ان لوءِ ڏي،
’ويندو نہ ڪوئي پوءِ، او !

’غم نہ آهي، پير جي چلجي پيا،
’هي وقت آ، هي وقت آ،
’موٽي نہ ايندو ووءِ، او !‘

(٣٥)

ٿو وڃان خنجر به ڪف،
ڇيري آنهن جي صف به صف،
اي پرين ! تنهنجي طرف، تنهنجي طرف !

مان آهو پنهنجي شڪن،
جنهن کان پڇي سڀ هموطن،
دور تان هن کي ڏسن، ٿيي طعنه زن .

اي پرين ! تو لاءِ مان،
جيسين مران، وڙهندو رهان،
ڪاش، توکي موت کان اڳ ۾ ڏسان !

(۳٦)

سلسلهٔ ڪوه ۽ چشمهٔ آبِ روان ...
سيب جي وڻ مان متان
سيب ڪيري ناگهان،
آيو ٿي لڙهندو پريان، ٿو وڃي لڙهندو اجان ...
ڪيستائين؟ ڪيئن چوان!

هيءَ شفق آلود شام، سلسلهٔ ڪوهسار،
خامشيءَ برگ و بار ...
اوچتو ڪنهن جاندار
سلسلهٔ ڪوه مان، جو ڪئي چيخ و پڪار!
آئي صدا آرپار!

(۳۷)

اڄ ته چئي ڏي، اڄ ته چئي ڏي، اڄ ته علي الاعلان—
"منهنجو ڪوئي ديس نه آهي، منهنجو ديس جهان،
"منهنجو ڪوئي نانءُ نه آهي، مان آهيان انسان،
"منهنجو هي انجيل، نه منهنجي گيتا يا قرآن،
"ڌرتي منهنجي ماءُ، آنهيءَ تي آ منهنجو ايمان!"
ڀڳهري ويا زنجير صدين جا، رهه نه اجا نادان،
اڄ ته ڀڃي ڇڏ، اڄ ته ڀڃي ڇڏ، زور ڏئي زندان،
اڄ ته چئي ڏي، اڄ ته چئي ڏي، اڄ ته علي الاعلان!

(۳۸)

اي هم - وطنو ! آءُ اوهان تي ڪيئن نه ڪلان !
روز و شب ڪهسار !
اوهان رهوار
جهلي هين پار،
رکي هٿيار،
ڏسو ٿا طوفان جا آثار !
مگر هي پار اوهان مان ڪوبہ نه ويندو خوف وچان !

اي هم - وطنو ! آءُ اوهان تي ڪيئن نه ڪيلان !
روز و شب جي ڄان،
نوان انسان
ڏئيي جولان،
لنگهي طوفان،
وڃي هي پار ٿيا مهمان !
آنهن جو شان فقط اڄ آءُ پيو منظوم ڪيان !

اي هم - وطنو ! آءُ اوهان تي ڪيئن نه ڪيلان !

(۴۹)

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

جئن زمين آسمان
جي کلي ٻئي زبان،
ڪُنڊ ڪُنڊ، چؤنڪ چونڪ،
شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ،
جئن ڏئي آئي جواب — انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

هي ته ڪو نياءُ آ —
جو مزور پياءُ آ،
سو لهو پيئي پيئو،
جنهن سبب جيئي پيو
سو پيئي پيو شراب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

ڌوڙ هن سماج کي،
لوڙ سامراج کي،
ڻاهه سو نئون نظام،
جو چڱو چئي عوام —
هي نظام آ خراب — انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب ڳاءِ!

ڳاءِ، ڳاءِ نوجوان !
جنهن زمين آسمان
جي زبان ڳلي پئي،
زندگي اٿي چئي،
انقلاب! انقلاب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ !

(٥٠)

تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

تون آن منهنجو چنڊ، ته آهيان تنهنجو آءٌ چڪور،
تون بادل جئن برسين مون تي، بان هان تنهنجو مور—
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

تنهنجي ڌرتي، مون کي پرتي، منهنجو تو ۾ ساهه،
تنهنجيءَ کيتيءَ، تنهنجي ريتيءَ سان آ منهنجو چاهه—
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

تنهنجو پاڻي منهنجو ساٿي، جنهن سان منهنجو جيءُ،
تون سنڌوءَ جي ساهيڙي آن، او ڌرتيءَ جي ڌيءُ —
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

منهنجي من ۾ آهن تنهنجون چانڊوڪيون ۽ چيٽ،
منهنجون لاتيون منهنجون باتيون، آهن تنهنجي پيٽ—
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

تنهنجيءَ ٻوليءَ جو سان ٻيلي، واريان تنهن تان پاڻ،
ڳالهيون تنهنجون ڳايان، منهنجو سُر آهي تو ساڻ —
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

مٺڙو آهي هر ماڻهوءَ لئيءَ پنهنجو پنهنجو ديس،
پيارو آهي ساري جڳ کي، پنهنجو وَڻ ۽ ويس —
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

منهنجي سهڻي، منهنجي سسئي، منهنجي مومل آهه!
روئي روئي آهه سڀان اڄ تنهنجو گهرو گهاءُ!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تنهنجا ويري ٽيندا ڪيري، تن جي منهن ۾ ڌوڙ،
سائي آسچ، تون ٻيلي نچ، ڪيسين ڪڏندو ڪوڙ!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

(۵۱۰)

منهنجا مٽڙا پٽ!

جهوني ڪوڙ سان منهنجو جهيڙو هلندو آخر تائين،
تئون تئون سچ تون ڳوليندين، جيئين شال سدائين!

ڌرتيءَ جي دک ۾ آ منهنجو چاهه انهيءَ لئيءَ لال!
تئون تئون سک جٺ تون مائين، جيئين سدائين شال!

ممڪن آهه ته ڌرتيءَ جو دک پورو ڪونه ٿئي،
ممڪن آهه ته تنهنجو بابا وڙهندي جان ڏئي!

ممڪن آهه ته مون کان پوءِ پي، ڏکيو بکيو انسان،
ڪيي ڪيي لئيءَ ڳالهه جهڪائي، هجي اجا حيران!

انهيءَ صورت ۾ منهنجا مٽڙا! جيئين شال سدائين!
تون به انهيءَ ئي وڙهندو رهجانءِ، منهنجي آخر تائين.

نيٺ ته ڌهندو ڪوڙ، سدائين جنهن کي ناهه ثبات،
نيٺ ته ٿيندو سچ جو سوڙج، نيٺ ته کٽندي رات!

قطعا

اسان لاءِ سيئڊ تہ ڪا شيءِ نہ آ،
اسان لاءِ شاعر وڏي بات آ.
وساڻي نہ سگهندو انهيءَ جو ڏيئو،
مڃان ٿو تہ هن وٽ آها ذات آ.
مليو آهہ هو ميڪدي ۾ سدا،
مڃان ٿو تہ پيرِ خرابات آ،
پيار بو اسان کي بہ حسنِ ازل،
برهہ جي اسان تي بہ برسات آ:
پنهون لئيءِ پريشان آهي ڪڏهن،
ڪڏهن ڏس تہ ڪونروءِ ڪيو مات آ —
اسان جي بہ سا ڳي وفا ۽ جفا،
اسان جي بہ سا ڳي حڪايات آ.
ڏٺي ناهہ ڪنهن بيت جي دلبري،
سچي‌ءَ سنڌ کي فڪرِ آيات آ:
نہ شاعر نہ انسان، هتي اي ”اياز“،
پڻائي فقط ذات ئي ذات آ.

ڪنهن نئين ڪفر جي پني خوشبو
شعر منهنجو لڳائي آيو آهه.
زندگيءَ جي شراب سان سرشار
مون نئون گيت روز ڳايو آهه.
اڪثر اوقات عقل جي دڳ تي
عشق آنديءَ مثال آيو آهه.
واڳ وس ۾ رکي هميشه مون
هر نئون سوڙ آزمايو آهه.
دير و ڪعبه ڇڏي ڏنم هاڻي
مون مٿان ميڪدي جو سايو آهه.

نہ ڇڏيو آهه ماڻهپو ۽ مُرڪ،
گرچہ هُڙا تباه حال آهيون:
هر زماني جي ناشناسيءَ جيي
چوٽ کائي بہ با ڪمال آهيون.

ڪٿي آهه پروردگار محبت!
خزان پوش آ هر بهار محبت:
اڙي آدمي! ڪيستائين نہ ٿيندو
شعور محبت، شعار محبت؟

نينهن تنهنجو ڏينهن وانگر ٿو ٻکي،
کيستائين مان لڪايان او پرين !
راز تنهنجو ساز ۾ پيو ٿو لڇي،
کيستائين مان نہ ڳايان او پرين !

ساز تي ٿي ناز آ مون کي ﭜلا !
جنهن بنا هر چيز ئي بيڪار آ
گيت منهنجي جيت آهن، جن بنان
منهنجي ساري زندگاني هار آ

منهنجي هستي منهنجي مستيءَ سان ملي،
جنهن آلستي حسن جي پٽ تان پئي،
دور ٻهتي، آسمانن تي چڙهي
راتڙين ۾ چنڊ تارن جي رڳئي؛
۽ پونر جي سامن، گل جي واسن ۾
چڻ پرهہ جي هير جئن آئي وڃئي -
ڪو هوس ناهيم، شاعر هان "اياز"،
منهنجي من کي آهہ دولت آڻ مٽئي.

ڪنهن چيو ٿي آنءَ تنهنجو عڪس هان،
هيءَ ڳجهارت تون ٿي سمجهائينم ها:
عڪس سان ايذي عداوت، ڇا سبب؟
رنج و غمَ ايذا ڀلا ڇو ڏينم ها!

رَبّ جو هانءَ ٿانءَ آهِ آهو،
پنهنجا ڳوڙها ڳڙي جنهن ۾،
ٿا ڏين ڏيک ڇو نہ سوتين جو.

O

ٻاٽ ٻهہ ٻهہ ڪئي ٻئي ۾ ڪلهہ،
مون جهليا پنهنجي جهول ۾ جگنو،
ٿي ڀريا جن ڪري نمي نمي آنسو.

O

جيئن ڏيئي سان ڏيئو ٻري پيارا!
تيئن اکين سان اکيون ٻري پونديون،
آءٌ ويجهو تہ آءٌ منهنجي تون!

O

منهنجون اکڙيون ۾ ٿانوَ سوتين جا،
جن کي ڇپرن سان سون ڍڪي آندو،
ڍڪ هٽائي اگرچہ تو نہ ڏٺو!

O

کوهہ ڪنيڙا نہ اي چڪور چريا،
چنڊ سان دوستي اجائي آ:
چنڊ هڪ رات مسافر آ،
۽ ڪهڙيون سونهن جي سُهائي آ.

مينهن جي رات، چؤ طرف گجگوڙ،
آسمانن جو هانءُ ڦاٽي ٿو:
اي پرين! ڏس نہ تو سوا شاعر
هيءَ ڪٺن رات ڪيئن ڪاٽي ٿو!

نہ سا زندگيءَ ۾ تپش آ نہ تاب،
ويو اوچتو پيار جو سج لهي:
مگر عمر جي تيز تتڻ تي پرين،
شفق جئن سندءِ ياد پوندي رهي.

ريشمي زرق برق ساڙهيءَ ۾،
كيترو محو آهه هي انسان!
زندگانيءَ جو پالتو خرگوش–
كيترو نرم، كيترو نادان!

غــزل

مونس، ماهتــاب آهيــان مان
ڪنهن پرندي جو خواب آهيان مان

ٿيي جلهي آگ عشق جي مون ۾
حسن جــو انتخاب آهيان مان

جــو ورهائي ســدام مستي سو
زندگيءَ جو شراب آهيان مان

خالق ڪائنات! ڏس، تنهنجي
جستجو جو جواب آهيان مان

جيستائين هلين، ابــد تائين
اي ازل! همرڪاب آهيان مان

دير و ڪعبه جو دڳ وسار ”اياز“
چڙهي، گهڻو ٿيو خراب آهيان مان

(٢)

زندگي يا شراب جـي نشّن آ
جنهن جي مستي روان دوان آهي

هـر محبت اَجا حسين آهـي
هـر تمنّا اِجا جـوان آهـي

جنهن زمين تي قدم پيا پنهنجا
تنهن تي سجدي ۾ آسمان آهي

خـار زارِ حيـات ۾ رقصان
پنهنجي خوشبو جو ڪاروان آهي

آ انڌيرو ته چاهِ زبان تي جي
تنهنجي زلفن جـو داستان آهي

پنهنجي ڪوزي ۾ آفتاب آهـي
رات تي ڏينهن جـو گمان آهي

سون ڪي مئي جي ڪمي نه آ ساقي
تنهنجي اڪڙين جو امتحان آهي

جام آغـازِ جام نـي انجـام
صبح يا شام هڪ گمـان آهي

اي تصوّر سنڌ م تڏي تي اڄ
ڪنهن ٻڪيڙي ھي ڪهڪشان آهي

چنڊ هروقت همسفر آهي
رات هر وقت رازدان آهي

زندگي موت جي قريب آهي
ڪوئي محبوب درميان آهي

چنڊ مون کي چمي رهيو آهي
رات ڪهڙي نہ مهربان آهي!

ٻي سڏي سيھر، تون ڪٿي آهين؟
ڪوئي ٻيي ٻار نغمہ خوان آهي

ڏور آهين ”اياز“ ڪان ڪٿن تون؟
جسم کان دور ڪيئن جان آهي!

(٣)

اي اکيون، پياريون اکيون، اڄ بيحساب
منهنجي تشنہ روح تي اوتيو شراب !

هر حقيقت کان مٿي آهي مجاز
هر عبادت کان چڱو آهي شباب

عاشقيءَ ۾ روح کي آزاد رک
جسم جو زنجير آ دور شباب

هان کٿو، ساريءَ خدائيءَ پئي آٿو
مون کنيو آهي فقط چنگ و رباب

سڄو پيغمبر راتڙيءَ جي خامشي
سڄو صحيفا آهہ مون لئيءَ ماهتاب

زندگيءَ جي خواب جي تعبير خود
زندگيءَ جو آهہ بي تعبير خواب

(۴)

رات توکي پئي پڪاري، آءُ!
ڪنهن نئين چنڊ جي سهاري آءُ!

بزمِ هستي سياه و سرد آهي
داغِ دل جو چراغ ٻاري آءُ

اڄ ته ٽوڙيون سڪوت ساحل جو
موج و طوفان ڪٺي ڪناري آءُ

زندگيءَ ۾ ڪڇي ڏکن جي ڏاهه
تون سکن جو سوال واري آءُ

شمع جو ڀاڳ آ جلڻ ۽ جاڳ
جي ڪرين نينهن، ننڊ ڪاري آءُ

هيءَ پني رات، هيءَ هوا هي چنڊ!
هر گهڙيءَ ساه توکي ساري آءُ

جيت يا هار، پريت ڪرڻي آ
آءُ تن من ”اياز“ واري آءُ

(٥)

اوهانجي اکين جام ۾ سَڀ ماڻ نهاريو
اسان ڇوٽ ڪاڻي ڪٿي جام هاريو

ڪڏهن حسن ۾ گل مان ڏسو جهاتي پائي
ڪڏهن رات جو چنڊ جو روپ ڌاريو

اچو منهنجا سائين! اچو منهنجا سائين!
پئي آهه اڌ رات، تاڻو نه تاريو

اسانجون وفائون، نه ساحل نه ڪشتي
اوهان جون ادائون، نه ٻوڙيو نه تاريو

زمين جا ستارا هئا لڙڪ پنهنجا
اسان رات روئي پرهه کي پڪاريو

ڪٿي آنهه تون اي نظام محبت
صديون ساهه منهنجي سڪي توکي ساريو

تون ڪوڙهن ۾ ڪوڙهو وڃي ڏس ته توکي
پتو پئي اسان کي آ ڪنهن مُرڪ ماريو

هي اڻ ڄاڻ ڄاڻو، هي ٻي سمجهه سمجهو
پري بزم ۾ مون اڪيلو گذاريو

"اياز" آهه سجدي ۾ مثل صراحي
انهيءَ جي عبادت، پيئو ۽ پيئاريو

(٦)

ڪنهن تہ ورتو ڀئي پرينءَ جو نانءُ
جو وڃو اوچتو هٿن سان هانءُ

گرچہ ان ۾ نئون نئون سڌ آ
دل پراڻي پياڪ جو آ ٿانءُ

ناهہ ڪنهن کي بہ سار سپرينءَ جي
نہ وري صبح ڪان لنوي ٿو ڪانءُ

تون مڃيندين تہ ڪونہ اي جيڏا!
جي چوان لازوال آهيان آءٌ

شاعري ذات آ "اياز" مگر
ذات ڪهڙي، هجي نہ جنهن کي ذانءُ!

(٧)

جلد اچ ، چنڊ رات آ منڙا
هر خوشي بي ثبات آ منڙا

مون ۾ تنهنجي چپن ڪئي پيدا
آرزوي ثبات آ منڙا

چپ انهن ۾ پئي پئي ڪاني
بوي آب حيات آ منڙا

گل چپن تا شراب ٽو چلڪي
چا سنده بات بات آ منڙا

جا سنده زلف ۾ وڃي وچڙي
بس اها رات رات آ منڙا

روح جي گوشهٔ محبت ۾
وسعت ڪائنات آ منڙا

هڪ ثبوت ثبات شاعر وٽ
آرزوي ثبات آ منڙا

جستجوي نجات ۾ حائل
آرزوي نجات آ منڙا

هي ازل کان ”اياز“ آندي آ
ذس اها لات ذات آ منڙا

(۸)

اي سراپا شباب، ويجهو آءُ
مثلِ شعر و شراب ويجهو آءُ

ڪيترو وقت آ خدا معلوم
هي جهانِ خراب، ويجهو آءُ

مرمرين جسم، احمرين اکڙيون
هاءِ! تنهنجو شباب، ويجهو آءُ

شبنم آلود لب ڪٿي مون وٽ
مثلِ برگِ گلاب ويجهو آءُ

سينهٔ ساز تي هڻي مضراب
روحِ چنگ و رباب، ويجهو آءُ

پابجولان آ رخشِ عمرِ روان
تون به ٿي همرڪاب ويجهو آءُ

ياد آيو "اياز" کي ڪو جسم
اي شبِ ماهتاب ويجهو آءُ

(٩)

ٿي سڏي ڪُوي يار، موٽي آءُ
اي دلِ بيقرار، موٽي آءُ

ساحلِ آسودگيءَ اڙي تويءَ
موجِ بيڪنار، موٽي آءُ

منزلِ شوق ٿورو اڳتي آ
آءُ، همّت نہ هار، موٽي آءُ

تو بنا ڪا خوشي مڪمّل ناهہ
آءُ اي دردِ يار، موٽي آءُ

ڪنهن وسائي چراغ جي خاطر
اي شبِ انتظار، موٽي آءُ

اي پرين! هن جهانِ تنها ۾
ڪير آ ڪنهن جو يار، موٽي آءُ

منهنجي محبوبہ، منهنجي چانڊوڪي
مثلِ بوي بهار، موٽي آءُ

سيرِ دير و حرم "اياز" ڪري
بهتر آ ڪُوي يار، موٽي آءُ

(١٠)

خبر ناهي تہ ڇو آهي ۽ ڇا آهي!
محبت زندگيءَ جسي انتها آهي

محبت ئي اسان جي منزلِ آخر
محبت ئي اسان جي رهنما آهي

اجهو دار و رسن جو کو پيام آيو
ملي اڄ زلفِ جانان مان صبا آهي

زمين جي تشنہ لب جنت پڪاري ٿي
ڪٿي هو باد و باران جو خدا آهي

هوي ٿي ماڪ، چانڊوڪي ٿڌيري آ
”اياز“ اڄ رات ڪٿ هو بيوفا آهي

(١١)

قدم قدم تي هجوم رندان، نظر نظر ۾ شراب خانا
ڪري ويو ڪير بارش مستي، خمارآلود ٿيا زمانا

شعور هستي جتي ڪٿي آ، شعار هستي ڪٿي ڪٿي آ
پيئو پيئاريو، جيئو جيئاريو، مگر ۾ انداز عارفانا

اسان جو چاهيو ته روح تنهنجو چپن مان چوسي وٺون ته ساقي
گهڙي نه گذري خلاف پنهنجي ٿيا سمورا شراب خانا

ڪڏهن ڪڏهن موج مستي مان آپري خودي وري غرق جام ٿي وئي
ڪندو رهيو ساحل تمنا سوين اشارا سوين بهانا

مثال سيلاب وقت گذري، لٽي چڏيو قصر عاشقيءَ کي
ڪٿي جبينون جهڪيون آلائي، ڪٿي هيو سنگ آستانا

اڙي! اڙي! ترس ترس، ڪنهن کي مٽائين ٿو بي خبر، نظر ڪر
”اياز“ آ شاعر محبت، اڙي زمانا اڙي زمانا!

(۱۲)

ڏٺم آسمان و زمين، تون ڪٿي آنهن
ڪٿي آنهن سنهنجا پرين، تون ڪٿي آنهن

صراحي و ساغر ۾ خوشبو آ تنهنجي
مگر اي مئيءَ آتشين، تون ڪٿي آنهن

نئينءَ رات مون لئيءَ نئون چنڊ آندو
هزارين ڏٺا مون حسين، تون ڪٿي آنهن

بغاوت ڪئي آ مون دير و حرم سان
جهڪايان ڪٿي سان جبين، تون ڪٿي آنهن

اسان جھڙي هئي جـامهٔ آدميءَ ۾
ملاقات آ آخرين، تون ڪٿي آنهن

چيو چنڊ ڪجهه آسمان تان، پڏو تو!
ڪٿي آن "اياز" حزين، تون ڪٿي آنهن!

(۱۳)

اي دلِ زار، رُلائينم نہ ها
منزلِ يار، ڀُلائينم نہ ها

ڏينم ها يا تہ حياتِ آبدي
يا گهڙيءَ لاءِ گهرائينم نہ ها

جي محبت کي گنه ٿو سمجهين
پو تہ انسان بڻائينم نہ ها

زندگي هونءَ بہ گذري وڃي ها
يا خدا! هوءَ ملائينم نہ ها

جي ملايءِ تہ وڇوڙينم نہ ها
جي وڇوڙيءِ تہ مڪائينم نہ ها

زندگي چين سان گذري ٿي "اياز"
ڪاش، هي شعر ٻڌائينم نہ ها

(١٣)

آلاڻي وري رات ايندي نہ ايندي
اسان جي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي

ڀلي ڏي نہ ورندي، تمنّا نہ ورندي
ڀڃي دل اسان جي اوهان کي سڏيندي

بهار آيو آهي، اگر تون بہ آئين
گلن سان محبت بہ جهولي ڀريندي

سدا تنهنجو حسن و حيا ياد ايندو
وري دل نہ ڀي ڪا بہ سڪڙي ڀڃيندي

وري تنهنجي در تي "اياز" آيو آهي
سندس اک نہ ڀي ڪا بہ چانئٺ چميندي

(۱۵)

پيئي يـاد آيا فسانا اوهان جا
نگاهون اوهان جون ، نشانا اوهان جا

اوهان جي خد و خال جا شعر ڳائي
لٽايا پئي ڪنهن خزانا اوهان جا

اسان لاءِ ڪنج ِ قفس آهه ڪافي
اوهان جا چمن آشيانا اوهان جا

اسان کي چڱي چاڙهئي آهه ساقي
اوهان جا سبو بادهخانا اوهان جا

هياسي اسان ڪنهن گهڙيءَ جا گداگر
زمينون اوهان جون زمانا اوهان جا

"اياز" آشنا ناهه دير و حرم سان
انهيءَ وٽ هيا آستانا اوهان جا

(١٦)

ڪنهين سان ته اوريان ڪنهين سان ته اوريان
حقيقت جون رمزون، مگر هوريان هوريان

ڏيان آگ گرنار کي گاهي گاهي
وري سر وڍايان، وري چنگ چوريان

وري، ها وري، هو اشارو اکين جو!
سچو عالم خير و شر جنهن تان گهوريان

مه و ڪهڪشان تان جو مايوس موٽيس
ڏنو آسرو ڪنهن اچي اوريان اوريان

"اياز" اڄ ڏيان هن کي نذر محبت
ٻه ٽي شعر جوڙيان، ڪليجي کي ڪوريان

(۱۷)

ازل کان هلي ڳالهڙي تنهنجي منهنجي
حياتِ بشر هڪ گهڙي تنهنجي منهنجي

زمـاني کـان رهنـدا هميشه نـرالا
خدا تنهنجو منهنجو، خودي تنهنجي منهنجي

پيري ٿو پتونر روز سورج مٿـکيءَ تي
چمـن ۾ هلـي عاشقي تنهنجي منهنجي

پيو چنڊ جنهن کي اچا تائين ڳـولي
کٿي آهه سا رانڙي تنهنجي منهنجي!

محبـت ته آبِ حيـات آهه پيـارا
پڄهي چو نه پو تشنگي تنهنجي منهنجي

محبت "اياز" آهه زنجير، تنهن کان
چڱـي آهه آزادگـي تنهنجي منهنجي

(١٨)

ڪري ڪير ٿو هيءَ ڀڪڻ مان پڪارون
نہ منهنجو ملير آ نہ ڪي منهنجا مارون!

رهي گونجندي ڪوڪ ڪائي فضا ۾
اُداسي وڃون ڪونجڙين جون قطارون

وڙهہ تنهنجي وستي ورهيہ ٿيا وسائي
ڪٿي چنگ چوليءَ هليو ڪير پارون؟

وڃون ٿا ڀيا مير جهڙي اڄ سهاري
نہ ترهو ئي تاڙيو نہ ڪي آهيون تارون

”اياز“ اڻ سبب ستي پرستي ڇڏيندو؟
مياڻ، تون بہ ڪنهن کي ڏئين ٿو ميارون!

(١٩)

ٻرينءَ سان پکا ڪير ويهي اڏي
ڪهڙي لئون لڳائي هلون ٿا لڏي

جهڙاليون لڳائي وڻين جيءَ ۾
اڙي جيءَ آئين اسان جي تڏي

آئڙ ڪان اڄي ٿي آئي جي هوا
پَري آ، پَري آ، نصيحت نہ ڏي

ميان، ڪير متي جون ميارون سهي
اسان کي چڙي ڏي، چڙي ڏي، چڙي

نہ ٿيندي نہ ٿيندي محبت فنا
هلي آ، ٻلي ويهہ گوڏو گڏي

"ٻنائي" بہ هو ميڪدي ۾ "اياز"
ڏنائين ٻئي متي اسان کي سڏي

(٢٠)

اڪيون عاشقن جون آڇايل آڇايل
دليون درد واريون، دڪايل دڪايل

هئي جاه و دولت جي ڪوڙي ڪهاڻي
جهانَ ۾ رهيا نينهڙا ڪجھہ نيايل

خبر ناھہ اي دور تاريخ ڪيسين
اڇا خون انسان جو رهندين آڇايل

ڪٿي آنهن ابر ڪرم تون ڪٿي آنهہ ؟
اڙي ڏس تہ چهرا سڪايل، سڪايل !

ڪڏهن هاءِ ڏسنديون نظام محبت
اکيون آس واريون، سڪايل سڪايل

ملن ٿي نہ ٿا اڄ تہ پيرا پنهونءَ جا
ڪٿي آھہ هوڪيچ، اي منهنجي آيل؟

ڪڏهن منهنجي خاسين ٻنان ڏس
سوين تو ۾ خوبيون هزارين

(۲۱)

حسين هن جهان ۾ ڇا ڇا هيا !
ڏٺوسي ڇتائي ته پاڇا هيا

ڇٽي گل ٽِيا نيٺ خاڪ چمن
اهي رنگ و بو اي خدا ڇا هيا ؟

رباب شڪسته ٻڌائينم ها
اهي نغمهٔ دلربا ڇا هيا !

جي منزل هئي واديءِ تيرگي
ته هو ماه و انجم ڀلا ڇا هيا ؟

هيا خوب نقش و نگار حيات
مگر ڇا هيا، ڇا هيا، ڇا هيا

هوائون، گهٽائون، فضائون، بهار
آلا ڇا هيا سڀ، آلا ڇا هيا !

وفائون جفائون، ادائون حيا
ڪرشما هيا خاڪ جا، ڇا هيا !

هيا نقش پا هن سفر جو ثبوت
مگر نقش پا ! نقش پا ڇا هيا ؟

"اياز" اڄ جدائيءَ ۾ سوچيو پئي
ملاقات جا ولولا ڇا هيا !

(۲۲)

هوءَ عشق و محبت جي دنيا، گذري به وئي گذري به وئي
آ ياد جنهن جي باقي، سا گذري به وئي گذري به وئي

اڄ ياد اوهان جي آئي يا هر شيءِ تي ڇايو نور مٺا
يا صحنِ چمن مان بادِ صبا گذري به وئي گذري به وئي

هاڻي نه لهي ويو آ دريا، جنهن ڪشتي ڪئي پاره
اي همسفرو، هوءَ موجِ بلا گذري به وئي گذري به وئي

محفل نه رهي، ساقي نه رهيا، پيالا نه رهيا، پياسي نه رهيا
اي شمعِ سحر، ڇا رات آها گذري به وئي گذري به وئي

سا رات نه آ برسات نه آ، سا تن ۾ ڪنهن جي تات نه آ
او ديوانا او ديوانا، گذري به وئي گذري به وئي

ڪي ڏينهن هيا جو نينهن هيا جو ڪنهن جي سونهن ورونهن هئي
نه رهي، نه رهي، نه رهي، او آلا، گذري به وئي گذري به وئي

نه رهي سا ڪيف و سرمستي، آ سرد محبت جي بستي
اڄ ستي ۾ ناهي سا معنيٰ، گذري به وئي گذري به وئي

اي ابرِ ڪرم، تنهنجا سائل توڏانهن تڪيندي رهجي ويا
بدلي نه هوا، ڇائي نه گهٽا، گذري به وئي گذري به وئي

ڪنهن ڪانءِ ٻڏي ڪنهن ڪانءِ ٻڏي، توڙي ويو عرش و فرش لڏي
ڪنهن جي دل مان نڪتي هي صدا، گذري ٿو وئي گذري ٿو وئي

هيءَ دنيا آهه سراءِ پرين، آيا مي پل جي لاءِ پرين
هر چيز هتان جيي پيار سوا گذري ٿو وئي گذري ٿو وئي

جيڪا ٿي گهڙي تو سان گذري، آ ياد انهيءَ جي پيار ڀري
مان ڪيئن چوان منهنجا پيارا گذري ٿو وئي گذري ٿو وئي

اي دوست، بهار وري گل ڪيا، جهڙ ڇانيا، پيمانا ڇلڪيا
هوءَ بادِ خزان ٿي رهي نه سدا، گذري ٿو وئي گذري ٿو وئي

ڏک گهوري سون سُک ورتا هاءِ ڪنهن پياري جاءِ جگ ساري جا
پڇ ٿي نه "اياز" اِهي ڏکڙا، گذري ٿو وئي گذري ٿو وئي

(٢٣)

شبِ تاريڪ کـان تاريڪتر آ زندگي منهنجي
کٽي آهين اڙي او روشني، او روشني منهنجي!

صدين کان روح آ پنڪيو پٺي تنهنجي تمنا ۾
آلائي ختم ٿيندي يا نه هيءَ آوارگي منهنجي

ائين ڇو دور ۽ مجبور آهيون گرچه چاهيون ٿا
ته مان هان زندگي تنهنجي ۽ تون آن زندگي منهنجي

سوين فانوس دنيا ۾ جـلايا ويا وسايا ويـا
اها ئي روشني منهنجي، آها ئي تيرگي منهنجي

خدا معلوم تنهنجي آستان تي ڪير ٿو پهچي
مگر دير و حرم جي ڏس نه ڪئي ڪا رهبري منهنجي

"اياز" اج آسمان ۾ ڪونجڙين جي قافلن کي ڇو
سڪوتِ شام ۾ ڏسندي رهي بيچارگي منهنجي

(٢٣)

محبت جا اوهان کان راز، جي هردم ڇپاياسي
ڪياتي شعر ۾ ظاهر سڄي جڳ لاءِ ڳاياسي

ٽڙياسي دامن صحرا تي، خوشبو ئي اجائي وئي
خدا معلوم ڪنهن رنگين چمن ۾ چو نہ جاياسي

ازل کان ڪائي جُوءِ عشق ۾ڻي ڇوليون هئي، جنهن ۾
ڪئي سي ڪشتيءَ دل ڇُور، لڙهندا پاز آياسي

ڪڏهن ايندءَ آڏامي، جو اکيون آسائتيون ڏسنديون
اوهان جي ياد سان هي سرد آکيرا وساياسي

خدا معلوم هن کي جستجو ڪنهن چيز جي آهي
نہ آيو چين ڪو دل کي سوين حيلا هلاياسي

مليو اهڙو نہ ڪوئي همسفر جيڪو ٻڌائي ها
وڃون ڪيڏانهن ٿا بي خود، هتي ڇا لاءِ آياسي

محبت هئي، تمنا هئي، جواني هئي، حياتي هئي
”اياز“ احساس ڪنهن ٻحس حسين تي ڇو وڃاياسي

(٢٥)

نہ ماهتاب، نہ هو آفتاب آ، سائين!
مگر "اياز" ڪيو انتخاب آ، سائين!

اسان جي روح ۾ جنهن جي نفيس خوشبو آ
اهو بدن بہ مثالِ گلاب آ، سائين!

اسان سوال ڪيو هو خدا بہ آهي ڇا؟
اوهان جو حسن انهيءَ جو جواب آ، سائين!

اوهان جو شوق بجا نغمہ مسرّت لئي
اسان جي دل تہ شڪستہ رباب آ، سائين!

اهو "اياز" وڏو بي حجاب آ، جنهن هڻن
رخِ حيات کي بي نقاب آ، سائين!

(٢٦)

مان نہ نڪتو هوس، ڪنهن محتاج پاڏايو هيو
ڪنهن ڇيو ٿي، ڪلهہ سنڌ ۾ در تي خدا آيو هيو

بارها مون هن سفر ۾ راه بدلائي هئي
بارها هر رهنما ڪان جيءَ گهبرايو هيو

اي خوشي، تون زندگيءَ ۾ ڪيترو اڻ لڀ هئين!
مون تہ سارو وقت غم سان جيءَ بهلايو هيو

زندگي آ جستجو ۽ جستجو آ زندگي
جنهن تہ پاتي مون پرينءَ کي پوءِ پڇتايو هيو

چانو ڪڪريءَ جي هئي ڪن پل خوشي پنهنجي "اياز"
هاءِ ترسايو هيو جنهن، پر نہ برسايو هيو

(۲۷)

اسان سمجهيو ته وندرايون پيا ٿا روح کي ڪن پل
نه ايندو چين هيئن تو بن، هُئي اهڙي نه ڪنهن کي ڪَل

ڪٿي آيون وري هو ياد ڪنهن گذري محبت جي،
اوهان جي پار جون هيرون، اوهان جي ديس جا بادل

اسان کي ڪا شڪايت ناهه تنهنجي بيوفائيءَ جي
ملا سائين! ملا سائين! تون سڏڪا روڪ، ڳوڙها جهل

بهار بي خزان آهي اوهان جي حسن جي دنيا
حيات جاودان آهي اسان جي عشق جو پل پل

(٢٨)

نئين تمنا، نئون ترانو، نئون چمن لاءِ آشيانو
نہ ھو قفس آ نہ آبِ دانو، آڏام ساڳيو نہ آ زمانو

ازل ابد سمجھ پر نہ ايندو، نہ سمجھيو آھہ ڇا زمانو
اڃو تہ بدلائجي زمانو، اڃو جوانو، اڃو جوانو

ھتي سوين رند روز آيا، نوان نوان دور جن ھلايا
نہ آھہ قدرت ڪڏھن بہ خالي، کليو پيو آ شراب خانو

صديون جھلڪ لءِ جھڪي ڪيا تو ھزار سجدا، نہ سمجھندين تون
نگار ڪان بي نياز آھي، ائين ھليو تو نگارخانو

"اياز" ڪنھن جي سرود سان رات روح پر تازگي اچي وئي
ٿيو فلڪ تي وري ستارن جو جھومندو قافلو روانو

(٢٩)

قيد هستيءَ کي ڪيئن ڍاهيان مان
مارنيءَ جي پڪار آهيان مان

اڄ ته ٽڪجي پيو هان، ڇو ڪيسين
زندگانيءَ جو ڳاهه ڳاهيان مان

ڪنهن گلِ نوبهار سان گڏجي
آشيانو الڳ ٺيو ٺاهيان مان

زندگي ٿي وڃي آ منڙو گيت
ڪنهن ڪنول سان پيو نباهيان مان

عمر گذري وئي "اياز" آلا!
مون نه چاتو ته نيٺ ڇاهيان مان

(٣٠)

دنيا خيالِ دوست مٽائي سگهي، ته ڪيئن
هيءَ تشنگي سراب بجهائي سگهي، ته ڪيئن

جاڳي ڏٺم ته خواب هيون سڀ حقيقتون
ڪو خواب جو خيال مٽائي سگهي، ته ڪيئن

ساحل ۾ جيڪڏهن نه آهي دلڪشي رهي
ڪو ڪشتيءَ شڪسته هلائي سگهي، ته ڪيئن

هي مسئلو نئون ته نه آ منهنجي روشني!
يعني چڪور چنڊ کي پائي سگهي ته ڪيئن

دل تي ته چار صورتون آڪري ويون "اياز"
طوفانِ وقت تن کي مٽائي سگهي، ته ڪيئن

(٣١)

بي كيف آ فضاي گلستان، ڪڏهن تہ آءَ
اي موسم بهار گريزان، ڪڏهن تہ آءَ

تولاءِ ڪالهہ رات ڏنو جام شي پيام
ناياب آهي راحت انسان، ڪڏهن تہ آءَ

چوطرف آشيان جي، گهٽائن جو آ هجوم
تنها ڦري ٿي رحمت يزدان، ڪڏهن تہ آءَ

آئينہ خانو آهہ جهان تنهنجو، تون ڪٿي!
تو لئيءَ تڪي ٿي ديدهٔ حيران، ڪڏهن تہ آءَ

پنڪي پيو ”اياز“ سراب حيات ۾
اي دوست، مثل چشمهٔ حيوان، ڪڏهن تہ آءَ

(۳۲)

ايندي آ ياد صورتِ جانان ڪڏهن ڪڏهن
ٿيندي آ منهنجي دل ۾ گلستان ڪڏهن ڪڏهن

هن ڪشتيءِ شڪسته کي ارمان سان ڏسي
ايندو آ ياد منظرِ طوفان ڪڏهن ڪڏهن

من ئي منجهي پيو آ غمِ روزگار ۾
ڇوڙي ته آهه زلفِ پريشان ڪڏهن ڪڏهن

(٣٣)

مشڪ ڀَري بهار آئي آ
جنهن بنا زندگي اجائي آ

تنهنجي اکڙين جو سَيءُ وَسائي آ
مستُ و بيخود سَڄي خدائي آ

هر ستاري ۾ ساهه اٽڪيو آ
اڄ به ڪاٽي شب جدائي آ

رات ڀر آ "اياز" چنڊ چڪور
سو به جي رات ڪا سهائي آ

(٣٤)

بيابان تي چو سوين ماه و انجم
تجلّيون لٽائي ويا، ڪير سمجهي

سوين خاڪ ۾ لال و گل ڇپي ويا
صبا ڪي لنوائي ويا، ڪير سمجهي

مسافر سوين ڪاروانِ عدم جا
ڪٿي سڀ آلائي ويا، ڪير سمجهي

پرين جو نگاهون جهڪائي هليا ويا
آلا روح گهائي ويا، ڪير سمجهي

حيات گريزان سرابِ مسلسل
ازل کان آجائي ويا، ڪير سمجهي

اچي ننڊ ۾ هو نمائي نظر سان
سٽن کي ستائي ويا، ڪير سمجهي

ملائي ويا روح ۾ شهدِ شيرين
ميٺ سان مچائي ويا، ڪير سمجهي

سوين لعل و گوهر گداگر اوهان جي
لبن سان لڪائي ويا، ڪير سمجهي

نصيحت ڪري ها نادان ناصح
ڏکين کي ڏکائي ويا، ڪير سمجهي
تغافل-شعار اڄ نگاهِ ڪرم سان
"اياز" آزمائي ويا، ڪير سمجهي

(۳۵)

ڪجهه راهرو نڪري ويا هر ڪاروان پٺ تي ڇڏي
منهن تي مٽي، گل جهول ۾، پهتا پرينءَ جي پار ڏي

تون ننڊ ۾ تون جاڳ ۾، تنهنجي لڳن ۾ من مگن
هر رات توءِ لئيءَ ٿي رڙي، هر صبح توکي ٿو سڏي

هي يادگيريون يار جون، هن ساهه جي سينگار جون
گويا سوين تارا ڪتيون پکڙن لڳا منهنجي تڏي

هي جام آ منهنجو خيال، خام آ بدنام آ
جڳ جڳ جيئين، جي تون پيئين، پڪ ڏڪي ڇڏي توکي اڏي

(۳٦)

ساوڻ آيو وڻ وڻ تي، آ ساوڪ ۽ سرهائي
من جي مکڙي جو مرجهائي، ورڻي نہ تي سا ساوڪ

هي خاموشي، سرد هوا، ٿي تير ڪيئي تنهائي
من جا گهاو پيا اڄ اُڪلي، ياد اوهان جي آئي

ڪنهن ڪنهن ان ۾ پاتو آهي تنهنجي من جو موتي
سمنڊ کان گهري آهي تنهنجي اکڙين جي گهرائي

ڪن جون اکڙيون سڪڻيون سڪڻيون جڻ پينوءَ جو پاند
تنهنجون اکڙيون مَي جا پيالا، سخا ڏکرن سرهائي

ڪنيڙائيون ڪوهيندا، هڪبئي کي بہ ڏسن ٿا، پو بہ
مچ متان چو آهہ پتنگن ايڏي پيڙ لڳائي!

رات اسان جي روح ۾ ڪوئي راڳ ازل کان آيو
آڳ آلا هو سارو تن من، ڳالهہ اوهان جي ڳائي

رات اسان جي ذات ڏسين ها، پرجهي پاڻ چوين ها
گيت جي هر هڪ بول ۾ ڪئن هيءَ جڳ سندرتا آئي

هيل "اياز" سجڻ کي ساريوسي ساري ساوڻ ۾
مينهن اسان لئيءَ نينهن نہ آندو، منڙي نانهہ نيائي

(٣٨)

تنهنجي من ۾ منهنجو ڏيرو، منهنجي ۾ تنهنجو آکيرو
تون منهنجي آن توڙي اجلي، مان تنهنجو هان توڙي ميرو

رات گذاريون روئي روئي، هتي نه آهي پنهنجو ڪوئي
ڪڏهن پرين پرديسي منهنجا، ٿيندو آخر صبح سويرو

راڳ ۾ ڪنهن هي آڳ ٻري آ، ساري جڳ جي ڄاڳ ٻري آ
جيئون لڳيون چرڪڻ جوُ من ۾، جلڻ لڳو جو آهي جيرو

نند ۾ سڀ مئي جا متوالا، ڇهه سڀ پياسا جيهون پيالا
سرت سمجهه سان ميخاني ۾، آيو آهي ڪير اويرو

رات اسان رابيل سنگهي مي، هن جي تن مان پيٽ ڪئي مي
رنگ روپ ۾، وڻن وان ۾، سڙو يارُ "اياز" مٺيرو

(۳۸)

تون جلوي تي جلوو آن، مان جذبي تي جذبو مان
ڏاڍي نه ڪڏهن تو مان هيءَ چشمِ تماشائي

جڏهن منهنجي سڄي هستي مرڪي آئي لحظي لئي
او ياد سنڌ آئي، او ياد سنڌ آئي!

مان ديس ۾ پرديسي، مان مات سان بي سائي
اي دوست، نه پڇ منهنجي هن وقت اڪيلائي

هن ساز ۾ او سائين سڀ گيت هيا ليڪن
ڪٿ آن جا ٻڌڻ وارا؟ ڇانتي وڃي شهنائي!

ڇا دور رکي سگهندي ديوار سياست جي؟
مان تنهنجو تمنائي، تون منهنجو تمنائي

ڪنهن راڳ لتاڙيا ٿي، چپ ڪيئن رهئين شاعر!
تو آڳ نه آلاپي، تو باهه نه ڀڙڪائي!

(٣٩)

بي زباني زبان آهي پيارا
درد جو داستان آهي پيارا

تون قريب آنهن چانڊني رات آ
ڪهڙو پيارو جهان آهي پيارا!

تنهنجو بي ساخته تبسّم آ
نانءُ جنهن جو جهان آهي پيارا

زندگي حسن جي حڪايت آ
يا سندءِ داستان آهي پيارا

تون بتان جو بهر منور آن
سا زمين آسمان آهي پيارا

ڪوئي ڪنهن جو نه آهه دنيا ۾
ڪهڙو تنها جهان آهي پيارا!

تو اڳيان آ "اياز" ڪئن خاموش!
هو ته جادو بيان آهي پيارا

(٣٠)

جيڪڏهن تنهنجن طلبگارن مان آ
اجنبي هوندي به چڱن يارن مان آ

پاڻ کان پيارو اسان پانهنجن ٿا ٻه
اي پرين! جي کو سنڌ پيارن مان آ

هن زمين تي ڪوئي ڪوئي آدمي
چڱن ڪتين مان آهه يا تارن مان آ

جنهن محبت نام ڪئي سو اي "اياز"
زندگانيءَ جي گنهگارن مان آ

(٣٢)

مسلکِ زندگي اچا تائين
ناهه سوداي خام کان بهتر

ڪنهن به انسان جو گدازِ دل
هر خدا جي ڪلام کان بهتر

آهه هڪڙي گهڙي محبت جي
زندگيء دوام کان بهتر

هن جهانِ خراب ۾ چا آ
ذوقِ مينا و جام کان بهتر!

ڪوئي شاعر اچا تہ جانِ "اياز"
ناهه تنهنجي غلام کان بهتر

(٣٣)

اسان جي دل اوهان جو حسن، جي ملندا ته ڇا ٿيندو
ڪٿي جنت ڪندا آباد پنهنجي ڪا، ته ڇا ٿيندو

جهان ۾ نو! اوهان جي زلف ۾ برهم جا هي سودائي
جڏهن دارورسن تي جهومندا ويندا ته ڇا ٿيندو

خوشيءَ جا راڳ ڳائيندا ٻه ڪيسين آشيان وارا!
قفس آه و فغان سان گونجندا رهندا ته ڇا ٿيندو

اسان جو عشق هائي مثل ۾ موج پرسڪون آهي
اگر آئلي پيو هڙو حسن جو دريا ته ڇا ٿيندو

جڏهن تون دور آهين، ايتري بي چين آهي دل
قريب آئين اگر تون اي پرين پيارا ته ڇا ٿيندو

اجايو زندگانيءَ ڀر سپون سونجهيون سي ساحل تي
نه ملندو جيڪڏهن هو گوهر يڪتا ته ڇا ٿيندو

وطن تنهنجي تصوّر جو ”اياز“ آخر ڪٿي آهي
ڇٽي ڏيندين اگر ڇڏيندا وطن وارا، ته ڇا ٿيندو

(٤٤)

ٻي خبر ناهه، پر مرڻ کان پوءِ
تو سان ڳڌجڻ جون حسرتون رهنديون

جام و مينا رهي، رهي نه رهي
منهنجي اکڙين جون ڏتون رهنديون

زندگــي تلخ آ، هجي تہ هجي
روح ۾ سو ملاحتــون رهنديون

سرحدِ غم قريب آ اي دوست
سات ڪيسين محبتــون رهنديون

تنهنجي پهلوءَ ۾ ڪيستائين دوست
ابنِ آدم جــون جنتون رهنديون

شاه کان پوءِ اي "اياز" پڌاءِ
سنڌ ۾ ڪنهن جون آيتون رهنديون

(٣٥)

فيض آ ڪنهن جي آشنائيءَ جو
زندگي مير آ مٺهائيءَ جو

ساري انسان ذات کان بهتر
ڪوئي محرم شب جدائيءَ جو

تو هلي ذڪر آسمان ۾
آه جي عزم نارسائيءَ جو

جئن اکڙين ۾ برق چمڪي ڪا
ويو کلي راز آشنائيءَ جو

(٣٦)

چا چوان آ ڪير مهمان، اي اديون
آ اڱڻ ۾ چنڊ سون سان، اي اديون

رات پر منهنجي ڪنولي تي، مٿان
چنڊ گهوريو ٿي عجب مان، اي اديون

نينهن آيو مينهن وانگر، هاءِ هاءِ
پيو اڙي دل جو گلستان، اي اديون

هاءِ مان هن کي ڏيان ڪهڙي ميار
ڪنهن نيايو ناهه ڪنهن سان، اي اديون

زندگي ڪاريون گهٽائون ٿي وئي
حال هن جو هو پريشان، اي اديون

حاصلِ صد زندگي آهي اگرچ
بي وفا آ عمرِ انسان، اي اديون

هي سڪوتِ شام ۽ هي ڪونجڙيون
هي اڪيلو روحِ انسان، اي اديون

سنڌ جو هي شاعرِ يڪتا "اياز"
آهه ڪنهن جي ليءِ غزل خوان، اي اديون

(٣٧)

ها آءٌ گنهگار، گنهگار، گنهگار
مون پيار ڪيو، پيار ڪيو، پيار ڪيو، پيار

تون نور به آن دور به آن، چنڊ به ناهين
سرهاڻ به آن ساڻ به آن، گل به نه آن يار

تون زلف لب بام وڇائين نه وڇائين
آ هي به غنيمت ته هجي سايهٔ ديوار

هي غنچه و گل، هي مه و انجم، هي مئي و جام
بس آهه گهڙيون چار، ميان آءٌ، اکيون ٺار

پُر آهه مئيءِ حسن سان ميخانهٔ هستي
تون پيءُ سدا جيءُ، ڪڏهن ٿيءُ نه هشيار

ٿي ساهه ٿيو پاهه، اسان پور ڪنئي سي
اي حسن ازل تنهنجا ته پرپور ها پندار!

معلوم نه آ منزل ادراڪ مسافر
جي پيار ڪري چانو، ذرا ويهه، گهڙي گهار

ساحل به نه گهرجي، ته سفينو به نه گهرجي
تون آءٌ اچي تار، اچي تار، اچي تار

هن ڪي ته چڏي ڏينس پيڻ لاءِ جيڻ لاءِ
هي شاعر آفاق "اياز" آهه، اڙي يار

(٣٨)

اي اسيران شب ڀڏو سون کي
ڪنهن جي زلفن جو داستان هان مان

غم نہ ڪر هن جهانِ تيره ۾
چانڊني! تنهنجو پاسبان هان مان

دامنِ تر تي وڃ نہ اي واعظ
چشمِ قطرت جو رازدان هان مان

گرچہ ڪک پن هان باغِ هستيءَ جو
پو بہ تنهنجو ئي آشيان هان مان

ڪنهن نئين آفتاب جو پيارا
هڪ شفق-رنگ داستان هان مان

ڪيئي ميخانا بي وڃو آهيان
تنهنجيءَ اکڙين جو امتحان هان مان

ائن سندءِ آرزو پٺيي مهڪي
چڻ تہ مکڙين جي درميان هان مان

(٣٩)

دلِ افسرده جون تمنّائون
هو سراپا بهار ڇا ڄاڻي !

جو گهٽائن جي روح تي گذريو
پندِ پرهيزگار ڇا ڄاڻي

تنهنجي قدمن جي بي نيازيءَ کي
سجدهٔ رهگذار ڇا ڄاڻي

آرزوي ثباتِ ساحل کي
موجهٔ بي ڪنار ڇا ڄاڻي

موج مَيءَ تي روان آ ڪشتيءِ عمر
حسنِ معصوم پار ڇا ڄاڻي

منزلِ زيست اشڪِ خونين آ
ڪاروانِ بهار ڇا ڄاڻي

خلشِ حسرتِ گناه سندم
تنهنجو پروردگار ڇا ڄاڻي

(٥٠)

ڪجھ بهارن ۾ گل چنا ها مون
خلش نوڪ خار باقي آ

ڪاروانن ڪي ڪير ٿو ڳولي!
ڏس ته ڪنهن جو غبار باقي آ!

تون ملي وئين اگرچه ڇهري تي
گرد ليل و نهار باقي آ

توسان ڳالهيون ڪيليس پر اکڙين ۾
اشڪ بي اختيار باقي آ

مدتون ٿي ويون اچا تائين
بوي پهلوي يار باقي آ

اڄ هو راتيون ڪٿي "اياز" مگر
ياد گيسوي يار باقي آ

(۵۱)

رنگ و بو جا غبار هوندا ها
همسفر جڏهن بهار هوندا ها

هاءِ سا رات جو سندءِ گيسو
ماهه ۾ مشڪبار هوندا ها

هاءِ سو صبح جو سندءِ عارض
قاصدانِ بهار هوندا ها

هاءِ ڪئن گردنِ محبت ۾
آرزوئن جا هار هوندا ها

اڄ انهن جي چپن تي آهي رک
جي ضميرِ شرار هوندا ها

تن تي افسردگي وسي ٿي "اياز"
جي خداي بهار هوندا ها

(٥٢)

آرزوءَ سان نجات ڪا معلوم؟
زندگي تنهنجي ذات نا معلوم

گل ٽڙن ٿا ڇڏي وڃڻ جي لاءِ
مدّعاي صبا خدا معلوم

موجِ خواب تي روانِ آهيون
انتها آ نہ ابتدا معلوم

هيءَ لڳاتار جستجو ڇا لاءِ!
نيست ڇا؟ آ نجات؟ نا معلوم

ڇڻ ابد تائين آ جلڻ ۽ جاڳ
خوابِ هستيءَ جي انتها معلوم

آئي ٿي ڪفر جي پڻي خوشبو
شعر ٿيا ٿي "اياز" جا معلوم

(٥٣)

موج مئيء تي روان دوان ڪوئي
آهه سهڻو سڄڻ اچان ڪوئي

صحن منهنجي ۾ آهه چانڊوڪي
آيو آهي پريان پريان ڪوئي

ميڪده ۾ اچي مجسم ٿيو
تنهنجي اکڙين جو داستان ڪوئي

بوي مئيء سان غبار راهه پري
جهومندو آيو ڪاروان ڪوئي

هن زمين کان وڌيڪ سهڻو آ
زاهدا ! ڏس ته آسمان ڪوئي

(٥٣)

زندگيءَ جي غمن تي ڇانو اگر
نہ ڪري تنهنجو غم، وڃان ڪيڏانهن

تنهنجي اکڙين جي زيرِ سايہ هان
محوِ خوابِ عدم، وڃان ڪيڏانهن

منهنجا معبود! تون ڪٿي آهين؟
ڇڏي دير و حرم، وڃان ڪيڏانهن

مختصر آهہ پر اگر نہ ٿئي
داستانِ الم، وڃان ڪيڏانهن

نہ ڪيو قدر سنڌ هاءِ "اياز"
خونچڪان آ قلم، وڃان ڪيڏانهن

(٥٥)

تنهنجي اکڙين مان پيتي آ جنهن مَٽي
سو سدائين خمار ۾ آهي

تنهنجي مُکڙي مان جنهن چکيون مُرڪڙيون
سو هميشه بهار ۾ آهي

هاءِ تنهائي! تنهنجو وهم حسين
جنهن نه ڪوئي ڪنار ۾ آهي

سو مزو گلشن جهان ۾ ڪٿي
جو دل داغدار ۾ آهي

ڪيتري سادگي ۽ محجوبي
هن تغافل شعار ۾ آهي

(٥٦)

نہ ڇڏيندو اٿيئن غمِ دوران
هو صراحي ڀري، ڪٿي آهي

اڄ تہ ڪائي خلش نہ آ دل ۾
ناوڪِ دلبري ڪٿي آهي

ياد جنهن جي اچي ٿي پل پل
سا خوشيءَ جي گهڙي ڪٿي آهي

آخر انسان جي منزلِ مقصود
اي خدا! اي خودي! ڪٿي آهي

ساحلِ آرزو ملي نہ ملي
هوءَ حسين موج ڀي ڪٿي آهي

(۵۷)

راتِ جي وقت تنهنجي عرياني
پرتوِ ماهتاب آ گويا

اڄ ڀري ٿو بهار ۾ هر گل
ڏس ته تنهنجو شباب آ گويا

حسن تنهنجو اسان جي حيرت جو
هڪ مجسم جواب آ گويا

تنهنجي اکڙين مان تشنگي نه بجهي!
ساري دنيا سراب آ گويا!

شام جو لهندي سج جي پردي ۾
ڪوئي غرقِ شراب آ گويا

(٥٨)

ڪنهن ڪنول کي چميو هيو سون رات
هڪ مئو گيت ٿي لڳي پربات

مشڪ بو ٿي ويو هو منهنجو صحن
تنهنجي زلفن ۾ ليٽي هئي رات

بان ستارن جي سونهن ڪان وچڙي
ماڪ وانگر ڪٽي بسر اوقات

هيءَ سرءَ جي اداس چانڊوڪي
رات خاموش، جيءَ ۾ جذبات

ڪوئي غم مان قرار ناهه ”اياز“
جڏ محبت به ٿي وئي آ مات

(٥٩)

چنڊ ! تنهنجي ننڊ ٽوڪان ڪنهن ڪسي
چنڊ ! ٽوڪي گهاو ڪنهن جا گهائي ويا

رات آڌري روح منهنجي سان چڪور
ڳائي ڳائي چنڊ کي ريجهائي ويا

او ڪلهہ وارا ! ٻہ ٽي مکڙيون تہ ڏينم
پاند سيئي تو وٽان مهڪائي ويا

هڪ گهڙيءَ ۾ اي پرين تنهنجا ڪنول
آگ ڪائي چت لڳن ۾ لائي ويا

راز جيڪو ڪنهن پيمبر حل نہ ڪيو
اي پرھ ! تنهنجا ٻڪي سمجهائي ويا

(٦٠)

زندگيءَ جي رُڃ ۾ زخمي هرڻ
ٿا پڪارن، ڪو وڃي پاڻي پرڻ

تو وڃان ترهو تصوّر جو ڪٽي
اي ازل! سان تار تنهنجي ۾ ٽرڻ

چنڊ مکڙي ڳالهه ڪئي مون کي ڳُجهي
سان تڏهن توتي ڪلان ٿو اي مَرڻ!

تند منهنجيي چنڊ سان لائون لهي
جهومندي نچندي لڳي واٻس ورڻ

راڳ ڪائي آڳ ٻاري آ ”اياز“
ڳانڍو جنهن ۾ لڳو ٻهه ٻهه ٻرڻ

(٦١)

ايَ صراحي پڪار، ڪو آهي؟
ميڪده هئن خموش ڇو آهي!

هن جهانِ وسيع و تنـها ۾
ڪجهه محبت جو آسرو آهي

ميڪدي جي اُداس سانجهيءَ ۾
ڪير ڇوندو پيئڻ ٻرو آهي!

هر تغزل پـري تمنّا جـو
لبِ محبوب قالبو آهـي

بهتر آهـي وسام شمعِ سحر
ختم ٿي رات، سوجهرو آهي

ڪاروانِ حيات کي تـرساءِ
هر مسافر ٿڪو ٽٽو آهـي

اڄ ۾ تنهنجي ڇپن جو آ ميناج
شعر شايد "اياز" جـو آهي

(٦٣)

ڪنج ويران وسعت آيام ۾
سايه مهتاب پنهنجي جام ۾

سون شفق مان ٿي چڪا سورج مٿي
هو جڏهن آيو نقاب شام ۾

ڪنهن نه ڇاتو، خوگر پرواز جي
عمر گذري آرزوي دام ۾

هاءِ سو پل! ٿي ڏسي خودڪي جڏهن
زندگي آئينه انجام ۾

هي شفق ۾ آشيان، هي سرد واءُ
اڄ ته اڏري آ سرءَ جي شام ۾

ڪجهه ته هو، جو دام تي ڊوڙي ويس
زندگي گذري پيئي آرام ۾

شب پرستو! ننڊ مان جاڳو، اٿو
آفتاب آيو اسان جي جام ۾

شاعر سرمست آهيان، گرچ هان
سرمد و منصور عرفِ عام ۾

سو نہ 'رومي' ۾ نہ 'رازي' ۾ "اياز"
سون ڏٺو جو 'حافظ' و 'خيام' ۾

(٦٣)

اکڙيون جو پل لاءِ پوريون سي ڪيئي پيارا ويجهو ها
وڇڙي ويا جي ورهين کان سي جيءَ جيارا ويجهو ها

پو بہ اسان جي روح نہ پاتو پنڪي پنڪي چين
تنهنجون اکڙيون مڌ جون پياليون ڪيئي سهارا ويجهو ها

ڪيئن چوان چا لاءِ چڪن ٽيون لهريون ۾ لس ليٽ
پوءِ بہ اونهي سان ٽڪياسي گرچ ڪنارا ويجهو ها

ڪيئن چوان او ڪيئن چوان چا لاءِ ٽلياسي ٽانڊن تي
جيءَ اسان جي ۾ هئي جهرمر چنڊ ستارا ويجهو ها

دور ويا مجبور هيا، ويا سپرين پنهنجو ساٿ ڇڏي
پو بہ "اياز" اسان جي دل کي هو دل وارا ويجهو ها

(٦٦)

زندگي گذري تلاش يار ۾
ڪوچه گرديءَ ۾، صدا ۾، سار ۾

روز و شب جڻ ٿيي رهي ساغر بدست
ڪائي صورت ديدهء خونبار ۾

ڏس ته، پوکيندو رهيو آهيان گلاب
زندگي تنهنجي مسرت زار ۾

چنڊ ڇايو آهه، ويٺو آ "اياز"
ميڪدي جي سايهء ديوار ۾

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

٠١ بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	-/٢٠
٠٢ جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٣ اڌ ملاقات (خط)	طارق اشرف	-/٢٠
٠٤ جيل ڳهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٥ جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢)	طارق اشرف	-/١٢
٠٦ زندگيءَ جو تنها مسافر(ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٧ ٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	-/٢٠
٠٨ بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
٠٩ اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
١٠ رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
١١ ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١)	—	(ختم ٿيل)
١٢ ٿڌا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
١٣ وايون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/١٢
١٤ ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون(ڀاڱو٢)	—	(ختم ٿيل)
١٥ بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/١٢
١٦ شڪليون (خاڪا)	عبدالقادرجوڻيجو	(ختم ٿيل)
١٧ يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
١٨ ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
١٩ عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
٢٠ دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
٢١ دل جو بندر (ناول)	اڊورڊ آئيويس/نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
٢٢ رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	-/١٢
٢٣ درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
٢٤ ڪنهن سان سور سليان	مرتب: فيروزاحمد	(ختم ٿيل)
٢٥ فڪر جي آزادي	آسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
٢٦ منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/١٦
٢٧ غلامن جو پيڙو(ناول)	ايرڪ ڪاردر/دوست محمد پٽي	(ختم ٿيل)
٢٨ سي ٽي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/١٥

٢٩. عاشي(ناول) هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٣٠. سي پيڙيون رکين پاڇهه سين (سفرنامو) الطاف شيخ -/٢٠
٣١. سڌارٿ (ناول) هرمن هيس/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٣٢. ڇپان رس (ڪهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٣٣. روح جي ڳولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٣٤. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف (ختم ٿيل)
٣٥. سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٣٦. سورج هوندي مرجهايل(ڪهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٣٧. آسيه (ناول) هينري رائڊرهئگرڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٣٨. قلندر (ڪهاڻيون) قرت‌العين حيدر/مدد علي سنڌي -/١٢
٣٩. الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٠. سزا جا سڪ آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي -/١٢
٤١. بهترين سفرناما الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٢. للڪار(ڪهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٤٣. ڏکل سريت(ڪهاڻيون) البرتوموراويا/وليرام ولڀ -/١٥
٤٤. لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٥. تصوير جو خون . آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي -/٢.٥
(پڪچر آف ڊورين گري) (ناول)
٤٦. حليم شو حليم بروهي (ختم ٿيل)
٤٧. پارن جون آڪاڻيون الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٨. سپون خليل جبران/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٤٩. سفر يورپ جي ڊائري(سفرنامو) قاضي عبدالمجيد عابد -/٢٥
٥٠. آزادي خاطر (ڪهاڻيون) مرتب: فيروز احمد (ختم ٿيل)
٥١. چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون) ماهتاب محبوب -/١٦
٥٢. مس سدا بهارچنبيلي (ناول) الطاف شيخ -/٢٠
٥٣. پيار ڪهاڻي (ناول) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٥٤. نيگروعشق ۽ بغاوت ڪرسٽوفرنڪول/نصيراعجاز (ختم ٿيل)
٥٥. شرم پوني (ناول) گوبند مالهي -/١٢

٥٦. اکين ايڻن هياس (جلد ١)	فضل احمد بچاڻي	-/٢٠
٥٧. پره کان پهرين (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/١٦
٥٨. بلنديون (ناول)	نجم عباسي	-/١٦
٥٩. ريج ۽ پاڇا (ناول)	موهن ڪلپنا	(ختم ٿيل)
٦٠. مون توکي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيرانند اڻي	(ختم ٿيل)
٦١. آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	-/٢٠
٦٢. شاهه لطيف جي شاعري	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
٦٣. آپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوٿي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	(ختم ٿيل)
٦٤. موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٦٥. اڏو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	-/١٢
٦٦. ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٦٧. دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	-/٢٠
٦٨. پيغامبر	خليل جبران/ستار	(ختم ٿيل)
٦٩. همہ اوست (ناول)	آغا سليم	-/٢٠
٧٠. اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	-/١٢
٧١. آئيني جي اکيان	١٧ ساهتڪار	-/١٢
٧٢. چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٧٣. لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/٢٠
٧٤. اڻون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	(ختم ٿيل)
٧٥. ٻہ ننڍا ناول (ٻہ ناول)	آغا سليم	-/٢٢
٧٦. اکين ايڻن هياس (جلد ٢)	فضل احمد بچاڻي	-/٢٤
٧٧. رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٧٨. واٽ ويندي	علي احمد بروهي	-/٣٠
٧٩. مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/٢٥
٨٠. ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	-/١٥
٨١. ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	-/٣٥
٨٢. سنگاپور ورندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/٢٥
٨٣. چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	-/١٦
٨٤. ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي	شيخ اياز	-/١٥

٨٥- ست يوگو-سلاوياٽي آکاڻيون — جڳت آڏواڻي — -/١٠

٨٦. ست ڪشميري آکاڻيون — اخترمحيعدين/ايشورچندر — -/١٢

٨٧. پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري) — آغا سليم — -/١٠

٨٨. ڪوالالمپورڪجهه ڪوه (سفرنامو) — الطاف شيخ — (ختم ٿيل)

٨٩. ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري) — شيخ اياز — -/٥٥

٩٠. سڏن مٿي سڏڙا — علي احمد بروهي — -/٢٥

٩١. گانڌي — لوئي فشر/نجم عباسي — (ختم ٿيل)

٩٢. ٽٽل کنپڙاٿيون — خليل جبران/عبدالله الفائز — (ختم ٿيل)

٩٣. ماستر هريامجو بئنڪاڪ وڃڻ.... — الطاف شيخ — (ختم ٿيل)

٩٤. ڪي جو پيچل پوليو (شاعري) — شيخ اياز — -/٢٥

٩٥. سرهي سرهي سار (سفرنامو) — ماهتاب محبوب — -/٣٥

٩٦. خط، انٽرويو ۽ تقريرون — شيخ اياز — (ختم ٿيل)

٩٧. دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو) — الطاف شيخ — (ختم ٿيل)

٩٨. ڏيئا تيل ٿليل جا — علي احمد بروهي — -/٣٠

٩٩. راج-گهاٽ تي چنڊ (شاعري) — شيخ اياز — -/٤٠

١٠٠. موتي جي مهراڻ جا — مرتب: فيروز احمد — -/٥٥

١٠١- تلاش (ناول) — نجم عباسي — -/٣٠

١٠٢- لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري) — شيخ اياز — -/٢٠

١٠٣. ڏاهي جهرڪي ۽ پيون آکاڻيون — الطاف شيخ — -/٣٥

١٠٤. مرڻ مون سين آهه (ناول) — سراج — -/٤٠

١٠٥. پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) — سراج — -/٤٠

١٠٦. رات وچ ۾ (ناول) — بريٽ هيليڊي/فضل احمد بچاڻي — -/٢٠

١٠٧. ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي (شاعري) — شيخ اياز — -/٣٠

١٠٨. اک سور (ناول) — رابندر ناٿ ٽئگور — -/٥٠

١٠٩. جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو) — الطاف شيخ — -/٣٠

١١٠. رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون) — امر جليل — -/٣٠

١١١. ماسترياڻي (ناول) — مترجم: نجم عباسي — -/٢٥

١١٢. آکن نيرا ٿليا (شاعري) — شيخ اياز — -/٣٠

١١٣. منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول) — سراج — -/٤٠

۱۱۴.	رڻ ۽ رڃ جو اتهاس (ڪهاڻيون)	نورالهدىٰ شاهه	۳۰/-
۱۱۵.	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	۲۵/-
۱۱۶.	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	۴۵/-

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ



اياز سنڌي ادب جي هڪ نرالي ۽ منفرد شخصيت آهي، قدرت ڪيس جنهن لافاني ذات سان نوازيو آهي اُها هن لاءِ ڪيترن ئي ڏکين مرحلن مان لنگهڻ جو ڪارڻ پئي بڻي آهي، پوءِ به هن ادب جي راهن ۾ سدائين ثابت قدم رهندي، لڳ ڀڳ سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ادب جي هر دور سان نباهڻ لاءِ وٽس جذبو ۽ جستجو آهي.... وقت ۽ دور ڪتابن ۾ قيد رهجي ويندا آهن پر اياز جا لکيل ڪتاب، وقت جي هر لمحي سان گڏ رُوڪ وڌائيندا هر دور ۾ نواڻ ۽ تازگيءَ جي احساس سان ذهنن کي مالا مال ڪندا رهن ٿا. ائين لڳندو آهي ته ماضي، حال ۽ مستقبل جون سڀئي ڪڙيون سنڌس ڏسي مُٺ ۾ هجن، جنهن جي گرفت ڪڏهن به ڍري ناهي پوڻي.

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنـي e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل . پ ن   The Reading Generation

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لِڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهن سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽڪر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)